

سَرَ لوهيڙا ڳڀا
شيخ اياز

# سَرَ لوهيٽا ڳڀيا

# سَرَ لوھيڙا گيا

## شيخ اياز

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي مُحمد. حيدرآباد سنڌ.
1993ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ ستر

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪشنس<br>ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ. |
| ڇپيندڙ | ذڪي پرنٽنگ پريس ڪراچي. |
| ٽائيٽل ڪيليگرافي | شاهد گل پيو |
| پهريون ايڊيشن | فيبروري 1993ع |
| قيمت | 100/- رپيا |


(سڀ حق ۽ واسطا اداري جا قائم)

*SRA LOHEERA; GABHYA: Written by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sindh, Pakistan. First Edition: February, 1993. Price Per Copy: Rs. 100/-*
*Book No. 170*

# انتساب

محمد ڪيولرامائيءَ جي نالي،
جنهن مونکي جديد ادب،
سياست ۽ تاريخ سان روشناس
ڪرايو

شيخ اياز

مَڌ پيئندي مُون، ساجن صحيح سڃاتو.
(ڀٽائي)

## ٻه اکر

مان **قاضي منظر حيات** جو شڪر گذار آهيان، جنهن ساڍهه ٻه سال محنت ڪري اهي ٻارنهن ڪتاب، ٻيا مهاڳ ۽ انٽرويو خوشخطيءَ سان نقل ڪيا، جي مون اِنهيءَ عرصي ۾ لکيا ها. هُو ان ڳالهه جو عيني شاهد آهي ته ڪيئن نظم ۽ نثر ٻئي، مون تي برسات وانگر ايندا ها. هن اهي چارئي هارٽ اٽئڪون به اکين سان ڏٺيون، جن جي پرواهه نه ڪندي، ڊاڪٽرن جي مشوري خلاف، مان اسپتال ۾ به لکندو رهندو هوس.

ش – ا

سِرائي ۽ ناتارا پيدا ڪيا. اها وچوڙ ڪارل مارڪس ڏني آهي ۽ مٿين جملي تي نظر وڌي ويندي ته هن تعليم يافته ڪي ڪوليءَ ۽ واڇيري جي وچ ۾ آندو آهي. مارڪس جي انقلابي نظرئي موجب ادب طبقاتي انقلاب جو ذريعو هو ۽ انقلاب کان پوءِ ان جي ترقيءَ جو اظهار هو. روس ۾ انقلاب کان پوءِ ٧٥سال اهڙو ادب پيدا ڪيو ويو، جنهن جي اهميت گورباچوف جي گلاسنوسٽ ۽ پيرسترائيڪا کان پوءِ گهٽجي وئي ۽ يو.ايس.ايس.آر جي خاتمي کان پوءِ بنهه نه رهي. شولوخوف ۽ گورڪيءَ کان قطع نظر (جيتوڻيڪ انهن جي ادب جي به پنجانوي فيصد اهميت گهٽجي وئي آهي.) اهو روسي ادب، 'ادب برائي زندگي' نه پر 'ادب برائي موت' ثابت ٿيو. انقلاب کان اڳ جا اديب تالستاءِ، دوستو وسڪي، چيخوف، گوگول وغيره فقط حقيقت نگار هيا جيتوڻيڪ انهن جو سوشلسٽ حقيقت نگاري سان واسطو نه هيو. سوشلزم جي خاتمي کان پوءِ به انهن جي تخليقن جي ساڳي اهميت آهي جو ته اهي دنيا جا عظيم ترين حقيقت نگار اديب هيا ۽ اهي سماجي ڦيرگهير جا ته قائل هيا پر طبقاتي انقلاب جو انهن ۾ پاڇو به نه آهي. گذريل ٧٥ سالن ۾ اڳين سوويٽ يونين جا فقط اهي اديب اهم آهن، جي ان دؤر ۾ سولزي نتسن وانگر عتاب هيٺ رهيا. ايئن آهي ته فرانس جي مٿي ذڪر ڪيل زوال پذير دؤر ۾، فرانس جو سماجي ڍانچو ته ڊانوادول هو پر پوءِ به ان ۾ شڪ نه آهي ته پنهنجي "بي سلطنت" ۾ فرانس عالمي ثقافت تي غلبو حاصل ڪري ورتو ۽ اهو غلبو ايئن نه هو جيئن ان کي لوئي ١٤ جي دؤر ۾ هو. پئرس نئين سر تعمير ڪئي وئي ته دنيا جو ڌيان ان ڏانهن ويو. پئرس کي عظيم ۽ بلڪل جديد دارالسلطنت بڻايو ويو. ان جا ويڪرا رستا، ننڍيون سڙڪون (Boulevard) ۽ پارڪ (وندرگاهه) ١٨١٥ع واريءَ وڏيءَ نمائش ۾ انگلنڊ کي مات ڏئي ويا.

دنيا جي اها ڳولها ڦولها اديب ۽ شاعر کان وڌيڪ مصوّر جي حصي ۾ آئي ۽ هن جي سماج کان اقتصادي علحدگي ۽ لاغرضي هن کي 'آرٽ آرٽ لاءِ' جي نظرئي ڏانهن ڌڪي وئي. ايئن ته آرٽ جا نوان خيال ادب ۾ به ظاهر ٿيا ۽ آرٽ انهن جي اهميت وڌائي، پر پوءِ به 'آرٽ برائي

انسان خدا جي تلاش ۾ ' چيو آهي ته هن دؤر جي سکيا جو نتيجو اهو نڪتو آهي، جو ماڻهو جو ويساهه جو هڪ ڊِڪيءَ وانگر هو، اوچتو ڍهي پيو آهي. سائنسدانن جي تعليم هن ۾ شڪ پيدا ڪيو آهي ته هو خدا جي تخليق جي منتها نه آهي:'

جُنگ * جي نظر ۾ ماڻهو هن وقت خدا لاءِ اکٽ بک ڪڍي رهيو آهي. هن جو انهيءَ خدا ۾ ڪو اعتبار ته نه رهيو آهي جو هن جو پيءُ آهي، پوءِ به هو ڪنهن نه ڪنهن پدري شفقت لاءِ ليٽڙون پائي رهيو آهي. هو هڪ آتي ڏکي ۽ ڏجهاري بي سلامتيءَ جا سور سهي رهيو آهي، جڏهن هو هن پوائتي، اپار ۽ بي پروا ڪائنات تي سوچي ٿو جا هن کي سائنسدانن جي فتوائن ڏني آهي.

مارٽن بيوبر (Martin Buber) ✲ لکيو آهي ته، "انسان پاڻ کي هن ڪائنات ۾ نڌڻڪو ٿو سمجهي." اها Angst بي شمار ڦيرگهير سان ساهت ۾ اظهاري وئي آهي. مان جڏهن ڪاليج جي پهرين سال ۾ پڙهندو هوس ته ٿامس هارڊيءَ جا ناول پڙهندو هوس جن ۾ ماڻهوءَ جي سربستي دُردشا ڏيکاري وئي هئي. هن جي سوچ ويچار تي وِسواس ۽ سنسي جا ڪارا ڪڪر ڇاڇاوان وجهندا ها، جڏهن هو ڳيرو هو تڏهن ڪان انجيل کي گمان جي نگاهه سان ڏسندو هو ۽ ڊارون جي ارتقا جي نظريءَ کان متاثر هو. جيڪڏهن هي مانداڻ سارو ميڪانڪي هيو ته پوءِ انهن اخلاقي ۽ روحاني قدرن جي ڪهڙي اهميت هئي، جي ماڻهو صدين ڪان ساهه سان سانڍيندو رهيو هو ۽ جن کي هو زندگيءَ جي ملهائتي هڙ- حاصل سمجهندو هو؟

هارڊيءَ ايئن محسوس ٿي ڪيو ته ماڻهو ڇوليءَ تي ڪک پن وانگر، انڌاري کان انڌاري تائين، لڙهندو ٿو وتي ۽ هن جي ان رولڙي پنيان ڪائي بي ڪهل، گيت ۽ اوچي شڪتي آهي. جڏهن هن جي

* جُنگ (١٨٧۵ع کان ١٩٦١ع تائين): نفسيات جو ماهر، جيڪو قوميت ۾ سوئيس (Swiss) هو ۽ تجرباتي نفسيات جو باني هو.

✲ مارٽن بيوبر (١٨٧٨ع کان ١٩٦۵ع تائين): يهودي فلسفي ۽ معلم هو. هن کي ويهين صديءَ جو وڏو مفڪر مڃيو ويندو آهي.

رڳو جرمن ناول نويس ايرڪ ميريا ريمارڪ * (Erich Maria Remarque) جو ناول ”اولهه واري سرحد تي چپ چپات آهي“ ۽ روسي ناول نويس سولزي نتسن جو ناول ”آگسٽ ۱۴“ پڙهي ڏسندا ته اکين اڳيان اهي دهشت انگيز واقعا ڦري ويندا جي ان جنگ ۾ ٿيا ها.

ٽيهين واري ڏهاڪي ۾ مسوليني جي فاشزم ۽ هٽلر جي نازي ازم جو اقتدار ۾ اچڻ، ٻي مهاڀاري لڙائي، بيلسن (Belson) ✣، بڪن والڊ (Buchenwald)✱، اوش وتز (Aush Witz)✫ ۽ ڊاچو (Dachau) ✲ (ڪيترا نه ڪتاب پڙهيا آهن مون اٽليءَ ۽ جرمنيءَ جي ظلم ستم تي!) ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ جپان جي درندي صفتي، ۱۹۱۷ع ۾ روس جو انقلاب ۽ ۱۹۹۱ع ۾ يو.ايس.ايس.آر جي ستياناسي ۽ ان جي وچ ۾ ٻن ملين کان وڌيڪ ماڻهن جو قتل، گرفتاريون، آرٽ ۽ ادب تي پابنديون ۽ ٻيا ڪيئي جبر، اسان وٽ ورهاڱي جا راڱا، جن تي ٻيا سوين ڪتاب ته نهيو، پر ڪرشن چندر جو ’هم وحشي هين‘، خوشونت سنگهه جو ناول Train to Pakistan، چمن نهال جو انگريزي ناول Azadi ۽ لئري ڪالنس ۽ ڊومنيڪ لاپيئري جو Freedom at Midnight اهو ڏيکارڻ لاءِ ڪافي آهن ته ماڻهو ڪيئن مرون ٿي پيا ها ۽ ٻيون هزارين ڳالهيون جي روح کي اڃا مهتا ڏئي رهيون آهن.

ورجينا وولف◆ ته ٽيهين واري ڏهاڪي ۾ ۽ آرٿر ڪوئسلر ۱۹۸۳ع

---

* ايرڪ ميريا ريمارڪ: (۱۸۹۸ع کان ۱۹۷۰ع تائين): جرمن - آمريڪن ناول نويس.

✣ بيلسن: ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ هنوور کان ۲۵ ميل پري ڪنسينٽريشن ڪئمپ (خاردار لوڙها) (Concentration Camp) جتي جرمنيءَ جا مخالفن لاءِ (خاص ڪري يهودين لاءِ) ڪوس - گهر هوندا هئا.

✱ بڪن والڊ: وچ جرمنيءَ ۾ ڪنسينٽرين ڪئمپ.

✫ آوش وتز: يهودين لاءِ جرمنيءَ ۾ ڪوس - گهر.

✲ ڊاچو: جرمنيءَ ۾ هڪ ريل جنڪشن، جا ميونخ کان ڪجهه ميل پري آهي ۽ جتي ۱۹۴۵ع ۾ يو.ايس جي فوج جرمن ڪئمپون ڳولي لڌيون هيون، جتي غلامن وانگر پورهيو ورتو ويندو هو.

◆ ورجينا وولف: (۱۸۸۲ع کان ۱۹۴۱ع تائين): برٽش ناول نگار ۽ ادبي نقاد.

۾ آپگهات ڪيو هو ۽ اردو شاعر ن.م.راشد جو لاش هن جي وصيت موجب جلايو ويو. اهي سڀ Angst جا نتيجا ها ۽ اردو شاعر مصطفيٰ زيديءَ جي خودڪشيءَ وانگر نہ ها. اردو شاعره سارا شگفتہ جي خودڪشيءَ ۾ Angst جي ڪيفيت انتها تي پهتل هئي.

جرمني ۾ بي مهاڀاري لڙائي هلندي، ماڻهن جي ڪلن مان ميز - ٻتين جا ڍڪ (Shade)، ماڻهن جي ميچالن مان ٺهيل صابڻ، گئس چيمبر، ننڍي ڪنڌ ۾ ڪوڙيل مٿن سان ننگين عورتن جا جلوس، انهن جا ڪپيل ٿڻ، مُکرن موتين جهڙا پار هوا ۾ اڇلائي نيزن جي نوڪ تي جهَتيل، ڪوهہ جن ۾ پيئڻ لاءِ پاڻيءَ بدران ماڻهوءَ جو رت هو ۽ جن ۾ لاش سٽيا پيا ها، پاڙن جا پاڙا، اکين پوت، انڌا، نرلجا، ڦورو، ڪاتڙيا، ڪپتيا ۽ رت پياڪ، ان کان پوءِ ائٽم بم جي گناهہ جو احساس، هيروشيما، ناگاساڪي، سڙيل ماس، ڦريل منهن، لڙڪيل چمڙيون، سڪل ڏڙ، ٽنڊا منڊا، ڏنگا ڦڏا، ڪوجها، ڪُروپ، ڪريہ جهڙا. 'آنڌ مانڌ جي دؤر'، 'ڳريءَ پٽا جي دؤر' کي آندو، 'هيبت ۽ هراس ۽ دهشت گرديءَ جي دؤر' کي آندو. ان کان پوءِ هئڊروجن بم جي ايجاد تي ۽ هراس کي اڃا وڌايو ويو. هڪ نئون سائنس فڪشن (Fiction) وجود ۾ آيو. جنهن ۾ اتي ڏماڪا، جراثيم سان ويڙهاند، خلائي جهاز ۽ مارس (Mars) گرهہ تان راڪاسن جون ڪاهون!

خود منهنجي زندگي ڪيتري نہ آنڌ مانڌ سان گذري آهي: شهر نيڪاليون، جيل، حملا، گهر بدري، پرپٺ هر شيءِ جي چوري! جڏهن ڪان ون يونٽ واري دؤر ۾ مون تي فريئر روڊ سکر تي حملو ڪيو ويو هو (منهنجو ڏوهہ اهو هو تہ مون شهرين کي امن سان رهڻ لاءِ سکر جي رستي رستي تي تقريرون ٿي ڪيون)، تڏهن کان مون وٽ ليسن وارو پستول، ريوالور، پائنٽ ٽو ٽو رائيفل، سيون (٧) ايم.ايم رائيفل ۽ هڪ فارين شاٽ گن آهي، جن لاءِ مان هزارين رپيا ليسن جي في ڀري چڪو آهيان. مون کي هڪ ڀيري سوپي طنز سان چيو هو تہ، 'مان دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو هٿياربند شاعر آهيان.' مون يونيورسٽيءَ ۾ ملٽري سائنس جي شعبي جي چيئرمين کان مشين گن هلائڻ جي ٽريننگ ورتي هئي. مان

دل کي ڏير ڏئي ٿي؛ ڪنڌڙيءَ جو ڪلام ياد اچي ٿو:

ڪفر ۽ اسلام ۾ تا ابتا پرن پيرَ
سا ڪاڏي ڪندي پير، جا سٽي ڪعبة الله ۾.

ادب زندگيءَ لاءِ ته آهي پر ان کي وڏيڪ اگرو، وڏيڪ اٿيو، وڏيڪ اڻ – سجلائتو بڻائڻ لاءِ نه آهي. زندگي ڪيتري نه بدزيبي آهي! ان کي زيب جي ضرورت آهي، ان کي سجل بڻائڻو آهي ۽ اها آرٽ جي وڏي ۾ وڏي سوڀ آهي، وڏي ۾ وڏو ڪاريه آهي؛ زندگيءَ کي حسن جي سوغات ڏيڻ کان وڏيڪ ماٺهو ڪهڙي ڪيپ ڪٽي سگهي ٿو!

هيئيان جپاني شعر ادب برائي زندگي جي ملاڪڙي ۾ نه تا اچن، اهي فقط ٻوليءَ ۾ حسن جي تخليق ڪن تا ۽ ان آنڌ مانڌ کي گهٽائين تا، جا انسان جي من کي وڻ ويڙهيءَ وانگر وڪوڙي وئي آهي. اهي صنعتي انقلاب کان پوءِ واري جپان جا شعر نه آهن، ڪنهن اخلاق جو پرچار به نه آهن، سياسي نعرو به نه آهن:

●

روز اڳي کان وڏيڪ
دل ان راج ڏانيءَ لاءِ
چڪون ڏئي ٿي،
جا مان چڏي چڪو آهيان!
اوهه! مون کي انهن لهرن سان
ڪيترو نه ساڙ ٿئي ٿو،
جي موٽي سگهن ٿيون!

●

هن دنيا ۾ ڪهڙي شيءِ کي جتاءُ آهي؟
ڪالهه مون اشوڪانديءَ ۾ ٽبيون ڏنيون هيون
اج اتي تانگهو پاٽي بيٺو آهي.

●

مان هن وقت چئي نہ ٿو سگهان
تہ منهنجو جهونو دوست ڇا سوچي رهيو آهي،
پر آڙوءَ جي وڻ جا پن
جي مان هن جي جاءِ تي ڏسندو هوس
انهن ۾ اڃان پراڻي خوشبو آهي.

●

گاهہ جا وڻ
پنهنجا رنگ بدلائن ٿا،
پر لهرن جي ڦوهہ جوپن تي،
سمنڊ جي ويڪري پڌر ۾
سرءُ نہ ايندي آهي.

●

ان الوداع کان وٺي
جنهن وقت هوءَ ايتري بي احساس هئي
جيترو چنڊ جهونجهڪڙي ۾ هوندو آهي،
ڪائي شيءِ ايتري ڪنور نہ آهي
جيترو باک جو سوجهرو.
جنهن وقت واهوندو ورندو آهي،
اڃا ڪڪر ڦڙت لڳندا آهن
پهاڙ جي چوٽيءَ تي
ڇا تنهنجي دل انهن وانگر ٿڌي آهي؟

●

ڇا اها اڌامي وئي آهي
جا ڪويل ڪوڪي رهي هئي
۽ مون کي اڌ رات جو جاڳائي رهي هئي
پو بہ اڃا تائين ان جا گيت
منهنجي ويهاڻي جي پرسان رکيا آهن.

●

●

آنءُ ڏسي رهيو آهيان تہ چٽيل گل
پنهنجي ٽاريءَ تي موٽي رهيا آهن،
اوهہ! پوپٽ!

●

جي مينهن پوي
تہ پنهنجي ڇٽيءَ سان اڇجانءِ!
آڌيءَ رات جو چنڊ.

●

او، او، او!
مان تہ اهوئي ٿي چئي سگهان
انهن چيرين * کي ڏسي.

●

ڪڪر ڪڏهن ڪڏهن
ماڻهن کان آرام ڇڏائي رهيا آهن،
چنڊ جي لقاءَ کان.

●

اڄ، اڄ، مان ان کي سڏيان ٿو،
پر ڪٿ ڪپيتو
پنهنجي راهہ رمندو ٿو رهي.

●

نينگريون ساريون پوکي رهيون آهن
رڳو انهن جا گيت
مٽيءَ کان آجا آهن.

●

مان جلد ئي مرندس
پر ان جو پرو نہ پوندو
تڏي جي ترل رل ۾.

* چيرين: ميوي جو نالو، جو هاٿي اتر پاڪستان ۾ بہ ٿيندو آهي، اڳي رڳو چمن مان ايندڙيون هيون.

●

منهنجي باغ ۾
ديسي گلن جي پرسان
وديشي گل به
ڪڙي رهيا آهن.

●

سياٽو، چنڊ،
جيئن مان اڪيلو ٿهلان ٿو،
پُل تي ٽاپ ٽاپ ٿي رهي آهي.

●

ڪيڏي نه خوشي ٿي ٿئي
جڏهن آنءُ ڪاغذ پڪيڙي
پنهنجو برش ڪٺان ٿو
۽ ڏسان ٿو ته اهو
منهنجي توقع کان چڱي مصوري ڪري رهيو آهي.

اها ڪهڙي نه خوشيءَ جي ڳالهه آهي
ته سَون ڏينهن جي مٿي ماريءَ کان پوءِ،
جو نظم تخليق نه ٿي ٿيو،
اوچتو وجود ۾ اچي وڃي ٿو.

اها ڪهڙي نه خوشيءَ جي ڳالهه آهي
جو مان پرهه جو اٿي، ٻاهر چڪر ڏيان ٿو
ته هڪ پوري ٽڙيل گل تي نظر پوي ٿي
جو ڪالهه اتي ڪونه هو.

اها ڪهڙي نه خوشيءَ جي ڳالهه آهي
جڏهن مان ڦلهير کي ڦوڪيان ٿو
جيئن ٻاهه جي جيءَ جو ڦرمچي رنگ ڏسي سگهان،
ته مون کي (ان تي) پاڻي ٽچڪندو لڳي ٿو.

اهي ڪجهہ جپاني هائڪو ۽ نظم، انهن هزارن نظمن مان آهن، جي مون هر ملڪ جي چونڊ شاعريءَ ۾ پڙهيا آهن. ڇا اهي ڪائي ترقيءَ جي ڳالهہ ڪن ٿا؟ ڇا اهي ادب برائي زندگيءَ جو ان معنيٰ ۾ حصو آهن جا ان کي مارڪسسٽ ڏيندا ها؟ ڇا انهن کي ڪائي افاديت، ڪائي سياسي اهميت آهي؟ مون کي هن وقت ادب برائي انقلاب واري شاعري مغربي مصوّر ايڊگر ڊيگاس (Edger Degas) * جي ياد ڏياريندي آهي جنهن يوناني مصوّر ايل گريڪو (El Greco) جي هڪ تصوير خريد ڪري بستري مٿان ديوار ۾ ڪتل ڪليءَ ۾ ٽنگي ڇڏي هئي ۽ ننڊ وقت، پنهنجي پئنٽ لاهي، ان مٿان ٽنگي ڇڏيندو هو.

يونان جي عظيم شاعر ڪازان زاڪس جو هي نظم ادب لاءِ آهي يا زندگيءَ لاءِ آهي:

"مون بادام جي درخت کان پڇيو، 'خدا ڇا آهي؟' بادام جي درخت ۾ گل ڦٽي پيا.

ڪنهن چيو آهي "ادب جو زندگيءَ سان تعلق اوّلين اهميت وارو آهي، خاص ڪري هن شڪي ۽ بد عقيدي واري دؤر ۾، جنهنجو خدا ۾ اعتبار نہ رهيو آهي ۽ انساني ذهن پنهنجي تخليق ڏانهن مڙي ٿو ۽ ان کي جاچي ڏسي ٿو، نہ رڳو جمالياتي نڪتہ نگاه کان، ان لاءِ نہ تہ ان تي ڪهڙو الهام ٿيو آهي، پر ان لاءِ تہ ان ڇا کي جائز سمجهيو آهي، ڇا کي ناجائز سمجهو آهي ۽ اها ڪهڙي ٽيڪ ڏئي ٿي." ويهين صديءَ ۾ ٻيو نہ تہ ادبي تخليق جو اهو سهارو ئي ڪافي آهي، پر ڇا ڪي ابدي سچ نہ آهن؟

عبدالقادر بيدل دهلويءَ جو هڪ شعر آهي:

فلک بہ مردمِ سفلہ دهد زمامِ مراد
تو اَهلِ دانش و فضلی همین گناهت بس.

(آسمان ڪڏهن ماڻهن کي مراد جون واڳون ڏئي ڇڏي ٿو يعني اهي مراد ماڻن ٿا. تو وٽ تہ دانش ۽ فضل آهي، تنهنجو اهو گناهہ ئي ڪافي آهي.)

* ايڊگر ڊيگاس: (۱۸۳۴ع کان ۱۹۱۷ع تائين): فرينچ مصور ۽ سنگ تراش.

اهو تصوّف جو شعر آهي ۽ جي انسان پاڻ ۾ ڪجهہ وقت لاءِ گم ٿي وڃي ٿو تہ آنڊ مانڊ (Angst) خودبخود ختم ٿي وڃي ٿي.

هونءَ تہ ڪيترائي شعر سماجي اهميت جا حامل آهن پر انهن جي اظهار جو بہ طريقو آهي ۽ انهن کي پنهنجي دؤر کان پوءِ بہ پائيندگي آهي.

رهي معيريءَ جو هڪ شعر آهي:

همراهِ خود نسيم صبا مے بُرد مرا
يا ربّ! چوں بوئے گل بہ کجا مے برد مرا.

(پرهہ جي هير مون کي پاڻ سان وٺي وڃي ٿي، اي خدا! اها گل جي خوشبوءِ وانگر مون کي ڪيڏانهن ٿي وٺي وڃي؟)

اهو شعر ڪوئي بہ ٢۴ نومبر ١٩٩٢ع جون حالتون ڏسي بہ چئي سگهي ٿو پر ان جي اهميت آفاقي آهي.

مون وٽ اهڙا هزارين مثال آهن، جي ادب برائي زندگيءَ جي قطار ۾ نہ ٿا اچن پر پو بہ صديون ٿي ويون آهن تہ اهي زنده ۽ تابنده آهن ۽ انهن کي ان طرح پڙکي نہ ٿو سگهجي تہ ڪنهن انقلاب يا سماجي ڦيرگهير کي اڳتي وڌائن ٿا يا نہ. دراصل ادب جو انقلابي نظريو بہ مارڪس جي پرولتاري انقلاب جي نظرئي وانگر غلط ثابت ٿيو آهي، جي فرانس جي زوال پذير معاشري جي ڇنڊڇاڻ ڪري، ان جي پوري جاءِ ڳولي ويندي تہ اهو تسليم ڪيو ويندو تہ ادبُ پرولتاري انقلاب جو ذريعو نہ آهي ڇو تہ پرولتاري حڪومت جي پنجهتر سالن جي قبضي کان پوءِ بہ اسان جي زندگي اڳي کان ابتر ٿي وئي آهي.

روسي اديب سولزي نتسن جو پويون ڪتاب 'روس جي نئين تعمير' (Rebuilding Russia) جو ترجمو ١٩٩١ع ۾ انگريزيءَ ۾ ڇپيو آهي، ان جي پهرين صفحي تي چوٽيءَ تي لکيل آهي تہ:

”ڪميونزم لاءِ وقت آخري بار پورو ٿي چڪو آهي، پر ان جي

ڪنڪريٽ جي عمارت اجان ڊهي ڍير نہ ٿي آهي، متان اسان آزادي حاصل ڪرڻ بجاءِ ان جي ڍير هيٺان دٻجي وڃون!"✣

ان ڪتاب کي ماسڪو ۾ ڇپجي ٻہ سال ٿي ويا آهن ۽ ان وچ ۾ دنيا بدلجي وئي آهي، نہ وري اسان وٽ ڪميونزم آئي هئي. اسان جي سياسي منزل تہ جمهوريت ۽ فلاحي مملڪت آهي. ان جي قدرن لاءِ ڪوئي نعري بازيءَ ۽ اشتهار سازيءَ کان سواءِ لکي تہ اعتراض نہ آهي.

ان ۾ شڪ نہ آهي تہ حقيقت ئي ادبي تخليق جو بنياد آهي، پر فقط بنياد ئي تہ آهي. پر ان ۾ بہ شڪ نہ آهي تہ جيڪي اسان پنهنجي اندر ۾ ڏسون ٿا اهو ان جيترو ايتروئي اهم آهي، جيترو اکين سان ڏسون ٿا. ان ۾ بہ شڪ نہ آهي تہ زندگيءَ ۾ ڪجهہ بہ خوبصورت نہ آهي سَوا زندگي جي، پر خوبصورتي ۽ ان جي تخليق زندگيءَ تي مُقدم آهي ۽ ان کان سواءِ زندگي بي ڪيف ۽ بي معنيٰ آهي. جي شاعر پٽ - ڪپڙن مان ريشمي پوشاڪ اٿي تہ ڪنهن کي ڪهڙو اعتراض ٿي سگهي ٿو؟ ڇا اهو ضروري آهي تہ سِٽون سوٽي ڪوٽ وانگر ڦهلائي ڇڏي؟

مون اڳيئي 'نند وليون' جي مهاڳ ۾ ڪرين (Hart Crane) جو ذڪر ڪيو آهي تہ هو شهري زندگيءَ جي بهترين ٽن شاعرن مان آهي. مان اهو بہ لکيو آهي تہ ڪرين هيلن آف ٽراءِ کي ٽرام (Street Car) ۾ سفر ڪندي ڏيکاريو آهي؛ هيلن جي دربار جون ڊايونيزين (Dionesian) * رنگ رليون ۽ هن جي لڇا لٽ هڪ ميٽرو پوليٽن باغ جي ڇت (Metropolitan roof garden) تي ٿئي ٿي، جنهن جاءِ تي جاز (Jazz) آرڪسٽرا جي ڌن وڄي رهي آهي؛ تاريخ جي ٻن دؤرن جي وچ ۾ ڪوازو ٺاهيو ويو آهي، ان ۾ حد کان وڌيڪ اناءُ آهي، پر

✣Time has finaly run out for Communism, But its concrete edifice has not yet crumbled, may we not be crushed beneath its rubble instead of gaining liberty.

* ڊايونيسَس: رنگ رلين جو يوناني ديوتا. ڊايونيزين انگريزيءَ ۾ ڊايونيسَس مان صفت آهي.

تن کی دولت هاتهہ آتي هے تو پهرجاتی نهیں
من کی دولت چھانو ہے، آتا ہے دهن جاتا ہے دهن

يا زرينا بلوچ کي بمبئيءَ ۾ هڪ خوبصورت هوٽل ۾ سنڌين جي ميڙ ۾ منهنجو آزاد نظمَ 'او پرديسي' ڳائيندو ٻڌو هو پر علامہ اقبال جو تہ غزل هو ۽ منهنجو ڪنهن حد تائين پابند نظم هو. 'بول کہ لب آزاد هيں تيرےَ' پنهنجو مثال پاڻ هو، جڏهن بيدل ڳاتو پئي.

'جسم و زبان کے موت سے پهلے،
جو کچهہ، بهي کهنا هے کهلے، بول که لب آزاد هيں تيرے'

ڪراچيءَ جي پوئين پهر جون ٿڌيون هوائون روڪجي ويون هيون ۽ ستارا اکيون ڦاڙي سنڌ جي هن عظيم راڳيءَ کي ڏسي رهيا هيا.

اهو فيضَ جو نظم ۽ مان وارو نظم 'هي سنگرام' ٻڌي، مون محسوس ڪيو هو تہ هي ٻئي نظم دنيا جي ڪنهن بہ آزاد نظم جي ڀيٽ ۾ رکي سگهجن ٿا. اهي مهاجر نہ رڳو منهنجا مداح ها پر سنڌي - مهاجر دوستيءَ جا سرگرم ڪارڪن بہ هئا. جيڪي ايم ڪيو ايم جي اپرڻ کان پوءِ ماريا ويا ها.

انجيل جي نثر کي شاعراڻو لاهہ چاڙهہ آهي. جنهن جوش مليح آباديءَ جو ڪتاب 'يادوں کی برات' پڙهيو آهي تہ ان کي ياد هوندو تہ جوش قرآن جي نثري لاهہ چاڙهہ جي تقليد ڪئي آهي ۽ ان ۾ ڪيترو نہ ترنم پيدا ڪيو آهي!

. آسڪر وائيلڊ جي نثري نظمن ۾ هڪ بيانيہ آلاپجي رهيو آهي. عبراني تاريخ کي جنهن ريت پڙهيو ويندو آهي اها الاهي فرمان لڳندي آهي. نثر ۾ اها سپ ٽيڪنيڪ بہ آهي. ائين آهي تہ نثري نظم جي 'نظميت' ان جي اختصار ۾ آهي.

ڪيترا نثري نظم انهن منظوم نظمن جو نثري مواد آهن، جي نظمائڻ کان رهجي ويا آهن. اها ڳالهہ ساري 'سر لوهيڙا ڳيپيا' سان لاڳو ٿي سگهي ٿي. اهي نثري نظم بہ منهن جي تحت الشعور ۾ ائين ايري آيا ها، جيئن منظوم نظم ايري آيا ها. مون تي انهن جا چاليهہ

ڪڏهن نـنـڍي واهيءَ وانگر. اها ڳالهه اردوءَ ۾ مون کي ميراجيءَ جي شاعريءَ ۾ ن.م.راشد جي شاعريءَ کان به وڌيڪ نظر آئي آهي.

نـثري نظم تي جپاني ۽ چيني شاعريءَ جو به اثر ٿيو آهي ۽ ان جي ترجمي ۾ ترنم نـہ ڪونہ آهي پر ائين ٿو لڳي تہ چڻ آهي. اوهان پلي هائڪوءَ ۽ ٻي شاعريءَ جا ترجما پڙهي ڏسو؛ ترجمي ۾ اسان جي شاعري بہ دنيا جي ٻي شاعريءَ جي مقابلي ۾ رکي سگهجي ٿي، پر اسان جي منظوم شاعريءَ کي ٻيو مثال ترنم آهي جو ٻي شاعريءَ ۾ ورلي ملي ٿو.

مون ائين ڪيئي نظم رِلڪي، اليٽ، لافورگ وغيره جا آزاد نظم Verslibre پڙهيا آهن پر انهن جي تقطيع تي فقط پنا ڪارا ڪيا ويا آهن، اسان لاءِ معنيٰ نہ ٿا رکن.

انگريزيءَ ۾ نـثري نظم ۽ آزاد نظم ۾ ايترو گهٽو فرق بہ نـہ آهي مثال طور اليٽ جي هيءَ سِٽ:

"When lovely woman stoops to folly and paces about her room again, alone."

(جڏهن ڪائي من - موهڻي عورت حماقت ڪري وهي ٿي ۽ پنهنجي ڪمري ۾ اچ وڃ ڪري ٿي، اڪيلي.)

بحر و وزن، قافئي ۽ رديف جي پابنديءَ منظوم شاعريءَ کي پنهنجو زور، رفتار جي قوت ۽ پيمائش ڏني آهي، پنهنجو ڪاڇو، ميزان ۽ تور تڪ ڏني آهي جا نـثري شاعريءَ کي ڪانـہ آهي پر نثري شاعريءَ مان فائدا بہ آهن. اها ايتري لچڪدار آهي جيتري پابند شاعري ڪانـہ ٿي سگهي ٿي.

ازرا پائونڊ ۽ اليٽ تہ باربار چوندا هيا تہ نثر نظم کان وڌيڪ تهه طلبيو آهي، پر مان پانيان ٿو تہ منظوم شاعري زندگيءَ جو رياض آهي، جنهن کان جديد شاعر ڪيٻائن ٿا. جيتوڻيڪ مون خود ڪافي نثري شاعري ڪئي آهي، پر مان فيض احمد فيض جي چوڻيءَ تي اڃان مستقبل جي فتويٰ جو منتظر آهيان تہ يا ڪوئي نثر لکي سگهي ٿو يا نظم، نثري شاعري هڪ بي معنيٰ لفظ آهي.

هن مجموعي ۾ منهنجا ڪجهه لنبا شعر، ڪجهه ننڍا شعر، ڪجهه نوٽ بڪ ۾ لکيل منهنجون ڇاڇنائون، ويچار ۽ چوٽيون (Maxims) آهن. مان پنهنجي منظوم شاعريءَ کي جيتري اهميت ٿو ڏيان اوتري نثري شاعريءَ کي نٿو ڏيان، جيتوڻيڪ ان ۾ به ڪافي الهامي ڪيفيت آهي.''

شيخ اياز

۷ ڊسمبر ۱۹۹۲ع

۲۷- اي. پرنس ڪامپليڪس
ڪراچي

مون توکي
درياهران
سال کان وڌيڪ
ترسايو آهي،
۽ ان وچ ۾
جيتري ڪويتا
پوري ٿي سگهي آهي
مون لکي ورتي آهي
ائين آهي
تہ زندگيءَ جو ڪارج
ڪيترو ئي پيو آهي
۽ مان سمنڊ تي
اڃا ڪيئي سج
اڀرندا
۽ ڪيئي ٻڏندا
ڏسڻ چاهيان ٿو.
ڪيڏي تہ اِڃا آهي مون ۾
تہ مان
سمنڊ کي
اڃا چنڊ ڏانهن

اَڏامندو ڏسان
۽ منهوڙي جي
پهاڙين سان
ٽڪرائي
موٽندو ڏسان
۽
اونهي تي
کاري کيڙائو
سِڙهه تان
پر مارَ
ماريندو
۽ ڪِينا پکي
اَڏائيندو ڏسان!
جيتوڻيڪ
مان غالب ڪان
گهٽا گهٽ ارمان ڪٽي ٿو وجان
تڏهن به مان وجڻ
نٿو چاهيان
هيءَ زندگي
تيستائين مِني آهي

جيستائين
هوءَ زندگي
ڪنهن چڪي نہ ڏني آهي،
پر پوبہ تون
اوپاسيون ڏئي رهيو آهين
۽ اُتامرائي
ڏيکاري رهيو آهين
۽ تنهنجو توڏو
ويهي ويهي
ٽڪجي پيو آهي.
سو موت!
مان هاڻي
توکي اجازت ڏيان ٿو
تہ تون جڏهن چاهين
هلي آءُ
مان سفر لاءِ تيار آهيان،
پر اُهو ٻُڌي ڇڏ!
مان وَري وَري ايندس.
وَري وَري
توسان ٻيلهہ موٽي ايندس،

تَون تڪجي پوندين
مان نہ تڪبس؛
۽ اهو بہ بُڌي ڇڏ
تہ قدرت سان
عمر جي
معاهدي ۾
منهنجو ميعاد جو
ڪوئي فقرو نہ آهي.
تون منهنجيءَ اِجازت کان سوا
اچي نہ ٿو سگهين.

*

موت!
تون هاڻي
اچين بہ تہ ڇا
نہ اچين بہ تہ ڇا
مان تنهنجي
هَٿ وس کان
ٻاهر نڪري چُڪو آهيان.
۽ منهنجي شاعريءَ کي
جا امرتا ملي چڪي آهي،

تون اُن جي
ويجهو به نه ٿو وڃي سگهين.

*

مون سڄي عمر
ڏوڪا ڪاڏا آهن،
ڇا تون به نه
ڏوڪو نه آهين؟
ڇاهيءَ لهر ڏوڪو نه آهي
جا چنڊ ڪي
گهڙيءَ لاءِ
آغوش ۾ ڇڪي
ويندي ٿي رَهي؟
ڇا هي ڇانوَ
ڏوڪو نه آهي
ڇا ٿڪل مسافر
کي ننڊ ڏئي
لهي ٿي وڃي؟
هر پيار پَل جو پِراڻي آهي،
نه ڄاڻان
مون شروع کان اهو ڇو نه ڄاتو؟

۽ جنهن ۾ مون سان اکيون اٽڪايون
ائين اٽڪايون
جيئن زنجير جو
ڪڙو ڪڙي ۾ جڙجي ويندو آهي،
مون ائين ڇو نہ سمجهو
تہ ٻہ پاڇا
هڪ ٻي سان
جڙجي
نہ سگهندا آهن،
۽ اهو اَوَس آهي
تہ هُو وڇڙي وڃن
ٻہ ٽي پل گڏ گهاري
سدائين لاءِ
وڇڙي وڃن!

*

سونهن ڇا آهي؟
ڇا تُنهنجون
هرڻيءَ جهڙيون اکيون آهن؟
يا تُنهنجا چپ آهن
جي گل مهر جي شگوفي تي

شفق وانگر لڳن ٿا؟
تون عورت آهين
يا رابيل جي ڇَڪي آهين؟
مون ڪيئي ديو مالائي ديوِيون ڏٺيون آهن
جي مصوّر ڪئنواس تي
زنده جاويد ڪَري ڇُڪا آهن،
پر انهن ۾
ڪنهن کي بہ
تو جهڙا ڳل نہ آهن!
پر تنهنجون اکيون
تُنهنجا ڳل
تُنهنجا چَپ،
اهي سيئي گڏجي بہ
تُنهنجي سونهن نہ آهن.
تنهنجي سونهن
ائين آهي
جئين چانڊوڪيءَ ۾
ڪينجهر هندورو ٿي وَئي هجي،
يا ڪارونجهر جي هيٺان
وهندڙ چشمو

چنڊ جو آئينو تي ويو هجي!
چنڊ جو آئينو-
ان کان وڌيڪ
ٻي ڪهڙي تشبيهه
مان تو لاءِ
سوچي ٿو سگهان!

*

منهنجا پوٽا!
تون جنهن وقت بہ جوان ٿي
پنهنجي لاءِ سوچي سگهين
تہ مان توکي اجازت ٿو ڏيان
تہ تون جيڪا بہ زبان پسند ڪرين
اُها ڳالهائجانءِ،
جنهن ديس جي ڇانو توکي وڻي
اُن ۾ رهجانءِ
جنهن فرقي سان تون رفاقت محسوس ڪرين
اُن ۾ شامل ٿجانءِ
۽ مان توکي پورو اختيار ٿو ڏيان
تہ جو مذهب توکي چڱو لڳي
اُن کي پنهنجو ڪجانءِ

۽ ڪنهن ازلي حقيقت ڪي
تون مڃين يا نہ مڃين،
اها تنهنجي وس جي ڳالهہ آهي،
مان توکي ورثي ۾
فقط خيال جي
آزادي ڏيان ٿو
آزادي
جا پکيءَ جو ورثو آهي
جنهن لاءِ مقرر راهون نہ هونديون آهن
۽ جنهنجا ڪي بہ
پيغمبر نہ ٿيندا آهن.
جي توکان
ڪوئي پڇي
تہ تنهنجو ڏاڏو
تولاءِ ڇا ڇڏي ويو؟
تہ تون بنا خوف خطر جي
جواب ڏجانءِ
"آزادي"
اهو منهنجو تولاءِ
ورثو بہ آهي،

دعا بہ آهي.

*

ڀتائيءَ جو ڏڳ
نيڪ آهي،
اُن تي سڌو هلي آءُ!
وَر وَراڪا
توکي ڪنهن
اوڙاهہ ۾ آڙائيندا،
جتان تون وَري
نڪري نہ سگهندين!

*

وِڄُ - ڪنارين وانگر
هو ڪارِيُون ڪجريون اکڙيون
توتي
پويون وارُ
ڪري رهيون آهن،
ڇا تون
انهن جو
ڏَڪُ

پچائي سگهندين؟

❋

ڇا تون
مون لاءِ خدا جي
پوئين
سَوغات
آهين؟

❋

اي خدا!
مون کي ڇتي ڪتي جي ڪاٽَ کان
بچاءِ!
ڇو تہ
ڇتي ڪُتي جو ڪاٽيل
پين کي ڪاٽيندو وتندو آهي.
مان نانگ لاءِ
تيار آهيان،
آهو رڳو
مُنهنجي موت جي پيڙا جو
ڪارڻ

تي سگهي ٿو-

*

منهنجو توکي مشورو آهي
تہ دوستيءَ کان
ڪنارو ڪر!
پر تون هڪ نہ ٻئي نانگ کي
کير پياريندو رهندين!
تون بہ ائين
پنهنجي عادت کان
مجبور آهين،
جيئن نانگ
پنهنجيءَ عادت کان
مجبور آهن-

*

ٻڏندي
ٻوڙن کي
ڪي هاتڪ
هَٿَ وجهي رهيا آهن،
۽ درياهہ آهي،

جو پنهنجيءَ مستانيءَ رفتار سان
وچي رهيو آهي
۽ پٺتي نٿو ڏسي
تہ ڪير
ٻوڙن سوڏا ٻڏا
۽ ڪير
اجا اُنهن ۾ هٿ وجهي
لڙڪيا پيا آهن،
۽ انهن جون آڱريون
لهولهان ٿي
رڳو اوسي پاسي
پاڻي کي
ڳاڙهو ڪري رهيون آهن

*

وچي
يَؤنڪ!
مون پنهنجا
ڪَن بند ڪري
ڇڏيا آهن،
۽ مون کي

جواب لاءِ
نہ وقت آهي،
نہ پڙنڪ جو جواب
مان پڙنڪ سان ڏئي ٿو سگهان،
ڇو تہ مان
تنهنجي ذات مان نہ آهيان.

*

ميان!
مُنهنجي جواب جي
مستحق ٿيڻ لاءِ
توکي گهٽ ۾ گهٽ
هڪ صدي گهرجي!

*

تو سمجهيو
هي جواب ڏيندو،
مان تہ تو ڏانهن
رڳو
نهاري رهيو آهيان
۽ سوچي رهيو آهيان

تہ تون
ان نهار جو
مستحق بہ آهين
يا نہ!

*

دوست
جهڙو
دشمن
ڪوئي
نہ
ٿيندو آهي!

*

گڏهہ جي اولاد!
تون ڏارون جي
سمجهہ کان مٿي آهين.

*

حلاج بن منصور!
دشت - سوس تي
نظر تہ ڪرَ

سارو رت ڦڙا آهي
۽ اهو تنهنجي دل ۾
سمائجي چُڪو آهي،
سج
واريءَ جي دريا ھ ۾
شام جو غوطہ زن آهي
۽ توکي ڳولي رهيو آهي.
شهيد
مَرندا نہ آهن،
فطرت کان
عظيم تر ٿي ويندا آهن،
۽ اُن کي
ابد تائين
پنهنجي آغوش ۾
آٽي ڇڏيندا آهن.

*

هُو
مُنهنجي صاف گوئي ٻُڌي
چِتا تي پيا آهن

۾ اهڙا ڪُتا به نه آهن
جي عرفيءَ جي ڪَڍ پيا ها.
هو منهنجو
چڪين ماس چنندا
ڇو ته مون
هنن جي مُنهَنِ مان
هَڏا ڪسي
ڦِتي ڪيا آهن!
اڃا ته فقط
هُو ڏند ڪَرٽي
مون کي ڏِسي رهيا آهن.

*

راڻا!
جڏهن هو ڪاڪ محل
ئي ڪُوڙو هو،
تڏهن ڏونگرن ۾
هي ڏاگها
ڇو ڏُڪائي
ماريا آتي!

*

راڻا!
مومل کان سوا
پيهر
ڪاڪ محل تاهي رهيو آهين؟
ائين ٿو سمجهين
تہ مومل
ان ۾
ڪڏهن نہ ڪڏهن ايندي
۽ هُو ڏاگهہ
هڪ ڪُوڙيءَ کهاڻيءَ جو
حصو آهي،
توڙي اُن جي آگ
اوستائين ڦهلجي چُڪي آهي
جتي
پيهر تون
ڪاڪ محل جا
بنياد وجهي رهيو آهين.

*

ايترو
ديپڪ بہ نہ ڳاءِ

جو سڀ ڪجهه جلي وڃي،
توَ سوڍو.

*

جيئن ڪوئي
وِڄُ ڪي
گهٽي دير
ڏسي نہ سگهندو آهي،
ائين
آنءُ
تو ڏانهن
ڏسي نہ تو سگهان،
مون ۾
ڪنبڻي پئجي ٿي وڃي.

*

اي پيارين اکين واري
هرڻي!
تون سچ لڳي
جڏهن
رنگ رَتي نياڻ مان

پاڻي پِي رهي آهين،
تڏهن
ڪيڏي نہ
وڻي رهي آهين!

*

تون
ڪالهہ ائين وڻي هُئينءَ
جيئن
پکي لام تي وڻندو هوندو آهي
جڏهن تہ
هُن کي وَڻ ۾ آکيرو نہ هوندو آهي
۽ ڪجهہ وقت ڪانپوءِ
اُڏامي ويندو آهي،
لام جي نس نس ۾
سر سراهٽ ڇڏي
اُنهيءَ لوڏي جي
جو هن لام تي ڪاڏو هو،
۽ ٻي لام تي
ائين ويهندو آهي
جڻ هُو

ڪنهن به لام تي
ڦهريون پيرو وينو آهي،
۽ هو پنهنجي مَن - آڳنڌ ۾
ايئن لڏندو آهي،
ڄڻ لوڏو
هن جي جيون ۾
اڳ
ڪڏهن به نه آيو آهي!
پرواز ۾
هَوا ڳيون پيار
ائين ڇَنڊي ڇڏيندو آهي
جيئن پکي
پراڻا کنڀ
ڇنڊيندا آهن
۽ مُنهن موڙي
انهن کي
هوا ۾
ڦيراتيون کائيندو
به نه ڏسندا آهن-
*

هن
سئفو جهڙيءَ شاعره
پنهنجي من ۾ سوچيو:
”مون
اهڙيون سهيليون
جي رابيل جي
تارين وانگر
آهن،
ڪيئي ڏٺيون آهن.
هن گلاب جي ڪَنڊي ۾
جو چيڪو آهي
مون پهريون پيرو لکايو آهي،
۽ مان اونداه ۾
هٿوراڙيون هڻي رهي آهيان،
تہ انهيءَ چيڪي ۾
گلاب جا
ڪَجهہ گل ڇَهان
۽ اُنهن جي سُڳند
ڇِني وٺان!“

*

توکي ڏسي
مون ڄاتو
تہ صوفي
سڀ غلط ها،
مجاز
حقيقت جي پل نہ آهي،
حقيقت مجاز جي پل آهي
انسان الاهي پرتوو نہ آهي
الاهي پرتوو
انسان آهي.

*

تون ايتري
خوبصورت آهين
جو مان تو ڏانهن
اکيون کڻي،
ڏسي بہ نہ
سگهندو آهيان.
آخر
مان
شمس تبريز تہ نہ آهيان

جو سج سان اکيون ملائي سگھان!
تون ڪيترو نه
هيٺ لهي آئي آهين،
جئن سج
نديءَ ۾ لهي ايندو آهي،
تڏهن نه مان
توسان
اکيون
ملائي نه ٿو سگھان؟
توڙي آهي
نديءَ وانگر
ڇُلڪي رهيون آهن.

*

مان چاهيان ٿو
ته اهڙو نظم لکان
جو سٽون
تنهنجين چوٽين وانگر
خوبصورت لڳن!

*

منهنجون
روئڻهارڪيون اکيون
ڇڱاڪا ڪيو
نہ ٽيون ڇڪن،
رڳو گهنگهور گهٽائن وانگر
پربيون ٽيون وڄن!
ڪيڏا نہ ميگهہ دوت آهن
جن کي اهي
اڃا
ٻُڌي نہ سگهيون آهن!
تنهنجين اکين ۾
ڪارونڀار پرجي رهيا آهن،
جن ۾ سوَ سنديش آهن
جي پاشا لاءِ
تڙڦي رهيا آهن.
ڇا اسان ائين ئي گونگا رهنداسين؟
ڇا پيار
جڏهن گونگو هوندو آهي
تڏهن
اُن ۾

سپ کان وڏيڪ
گويائي هوندي آهي؟

*

پُجڻ تاري
پنهنجيءَ آزادگيءَ لاءِ،
پنهنجو
خاتمو قبول ڪيو
تہ مون کي
حيرت نہ آئي.

*

اي بيدل!
آءُ تہ
عشق جي
چاڙهيءَ تي
چَڙهون!
ڏسون تہ
ڪير تو تڪجي؟
عشق جي چاڙهي
جا قطب مينار کان
اُتاهين آهي

جنهن جي
چوٽيءَ تي پهچي
سرمد
چنڊ کي چوندو هو،
” دارا کي سواري گهرجي
هن کي به
ساٿ کپي وچ“
۽ پوءِ نقارو وڄائي
چوندو هو،
” اي دليءَ وارؤ!
ڪٿي آهي هو اورنگزيب
هوُ دارا جو قاتل؟
جنهن جو
مٽيءَ جي ڪڏ انتظار ڪري رهي آهي
” اي دليءَ وارؤ!
شاهد رهجو
دارا پنهنجيءَ سونيءَ رٿ تي وڃي رهيو آهي
انت ڏانهن
جنهن جو
ڪنهن کي به

پار پتو نہ آهي.
جڏهن هُو موٽندو
تہ متان مان نہ هجان
۽ منهنجي جاءِ تي
ٻيو ڪوئي
نقارو وڄائي
هُن جي
آجيان ڪري!“

✻

متان
سِٽ ڪي نهوڙي نين!
سِٽَ
ڪونج وانگر اِڏري رهي آهي،
اُن جي اُڏار تي
روڪ نہ وجهہ!
اها
تُنهنجي ڏسندي
ڪير تر
ٽپي ويندي.

✻

آءُ تہ
اُذري هلون،
۽ چنڊ جي
هڪ شاخ تي
هلي
ويهون.
توکي معلوم آهي
تہ چنڊ ۾ هڪ وڻ آهي
جنهن جي ڪنهن بہ شاخ تي
ڪوئي پکي
اڃا ڇهڇهايو نہ آهي.

❋

اڃا
پيار ڪان
نہ ٿو مڙين؟
ڪيڏا نہ
ڏک ڪاڏا اٿيئي؟
هن ڀيري تہ
هماليہ جي چوٽيءَ تي
ويٺو آهين

ءَ
پپر ٻہ
پورا ڪُتل
نہ آتي!

*

نظم ڪي
پيرو نہ ٻڌاءِ!
اهي
هِڪَ ڪَريون تيليون ڇڃا لاءِ وڌيون آتي؟
پيري جو در ڪولي ڇڏ!
چڪور
چنڊ لاءِ
پيري مان ٽپا ڏِئي،
ڪهڙي نہ
ڪِل جهڙي ڳالهہ آهي!

*

باقي ٿورو وقت رهيو آهي،
اُس اُيري آئي آهي،
هي ماڪ ڦڙا

ڪوٺيءَ جي پٽين ۾ ڪيترو وقت رهندا؟
۽ ڏنڊ جي پر تي
هي ٻگها ڪيستائين
پرڙا سيڪيندا رهندا؟
ها، مڇيون تہ ڪيتريون ئي آهن
جن ٽپيون ڏئي
ترو وچي ورتو آهي
۽ جن جا رنگ
پاڻ کي هڪ سيہ‌ربين وانگر
پسائي رهيا آهن.
تنهنجا اوجهاڻ
ڪافي پراڻا ٿي چُڪا آهن
۽ مڇين سان پرجي
ٿمتار ٿي چُڪا آهن،
ڇڪي آءُ
انهن کي ٻيڙيءَ تي!
ڪٿي اهي ڇڄي نہ پون!
تو ساري رات
پورهيو ڪيو آهي،
۽ هن ٻيڙيءَ جي آڳل تي

اک نہ لاٿي آهي،
۽ تنهنجون اکيون
جڻ ننڊ سان ڀريل
اوجهاڻ تي ڇڪيون آهن،
ڏِسُ هو نينگريونْ
پنهنجا پڙا ڇُلڪائيندي يونِ
۽ گج
سج ۾ چمڪائيندي يون
ڪوهن تان گهڙا ڀري
گهرن ڏانهن موٽي رهيون آهن،
۽ انهن جي پيرن ۾ پاليل
ڪارڙا تتر
چوڳي جو انتظار ڪري رهيا آهن.
باقي ٿورو وقت آهي
اهي اوجهاڻ ڇڪي
ڀيڙيءَ ۾ آءُ،
توکي ننڊ اچي رهي آهي
۽ انهن اوجهاڻن ڪان
تنهنجون اکيون
ڳريون ٿي ويون آهن،

تون زندگيءَ جون ساريون راتيون،
اونداهيءَ سهائي پک جون،
ائين
پورهيو ڪندي گذاريون آهن،
جڻ اهي ڪي ڏينهن هُيون.
هاڻي
سچ ڪانو مٿي اچي چڪو آهي،
ها ائين آهي
تہ درياهہ تڪبا نہ آهن
مانسروور ڪان سَمنڊ تائين،
اُهي سفر ۾
ڪَر تہ موڙيندا آهن
پر اُنهن ۾
ٽڪ جو
گمان بہ نہ هوندو آهي،
نہ انهن ۾ ڪوئي سنسو هوندو آهي
تہ سمنڊ تائين
پُڄي نہ سگهنداسين،
پر چا ڪجي
توکي ننڊ اچي رهي آهي!

زندگيءَ جي اڪ پوٽ
اَوس آهي
موت ٿوري وِٿي آهي
۽ ساهه پَٽي
اڳتي هلڻو آهي،
توکي ننڊ اَچي رهي آهي،
هاڻي توکي ننڊ اچي رهي آهي.

*

ڪائي پوڳنا
ڪائي چاڻَ،
سِتَ ٽيڻ لاءِ
ٽيهه سال ترسي آهي،
ڪائي چاليهه سال،
ڪائي اُن ڪان به وڌيڪ ترسي آهي.
ڇا تو شاعري
آسان سَمجهي آهي؟
ڪرڻ ٿَل ۾
چندر مان جا ڪرٽا ڇاٽي،
اُنهن جو نچوڙ ڪيڻ ايترو ڏکيو نه آهي،
جيترو

پيار جون راتيون
۽ ڏينهن جا ڏاڪڙا
شاعريءَ ۾ آڻڻ
ڏکيا آهن.
هو رابيل جو گل
جو تو ٽٽي ۾ ڏنو هو
۽ هو سدا گلاب
جي تو ڄامشوري ۾ پوکيا ها،
انهن جي مهڪ کي
تنهنجي شاعري تيڻ لاءِ
ڪيئي ڏينهن گهربا ها،
ڪيئي سال گهربا ها.
ڪڏهن ته ساري ڄمار به ڪافي نه آهي
۽ ٻئي جنم لاءِ
ترسڻو پوي ٿو
۽ اُهي تنهنجي اَڻ - ڇت مان
اُپري اچن ٿا.
هي هزارين ستون
جن جي تو
رچنا ڪئي آهي،

چا تنهنجي
هڪڙي زندگيءَ جا
مشاهدا آهن؟
ڪنهن وقت تہ توکي ياد بہ نہ ايندو آهي
تہ هي منظر
مون ڪتي ڏٺو آهي
جو منهنجي گيت ۾
جهلڪي رهيو آهي.
اهو توکي مٺو پوندو
تہ گيت جي ڄمار
توکان گهٽي آهي،
تمام گهٽي آهي،
۽ تو ۾ جو سمبنڌ آهي،
ايترو اونهو آهي
جو ڄڻ ان جو
ترو ڪوئي نہ آهي
پَرو ڪوئي نہ آهي
۽ اهڙو ذرو ڪوئي نہ آهي
ريت جو
جنهن ۾

اُهو سارو سمنڊ
ڇوليون نہ ھڻي رهيو آهي!

*

تون مُنهن اونڌيرڻ ۾
آتيو آهين
اڃا پکين چون بہ نہ ڪئي هُئي
جڏهن تو گيت ٿي لکيا،
هاڻي اخبارون آيون آهن
تہ جيئن توکي
وري زمان ۽ مڪان سان
واڳي ڇڏن،
بوسينيا ۾
امن جا مذاڪرا بہ ٿي رهيا آهن
۽ گوليون بہ هلي رهيون آهن
۽ ويهہ لک ماڻهو بي گهر ٿي ويا آهن.
۽ اسان جو اسلام
انهيءَ قتل ـ عام کي
غصي سان ڏسي رهيو آهي،
ڳوڙهو ڪوئي پار

ريڊيو تي ڳائي رهيو آهي:
”چين و عرب همارا! هندوستان همارا“
پر ان سٽ ۾ بوسينيا شامل نہ آهي
نہ وري چين اسانجو آهي،
۽ هندستان ۾
بي – جي – پي بابري مسجد لڳ
رام جنم ڀومي واري عمارت
ٺاهي رهي آهي،
۽ هندستان لفظ تي ڪاوڙجي،
ڀارت استعمال ڪري رهي آهي؛
۽ سعودي عرب اُنهيءَ حملي ۾ شامل
ٿو نظر اچي
جو امريڪا ڪي عراق تي ڀيهر ڪرٿو آهي؛
۽ اسان
بي صبريءَ سان
مارشل لا جو انتظار ڪري رهيا آهيون.
تہ جيئن
دهشت گرديءَ مان جان ڇٽي،
مان سوچي رهيو آهيان
تہ مان ڪهڙيءَ

ناسوديءَ صدي ۾ ڄائو آهيان
۽ پو بہ سرسوتيءَ ڪان
وينا ڪسي،
اُن تي ڳائي رهيو آهيان!
هي نسل تہ
خون ۽ تيل جي
سمنڊ ۾ ٻڏي رهيو آهي
۽ انِ جا ڪَنَ
رڳو خطري جي گهگهوءَ ڪي
ٻُڌي سگهن ٿا،
هي منهنجي سنگيت ڪي ڇا ٻڌندو؟
هن ڪي تہ اُهي گيت گهرجن.
جن ۾ ڌماڪا هجن،
ڪيڪراٽيون هجن،
سيمنٽ جي
پٿرن جا ڦهڪا هجن
۽ ڪلاشنڪوف آزاد نظم وانگر
هلندي هجي!
هيءَ صدي هراس، خوف، خون ۽ موت جي
صدي آهي،

ان جو نہ ڪوئي پيغمبر آهي
نہ خدا آهي
رڳو مشينون آيتون پڙهي رهيون آهن
۽ روبوٽ اُن جا
جبرئيل بہ آهن
۽ اسرافيل بہ
جنهن جي صور وانگر
ڪارخانن مان صدائون اَچي رهيون آهن،
۽ ماڻهو پنهنجي موت لاءِ
ڪنائي بہ رهيا آهن
۽ ڪافيءَ سان
سئنڊ وچ بہ ڪائي رهيا آهن.

*

هي ساڳيا ماڻهو تہ آهن
جن عمر خيام جي رسد گاهہ کي باهہ ڏني هئي،
جن اسڪندريہ جو ڪتب خانو جلايو هو،
اهي ئي تہ مُلا قوي آهن
جن سرمد تي فتوىٰ ڏني هئي،
تہ هو واجب القتل آهي،
اهي ئي تہ ها

جن دارا جي گردن اُڏائي هئي،
اهي ئي تہ ها
جن قراة العين طاهره جي
شاعري هُن جي نڙيءَ ۾ گهٽي ڇڏي هئي،
هي ئي تہ مير صادق
۽ مير جعفر جا ساٿي آهن.
اهي فن جا دشمن،
وطن جا دشمن،
انسانيت جا دشمن،
جن جي زبان اُنهيءَ خنجر وانگر آهي
جهڙو صحرائي عرب جي
ڪنهن مياڻ ۾ نہ هوندو!
ڇا تون اُنهن سان پنجا آزمائي
اُنهن کي ڇڏي ڏيندين؟
شينهن جا پنجا
پيريءَ ۾ بہ
ايترا ڪمزور تہ نہ ٿيندا آهن،
جو هو اُهي
ُپنهنجي بچاوَ ۾ بہ آزمائي نہ سگهي!
*

تو ڪيڏي نہ دير لاتي آهي؟
مان ڪيتري وقت کان
تنهنجي قبر ڪوتي،
تُنهنجوانتظار
ڪري رهيو آهيان!

*

مان تہ ڪوئي تماچي بہ نہ آهيان!
پوءِ بہ
مون اڳيان
تون نوريءَ وانگر
نهٽي
ڇو آهين؟

*

جنهن ڪي نظم تي
مهارت نہ هجي،
اهو جڏهن
نثري شاعري ڪري
تہ اُن ڪي
هُن جي مجبوري سمجهہ.
نثري شاعريءَ

جو حق
تہ اُن کي آهي،
جنهن جي نظر ۾ دريا جي رواني هجي،
پو بہ هُو ڇِتيون ڇوليُون ڇڏي،
تلاوَ ۾
چنڊ ڏسڻ چاهي،
ڇو تہ
اُن جي سندرتا کي
سيتلتا آهي،
سانت آهي.

✲

مان موت کي
* حرف – مڪرّر وانگر
لوح – جهان تي ريتي –
تو ڏانهن موٽي آيو آهيان.
مان اِهو چاڻان ٿو تہ موت مون کي ماري نٿو سگهي،

---

* يا رب! مجھے زمانا مٹاتا ہے کس لئے
لوح – جہاں پہ حرف – مکرّر نہیں ہو میں.
(غالب)
(ترجمو:- يا رب! مون کي زمانو ڇا لاءِ ٿو مٽائي، جڳ جي ڦرهيءَ تي
مان بہ ٻيھرا لکيل ساڳو لفظ تہ نہ آهيان)

* ڇو تہ مون کي عشق زندهہ ڪيو آهي
۽ جريده عالم تي
منهنجو دوام لکيل آهي،
جنهن کي ڪوبہ مٽائي نٿو سگهي.
مون کي هاڻي يقين ٿي ويو آهي
تہ جو بہ لوح - محفوظ ۾ لکيل آهي
اُن کي ڪوبہ ميساري نہ ٿو سگهي
۽ موت کي تيستائين ترسڻو پوندو،
جيستائين مان هُن کي پاڻ وٽ اچڻ جي
اجازت نہ ڏيان؛
ڪي روح پنهجو مقدّر
لوح - محفوظ ۾ پاڻ لکندا آهن.
مون کي اِن کان اِنڪار نہ آهي
تہ مون کي
موت کي نيٺ اِجازت ڏيڻي پوندي.
پر اُن کي تيستائين ترسڻو آهي
جيستائين،
منهنجيءَ شاعريءَ مان گلاب جي خوشبو اچي

---

* هرگز نميرد آنکہ دلش زنده شد بہ عشق،
ثبت است برجريده عالم دوام - ما.(حافظ)
(اهو هرگز مري نٿو سگهي، جنهن جيَ دل عشق زنده ڪئي آهي. دنيا جي وهي کاتي ۾ اسان جيَ امرتا جو ٺپو لڳل آهي)

۽ اوهان اُن ۾
پوپٽ جا پَر اُڏامندا ڏسو،
۽ اوهان جي هانوَ کي
هِيرُون
هندوري ۾ لوڏن،
هندورو—
جو منهنجي هانوَ ۾ لڏي رهيو آهي.
جيستائين منهنجو مصرعو
گلاب جي پنکڙيءَ وانگر ٿي وڃي،
ائين ٿي وڃي،
جيئن پيار پريا ڳاڙها چپ هوندا آهن،
۽ منهنجا اکر ائين لڳن
جئن پنور اُڏامندي لڳندا آهن،
جيئن
ڪاريون اکيون اوچتو ڪجي
اکيرسان
ڏسنديون آهن
تيستائين
موت ڪي ترسڻو آهي،
منهنجي دَر جي ٻاهران،
انتظار ڪرڻو آهي.

*

اجا پکين ’چون‘ ’چون‘ نہ ڪئي آهي، اجا ابابيل اُڏريا نہ آهن، اجا روشنيءَ جي ريک نہ نڪتي آهي ۽ ٻاهر گهُگهہ انڌيرو آهي. مان هر تهجد گذار کان اڳ ۾ جاڳان ٿو ۽ انهيءَ پروردگار جو ٿورو مڃان ٿو، جنهن کي هر ڪنهن پنهنجا پنهنجا نانوَ ڏنا آهن ۽ جنهن مون کي شاعريءَ لاءِ هڪ ٻيو ڏينهن ڏنو آهي. پر منهنجي شاعري هَن کي ڇا ٿِي موٽائي سگهي ۽ اُن جي اهميت اُنهيءَ لاءِ ڪهڙي آهي، جنهن جي نہ ڪائي حد آهي نہ حساب آهي؟ ها اِها منهنجيءَ شخصيت کي پنهنجي توڙ تائين پهچائي يا جيترو بہ اڳتي وڌي وڃي، اوترو چڱو.

اي ڪتيون! جڏهن اوهان ڪَر موڙيو تہ اِن ڳالهہ جون گواهہ رهجو تہ مون جيتري زندگي اجائي وڃائي آهي، اُن جو ڪفارو ڪندي رهيو آهيان ۽ مون کي هر پل ائين ٿو لڳي جڻ موت جي وات مان گرهہ ڪسي رهيو آهيان!

*

اي موت! مان توکي ڪيستائين نِرهہ رکي سگهندس، تون جو ازل کان بُکيو آهين ۽ تنهنجي بُک مٽجي نہ ٿي مٽجي!

*

هن جڳ جي پلئون پل جو چيهہ نہ آهي؛ مون کي انهيءَ رستي تي هڪ ٻي وک وڌائڻ جي مهلت ملي، جو ڪٿي بہ نہ ڪُٽو آهي ۽ جنهن ۾ وسرام ئي اهڙو وسوسو آهي جو سچ نہ ٿي سگهندو.

✻

اي خدا! زندگي ۽ موت جي وچ ۾ ڪا وٿ راهہ هوندي؟ مون کي سائي نم ڏاڍي وٽندي آهي. تو ئي تہ اها ٻڌائي آهي، ان جي سڀاڻ ڏسي، مون کان اُن جي ڪوڙاڻ وسري ويندي آهي.

✻

اي خدا! مون ڪنهن ڪنهن پل ۾ توکي ايترو ياد ڪيو آهي، جو جيڪڏهن توکي سڄي زندگي ياد ڪيان ها، تڏهن بہ توکي ايترو يادِ نہ ڪري سگهان ها.

✻

ڏس، سج ايئن اُڀري رهيو آهي، ڄڻ منهنجي نرڙ تي تهجد جو نشان آهي.

✻

مون کي ڪنهن دوست چيو: ”نيٺ ساڳيءَ جاءِ تي پهتين جتان مون پنڌ ڪيو هو.“ مون چيو تہ: ”ها. تو ايمان سان شروع ڪيو هو ۽ مان وڏا ور وڪڙ اورانگهي، وڏا لڪ لنگهي ايمان تي پهتو آهيان. تنهنجو

ايمان ڪڍهن به ٽٽي سگهي ٿو، منهنجو ايمان اهو آئينو آهي، جنهن کي سچ جيڏو پٿر به ٽوڙي نه ٿو سگهي!"

❋

ٻين کي ماڻهپو سيکارڻ وارا! ڇا تون پاڻ کي ماڻهو ڪري سگهيو آهين؟

❋

ٻهاري ڇاٻڙيا منهنجو دوست آهي، جو بمبئيءَ ۾ رهندو آهي. هن سان گڏجي مون ۽ هوندراج داس 'سدرشن' رسالو ڪڍيو هو، جڏهن اسان پهريون يا ٻيو درجو انگريزي نيو ايرا اسڪول ۾ پڙهندا هياسين. جڏهن ورهاڱو ٿيو ته هو 'زندگي' رسالو ڪراچيءَ مان ڪڍندو هو. بيماريءَ جي باوجود هو مون سان ملڻ روز ووڊ هوٽل ۾ آيو، جتي مان ترسيل هوس.

ٻيون ڳالهيون ڪندي هن ٻڌايو ته:

'مون ڪان تنهنجو اهو نظم اڃا نه وسريو آهي، جو مان 'زندگي' رسالي ۾ شايع ڪيو هو. پوءِ اهو نظم جهونگاريائين:

"نه وسام، وسام، وسام نه تون،
اي لَنو جي لاٽ وسام نه تون."

مونکان اهو نظم وسري ويو هو ۽ منهنجي ڪنهن ڪتاب ۾ شامل نه آهي. نظم پڙهندي ٻهاريءَ جي اکين

مان ڳوڙها وهڻ لڳا. ساري زندگيءَ ۾ منهنجي شاعريءَ جي ڪنهن اهڙي ساراهه نه ڪئي آهي.

*

غالب چيو آهي:

’هم بهي تمهين دکهائين ک مجنون نے کيا کيا
فرصت کشاکش- غم پنهان سے گرملے‘

”حيف ٿي ڙي غالبؔ!“ مون چيو:

”جي غم- پنهان جي ڪشاڪش کان توکي فرصت ملي ۽ پوءِ تون اُهو ڪجهه ڪري ڏيکارين جو مجنونءَ ڪيو هو ته تو کهڙي مڙسي ڪئي؟ مڙسي ته تڏهن آهي جڏهن غم- پنهان مان فرصت به نه هجي ۽ پو به اُهو ڪري ڏيکارين جو مجنونءَ ڪيو هو.“

*

نه ڄاڻان اهو ڪنهن چيو آهي:

”چه خوش گفت بهلولِ فرخنده فال
که من از خدا پيش بودم دو سال
من آن وقت کردم خدارا سجود
که ذات و صفاتِ خدا هم نبُود.“

(بهلول ڀلاري ڪهڙو نه چڱو چيو آهي ته مان خدا کان ٻه سال اڳي هوس، مون اُن وقت خُدا کي سجدو ڪيو، جنهن وقت خدا جي ذات ۽ صفات به ڪانه

هئي)

پر اها پڪ آهي ته هيٺيون شعر رومي جو آهي:

بزيرِ ڪنگرهءِ ڪبر ياش مردانند،
فرشته صيدو پيمبر شڪار ويزدان گير.

(ڪبريا جي ڪُنگري هيٺان اهڙا مڙس آهن، جن فرشتا گرفتار ڪيا آهن، پيمبر شڪار ڪيا آهن ۽ خدا کي جهليو آهي)

۽ اهو شعر علامه اقبال جي ڪَن ۾ پئي رهيو هو، جڏهن چيو هيائين:

در دشتِ جنونِ من جبريلِ زبون صيدي
يزدان بکمند آور اي همتِ مردانه.

(منهنجي جنون جي ويراني ۾، جبريل نهوڙيل شڪار آهي، ۽ مردانه همت! هاڻي خدا کي ڪمند ۾ پڪڙي وٺ!)

اهي سڀ شعر مستيءَ جي عالم ۾ لکيا ويا ها ۽ مون به ڪيئي شعر مستيءَ جي عالم ۾ لکيا آهن.

عقل ۽ خرد جي
پابريءَ ڪَنڌ کي لتاڙي،
تون انهن شعرن کي جنون ته ڪوٺي ٿو سگهين
پر توکي ڪوئي حق نه آهي

تہ اُنهن کي
ڪفر ڪونہ!
تون ڪير ٿيندو آهين
مون تي ڪفر جي فتويٰ ڏيڻ وارو؟
ڇا تون ڪائناتَ جو ڪونو ڪونو ڏٺو آهي؟
ڇا توکي معلوم آهي تہ ازلي حقيقت ڇا آهي؟
ڇا تو منهنجي سڄي شاعري پڙهي آهي؟

*

نيڪ آ، موت کان خوف اجايو آهي، ڇو تہ موت آهي ئي ڪونہ. زندگي جا ودان آهي، مُسلسل آهي. پر ڇا تون مڪافاتِ عمل کان نہ ٿو ڊڄين؟ ڇا تون اِهو نہ ٿو ڄاڻين تہ انسان آسڪر وائيلڊ جو * ڊورين گِري بہ ٿي سگهندو آهي؟

*

هي قُمقُما ٻري رهيا آهن، عود ۽ لوبان جي خوشبو اَچي رهي آهي، محفل پنهنجي رنگ تي آهي. ڇا توکي معلوم نہ آهي تہ اِهي رنگ رليون ڪيترو وقت آهن؟ ڇا تون اِهو نہ ٿو ڄاڻين تہ هيءَ ڌرتي هڪ وڏي اجگر وانگر وات ٻتي ويٺي آهي؟ تون جو دسترخوان تي ايترو

---

* ڊورين گري (Dorian Grey) آسڪر وائيلڊ جي هڪ ڊراما جو ڪردار.

هشاش بشاش وينو آهين ۽ ٿهڪ ڏئي رهيو آهين. ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ تون خود موت جو هڪ گرهہ آهين!

*

تون خدا جو گناهگار آهين يا انسان جو؟ جي پهرين ڳالهہ صحيح آهي تہ تون ڪوئي خوف نہ ڪر ڇو تہ خدا غفار ۽ رحيم آهي، پر جي ٻي ڳالهہ صحيح آهي تہ خدا قهار آهي ۽ هن وٽ معافيءَ جي ڪائي گنجائش نہ آهي.

*

مون هن کي چتائي ڏٺو. هن جو منهن پلپلو ٿي چڪو هو. بنهہ ڪيوسڙو! ها، هو ڪنهن وقت ڊولائتو، ٺاهوڪو ۽ چڱو چوکو هو. ڪاڏي ويئي هن جي اها ڪشش، اها چهري جي چانڊني، اها سونهن، اها سوڀيا؟ ڇا هو پيهر صورتوند ٿي سگهندو؟ ڇا هو هن زندگيءَ ۾ وقت کي پُٺتي موٽائي سگهندو؟ سورج گهڙيءَ جي پاڇي کي تہ سج بہ موٽائي نہ سگهيو آهي؟

*

منهنجي پٺ جو ڪوئي سوال نہ آهي، تون اڳيئي آنڌو ٿي چڪو آهين، دوست ۽ دشمن ۾ توکي ڪائي تميز نہ آهي.

*

جي لغت مان مون کي هڪڙو لفظ ڪڍي ڇڏڻو هجي ته ڪهڙو ڪڍان؟ سڀ کان پرفريب لفظ ته ’دوستي‘ آهي!

❋

اي خوبصورت عورت! مون موت کي توکي چمي ڏيندو ڏٺو آهي. ڇا ڪوئي مصوّر آهي چمي ڪئنواس تي آڻي سگهي ٿو؟ ڇا ڪوئي موسيقار ان جو سَرگم جاڻي ٿو؟ ڇا اها پَوائتي آهي يا پريائي ٿِي؟ موت جي ڳالهه توکي جَهپائي، هَپائي ڇو ٿي ڇڏي؟ ڇا اُهو اَوَس نه آهي، اَڻ ٽر نه آهي؟

❋

اَڄ، اَدب سان پير جُهڪائي ويهه! تون آسمان جي اڳيان بيٺو آهين، تون اُن جي اڳيان آهين، جنهن موت جي اسرار کي ڄاتو آهي.

❋

ڇا تو اڳ توهر جي ڪَنڊياريءَ تاريءَ ۾ ڳاڙها گل ڏٺا آهن؟ جي ها ته ڪجهه وقت ڌيرج ڇو نه ٿو ڪرين؟ نيٺ ته رُت ڦِري ويندي؟

❋

شفق جي ڳاڙهي رنگ ۾ ڦولايل توهر کان وسري ويندو آهي ته هُن ۾ ڪنڊا به آهن.

❋

ڪَنڊو تہ ڪَنڊو ئي آهي، پوءِ اُهو گلاب جو هجي يا ٿوهر جو؟ يا ٻنهي ۾ ڪوئي فرق آهي؟

*

ڇا سڀ انقلابي ايترا مڪارءِ فريبي هُيا، جيترو تون آهين؟ ڇا چڱائي رڳو تسليم و رضا ۾ آهي؟ ڇا مون پنهنجي سنگيت ناٽڪ 'ڀڳت سنگهہ کي ڦاسيءَ' تي وقت اَجايو وڃايو آهي؟

*

تون جُهري رهيو آهين، جُهري رهيو آهين، جُهري رهيو آهين، پنهنجي اصل ڏانهن موٽي رهيو آهين.

*

اي خاڪ جا ذرا! ڪيڏو غُبار ٿي ويو آهين؟ ڇا توکان پنهنجي حقيقت وِسري وَئِي آهي؟

*

نعري باز! ڪڏهن هڪڙي رات بہ شهرِ خموشان ۾ گذاري آٿي؟

*

ڇا سُک اهو پنڇي آهي، جنهن کي ڪنهن بہ نہ ڏٺو آهي، رڳو اُن جون پولڙيون ٻُڌيون آهن؟

*

اي نيرا بادل! ڇا مُنهنجي روح کي تو وانگر اطمينان

اچي نہ سگھندو؟

❋

ڇا تون ڪرامات جو قائل نہ آهين؟ ڇا تو منهنجي شاعري نہ پڙهي آهي؟

❋

لورڪا! تون تہ خانہ بدوشن جا گيت ڳائيندو هئين! توکي هن مٽيءَ جي گهر ۾ قيد ڇو ڪيو؟

❋

ناظم حڪمت! يو. ايس. ايس. آر تنتڻ ڪانپوءِ تون ٻڌائي سگهندين تہ تون ڇا لاءِ ترڪيءَ ۾ نوَ سال قيد ڪاٽيو ۽ باقي عمر روس ۾ جلاوطنيءَ ۾ گذاري؟

❋

اي اديب! جي توکي ادب پيارو آهي تہ تاريخ سان گهٽو نہ وچڙ ۽ جي وچڙين بہ تہ رڳو پنهنجي خطي سان وِچڙ! پورو ذرتي جو گولو ڪُلهي تي تہ نہ کڻ!

❋

تون چوين ٿو تہ زندگي ڪُتي ڪي بہ آهي، مان انسان ٿي جيئڻ چاهيان ٿو، پر ڇا تون اِهو ڄاڻين ٿو تہ انسان ٿي ڪيئن جيئبو آهي؟

❋

ڀهرين پاڻ کي تہ سُڌارِ، هليو آهين دنيا کي سُڌارڻ!

❋

تون پھريون پنھنجي پاڙيسريءَ سان تہ ڇڱو ھل!
انسانذات تہ وڏي ڳالھہ آھي؟

❋

ھن ڪئليءَ کي ڪَڻ ڪيرَ رسائي رھيو آھي؟ ڇا اِن
کان وڏيڪ توکي خدا جي ٻي ثابتي گھرجي؟

❋

اي خدا! مونکي شمس تبريز جون اکيون ڏي تہ
جڏھن ڪتابن ڏانھن ڏسان تڏھن اُنھن مان آگ جا اُلا
اُڀرڻ لڳن!

❋

ڇڏ تہ مان مينھوڳيءَ ۾ واريءَ جي دڙي تي مٿو
رکي ليٽي پوان! انسانذات، مون کي ڪيڏي وڳوڙ ۾
وڌو آتي!

❋

جي پاڳل خاني ۾ پاڳل آھن تہ اُنھن کان اُھي
پاڳل وڌيڪ خطرناڪ آھن جي پاڳل خاني کان ٻاھر
آھن-

❋

ھي پاڳل جي اولاد، پاڻ کي سياستدان ٿو سمجھي!
ھي مَرِي وِيھن توبن جي سلامي وٺندو!

❋

وَجو، وَجو، اوهان لاءِ پوريءَ دنيا جيترو پاڳل خانو پيو آهي! وجو اُن تي چوپڙ کيڏوءِ ڊارن بدران گوليون اُڇلايو!

✻

ڇا تون وڏو ماڻهو آهين؟
تون وڏو تہ آهين، ماڻهو ناهين.

✻

هڪ پيري مون ڏٺو تہ تُنهنجا ڳِٽا لڙڪيِ رهيا ها ۽ ڪومايل ڳل پيلي گلاب وانگر لڳي رهيا ها. پوءِ تون پلاسٽڪ سرجري ڪرائي آئينءَ ۾ سدا گلاب وانگر ٽِڪي لڳين؟ پر ڇا سدا گلاب بہ سدا رهندو آهي؟ موت تنهنجيءَ چميءَ لاءِ آتو آهي؟ اُن جا چپ وڏي رهيا آهن، توڏي وڏي رهيا آهن.

✻

بيوقوف!
ٽيستائين تُنهنجي هَٿ ۾ خارش، ٽيندي، جيستائين تون سِجَ کي بجو نہ ڏين.

✻

مان توکي ڏرتيءَ تان ميسارڻ نٿو چاهيان، ڇو تہ مان خوني نہ آهيان. باقي مون تنهنجو نالو دل جي تختيءَ تان ميساري ڇڏيو آسي.

✻

سقراط پنهنجي شاگردن کي چيو:
”جڏهن اوهان منهنجي لاش کي پورڻ لاءِ کٽي هلندؤ، تڏهن مان اوهان جي پٺيان ايندس، رکو اوهان ڏسي نہ سگهندؤ!“

*

مون کي دشمنن مان ايترو نقصان نہ پهتو آهي، جيترو دوستن مان!

*

منهنجي اکين ۾ لنگهہ هڪ جوالا جي مُنهن ۾ پير رکڻ وانگر آهي.

*

سڀ کان ڏکيو سوال، جنهن جو ڪوبہ انسان هن وقت تائين تسلي بخش جواب ڏئي نہ سگهيو.آهي، سو آهي: ”تون ڪير آهين؟“

*

اي وسريل سِٽَ! ڇا تون منهنجي ازلي حافظي ۾ گم ٿي وئينءَ؟ ڇا مون کي ٻي زندگيءَ ۾ ياد ايندينءَ؟

*

يا خدا! مونکي تلوار نہ گهرجي، مون لاءِ صليب بناءِ!

*

چنگ، جي وڃائڻ اچي، ته ان ڪان وڌيڪ تڪو ڇرو ڪوبه نه آهي.

*

توکي پريان ڦتڪيءَ وانگر ٿو لڳي، هونءَ ته موت مصريءَ جي تڙ آهي.

*

زندگي بصر جي ڪل وانگر آهي. ان کي ڏسي ڳوڙها اچي ٿا وڃن نه ته موت ايترو ٻرو به نه آهي!

*

جيّ ٿوري ڳڙ مان ڪم نڪري ته تقرير ڪي ايترو گوڳائي ڇو ٿو ٻڌائين؟

*

هي ڪڪرَ تنهنجو ڪَجائو آهن، سفر لاءِ تيار ٿيو آهين؟

*

زندگي ديوار وانگر آهي، مان چاهيان ٿو اُها ٽپي اڳتي ڏسان؟

*

ڪڏهن خواب ۾ ٻليءَ کي پنهنجا ڇيڇڙا به نظر آيا آهن؟

*

اَبوءِ! هن ڪوس گهر مٿان ڪپتريون نہ هِليون اچي مِڙيون آهن!

❋

هَد هَد وانگر ڪانپ ڪڍي وينو آهين! مٿان هِل لامارا ڏئي رهي آهي!

❋

ميان مسخرا! موت سڀ کان وڏو مسخرو آهي، تُنهنجي پٺيان بيهي کلي رهيو آهي.

❋

هاڻي تہ مُلڪ ۾ رڳو ڪَانوَ وِجي رهيا آهن، مور جا کنڀ بہ نہ ٿا ملن!

❋

اڄ ڪلهہ موت اُنهيءَ ماءُ وانگر آهي، جنهن جا ٿَڻَ سُڪي ويا آهن.

❋

ڇا تون چاڻين ٿو تہ خُدا ڪيترو نہ چپ چاپ تنهنجي ڪڍ اچي رهيو آهي، رڳو تو مُنهن ورائي نہ ڏٺو آهي.

❋

اي قبر! تون ڪيترو نہ خاموش آهين ۽ شب ماهتاب ۾ ڪيترو نہ وڻين ٿي؟

❋

ميان توکي ايترو بہ صبر نہ آهي، جو اُنهي ڪيڙن کي آهي، جي تنهنجي ماس ۾ لڪا ويٺا آهن.

*

هر ماڻهوءَ جي ماس ۾ ڪيڙا انتظار ڪن ٿا.

*

هُن ڪُتي کي ايڏو وڏو هڏو وات ۾ آهي جو هو اُن کي چٻاڙي بہ نہ ٿو سگهي!

*

سچل جو ديس تہ وچي مڪوءَ ملتان ٿيو آهي. توکي پڪ آهي تہ هو شهر درازا ۾ پوريل آهي؟

*

ڇا، جڏهن ماڻهو ڳڳرين ۾ گولاڙن کان وچڙي وڃي تڏهن ئي مارئي ٿئي ٿو؟

*

چند ديوار جي پنيان آهي، آنءُ تہ اُنجي پاڇي لاءِ بہ سِڪي رهيو آهيان!

*

مون ڪانپوءِ ڪوئي تہ اچڻ لاءِ آتو آهي. ڦاڳ ڦٽو آهي، مان هڪ پُسيءَ جي ڳاڙهن گلڙن ۾ ڏسي رهيو آهيان.

*

ميران! يڪتارو بہ ماڻهو وانگر آهي، جڏهن اهو وه جو پيالو پيئي ٿو، تڏهن ئي ان مان امرت جهڙا گيت نڪرن ٿا.

*

اُڏر پکيئڙا! اجا لام تي لنوي رهيو آهين! سج ٻُڏي رهيو آهي ۽ تنهنجو آکيرو پري آهي!

*

قراة العين! مان سجي عمر تنهنجي تلاش ۾ رهيو آهيان، پر تنهنجي ڇهري مون کي بار بار ڏوکو ڏنو آهي.

*

توکي ڪنهن چيو تہ شبليءَ جڏهن منصور کي گل هنيو تہ هن کي صدمو رَسيو؟ هو تہ گل ڏِسي ڀهريون پيرو مُرڪيو، ڇاڪاڻ تہ گل جيُ مُرڪ هن جَهپي ورتي هئي!

*

اي شبلي! توکان وڌيڪ اهل - ذوق ڪير ٿو ٿي سگهي جو منصور کي گل هڻي!

*

هِن درياهہ جون لهرون خدا جي مضراب آهن جا رات ڏينهن هُن جي وچتر وينا تي وڄي رهي آهي.

*

اِجا تہ موت مون سان چَنر کيڏي رهيو آهي. اجا تہ هُن راند کٽي نہ آهي!

*

موت تون کيڏو بہ ڪوتو جواري ڇو نہ هجين، تون مون کان هارائي ويندين! مان جڏهن پڙ تان اُٿي ويندس تہ تنهنجو مُنهن لٿل هوندو ۽ تون مون کي تڪيندو رهندين.

*

کهڙي الوداع؟ اي موت تون مان وري وري ملنا آهيون.

*

باڪ جو ڪويل ڪوڪي رهي آهي، واري واري سان ڪوڪي رهي آهي ۽ اُن جي ڪوڪ سان منهنجو ڪمرو ڀرجي ويو آهي. ڇا ڪوئي ڄاڻي ٿو، ڇو ڪوڪي رهيَ آهي؟

*

تنهنجي ساري ڪائنات منهنجي ڪمري جي مَٽ نه آهي. هي اَن ڪانِ وڏو آهي.

*

جيڪڏهن ڪوئي پيو جنم آهي ته داتا! مون کي ڪويل بڻائجانءِ، مان انسانذات مان ٿڪجي پيو آهيان.

*

هي ٻار ته ڪَرَوبي هو ٻنو هن کي وڏو ڇو ڪيو؟ ڇا اهو به تو چاهيو ته وڏو ٿي هي صليب تي چڙهي يا صليب کي ڪوڪا هڻي؟

*

ڪيرڪي گارڊ! تو منصور جو نالو ٻڌو آهي؟ جي نه ته تنهنجي معلومات اَڌوري آهي.

*

جمليه هاشمي! "دشت - سُوس" پڙهي مون کي عجب آيو ته تون مون سان فقط هڪ پيرو ڊاڪا ۾ ملي هئينءَ، تو منهنجي سوانح عمري ڪيئن لکي؟

*

اي موت! ٿون دري کولي هوا جي جهوٽي وانگر اَندر آيو آهين. مون کي کهڙي نه مِٺي ننڊ اچي رهي آهي!

*

ٻار! توکي ننڊ ۾ يادگيري آهي تہ جاڳ ۾ تون ٻُکيو هئين يا سُکيو هئين؟

*

اي سنڌ! ڇا مان ڪراچيءَ ۾ شرنارٿي نہ آهيان؟

*

ڳيرو! تون مونکان پڇي رهيو آهين تہ مان موت تي ڇو لکي رهيو آهيان؟ هن عُمر ۾ مان ٻي ڪهڙي حقيقت نگاري ڪري ٿو سگهان؟

*

ڏِسُ! سمنڊ منهنجي ڪمري ۾ پيهي آيو آهي ۽ مان اُن جي لهرن ۾ لُڙهي رهيو آهيان.

*

آڪاس عجب مان منهنجيءَ ڪليل دريءَ مان مون کي ڏسي رهيو آهي ۽ هو سوچي رهيو آهي تہ هِي ڇا ڪَري رهيو آهي؟

*

تون ڇو مون کان، مُنهنجي موت وانگر رُسي وئي آهين؟

*

ڪالهه پيهرين مَئي هئي. اڄ اخبارون نه آيون. ڪيترو نه وقت بچي پيو! خبرون افغانستان جي باري ۾ يا روس جي باري ۾ هجن ها يا ٻي ڪائي جڪ هجي ها. نه آيون ته چڱو ٿيو!

*

پنهنجي دوست کي قبرستان ۾ لَٽي، ٻه ڳوڙها وهائي گهر موٽي آيو آهين. ڄاڻين ٿو ته هُو تنهنجو انتظار ڪري رهيو آهي!

*

ٻُري ڪي وڏي واڳ هوندي آهي ۽ تقدير اُن مان قاسيءَ جو ڦندو اُٽندي رهندي آهي.

*

منهنجي توکي دعا آهي ته تنهنجو موت اسلام آباد ۾ ٿئي ۽ توکي سنڌ جي مٽي نصيب نه ٿئي!

*

هُو روز رات جو ايندو آهي ۽ توکي ننڊ ۾ ڏسي دٻي پير موٽي ويندو آهي. ڇا تون هُن لاءِ جاڳي نه ٿو سگهين؟

*

واڳون هٿ ۾ ۽ پير رڪاب ۾ رک ۽ اِهو ڄاڻ ته عمر جي گهوڙي کي ڪٿي روڪٽو آهي.

*

تون پٽ کان نہ ٿو ڏڄين ۽ نہ ئي ڄاڻين ٿو تہ ڌرتي ڏڏي رهي آهي.

*

چنڊ پنهنجي لوٽي مان چانڊوڪي پيئي رهيو آهي ۽ تون آسمان هيٺان وهنجي رهيو آهين.

*

ڪُرسيءَ کي ٽنگون ٿي، ڇوٿين ليي ئي ڪانہ!

*

هن ننڍڙي ڪڙڪبيتي کي سمجهي سگهين تہ سورج تُنهنجي پهچ کان ٻاهر نہ آهي.

*

تون ڪائنات کي سمجهڻ ڇو ٿو چاهين؟ ڪٿي اهو توکي بہ اڌ ڪري نہ ڇڏي!

*

ارغون ڪٿي آهن؟ ترخان ڪٿي آهن؟ هي دؤر بہ گذري ويندو.

*

چاهو ڇَپَ هٽي ويهندو آهي تہ نانگ کان نہ مرندو آهي. هن دؤر جي نزاڪت کي سمجهہ!

*

رڳو سوئر کي وَڄَ ٿيندا آهن ڇا؟ ماڻهوءَ جا وَڄَ اُن کان تکا آهن، رڳو توکي نظر نہ ٿا اچن.

*

ڪيڏي نہ تڪڙ آهي مون کي؟ برسات ۾ لياريءَ نديءَ کان بہ وڏيڪ!

*

طوفان اچا هَني تي نہ وينو آ، اُن جو پير رڪاب ۾ ئي آهي. مان ڪو مصوّر هجان تہ اُن جي تصوير ڪڍي وٺان.

*

مون ڪالهہ پي. ٽي. اين تي "ترانسڪيءَ جو موت" فلم ڏسي، سوچيو تہ هڪ هَر جي ڇُوني ڪائنات کي بہ اڌ ڪري سگهي ٿي.

*

سورج مکيءَ جي کيت ۾ وان گوگ- اِن کان وڏيڪ پوڳ کهڙو ٿي سگهي ٿو؟

*

مان ڀانيان ٿو انساني شعور ڪٿي مرڪوز آهيءَ موت کانپوءِ بہ اُهو مرڪز ڦيرائي نہ ٿو، رڳو اُن مرڪز جو گهيرو ڦري وڃي ٿو.

*

جي مون کي ٻي جنم ۾ به شاعر ٿيڻو آهي ته مُنهنجي شاعري اُتان شروع ٿيندي جتي مان ڇڏيان ٿو. موت هڪ تسلسل آهي، هڪ قطع ڪلامي آهي، ٿوري وقت لاءِ.

❋

آنءُ ازل کان اڪيلو پکي هوس. خبر نه آهي ته مان وڳر ۾ ڪيئن ملي ويس. خبر نه آهي ته مون کان ماڳ ڪيئن وسري ويو ۽ سڌو چار ڏانهن ويس!

❋

ڏاهر! ڇا صدام جي شڪست تاريخ کان تنهنجو پلئه وٺي رهي آهي؟

❋

ڏاهر! تاريخ ڪيستائين ڏَن ڏيندي رهندي؟

❋

گدڙ هجي يا بگهڙ، ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسڻ کانپوءِ ٻئي هڪجهڙا آهن.

❋

هي رني ڪوٽ جي پهاڙيءَ تي ساندي جي ڇپ، اُن جي مٿان اُپ ۾ ننڍيءَ ڪڪريءَ وانگر چمڪي رهي آهي. مون کي ته ٻنهي ۾ ڪوئي فرق نظر نٿو اچي.

❋

هن چيهي کي ڪائناتيءَ مان ڳوڙهو لڳو آهي ۽ وڻ تان اُڏرندڙ ولر سان اُڏري نه سگهيو آهي. هو ڌرتيءَ تي چُرپُر ڪانسواءِ پيو آهي. مان اُن کي تريءَ تي کڻان ٿو، هو گهڙيءَ لاءِ هڪ اک پٽي ٿو ۽ پوءِ موت جي زرد پنجي ۾ هن جو ٽنگون سخت ٿي، آڱرجي وڃن ٿيون.

⁂

هومر آڊيسيءَ ۾ چيو آهي:
هن پنهنجيءَ ڇاتيءَ تي ڌڪ هڻي پنيو ۽ دل کي چيو: ”اچا جٽاءُ ڪر! تو هن کان به گهڻو وڏيڪ سَٺو آهي“.
اڄ جڏهن مان اَت پيڙا مان گذري رهيو آهيان، مون کي ’هومر‘ ياد اچي رهيو آهي.

⁂

برنارڊشا خُدا کي ڳولهي رهيو آهي ۽ خدا مُرڪي هن کي ڏاهي رهيو آهي.

⁂

* مان بيگاريءَ جي ڪَڙتي هڪ جهوني ٻڙ جون جَٽائون ڳلن سان لائي روئي رهيو آهيان ۽ پاڻيءَ ۾ مُنهنجا لڙڪ ايئن مِلي وڃن ٿا، جيئن مون وانگر هر شيءِ ملٽي آهي، ابدي وحدت سان.

⁂

---

* بيگاري- شڪارپور جو هڪ واهه.

ڪيئل داس 'فانيءَ' کي حِڪمت جو شوق ٿيو آهي ۽ هو شڪارپور جا باغ چڪاري، ڪانوَل جا پن پٽي آيو آهي، جي مون کي ڏيکاري ايڏو خوش ٿي رهيو آهي، ڄڻ هن ڏهه نظم لکيا آهن. آخر ڪانول جا پن ڪنهن نظم کان ڇا ۾ گهٽ آهن؟ ڇا اهي خدا جي شاعري نه آهن؟

*

ميان! تون تاريخ مان سبق نه ٿو سکين؟ ڇا تون سڪندر کان به وڏو آهين؟ ڇا تنهنجو ڪوئي بابل نه آهي؟

*

هو ڪيڏو آڪڙجي ٿو هلي ۽ اهو نه ٿو ڏسي سگهي ته موت جو پاڇائون هن جي ڪڍ آهي.

*

"دارا! هي دنيا پاگل خانو آهي" سرمد چيو، "تون ان جي ڪڍ لڳي مٿو وڃائيندين؛ هي اورنگزيب سڀ کان وڏيڪ پاگل آهي ۽ انڪري تاج تخت جو حقدار آهي."

*

مان هن کي ائين چنبڙي وتو آهي، جيئن ڪوهه پيما جو هندوڪش تان پير ترڪي ۽ هو رسيءَ کي چنبڙي پئي.

✻

ڇا هيءَ ڪائنات هڪ ڪوريئڙي جو ڄار آهي، جنهن جو نالو موت آهي؟

✻

مان جمال ابڙي سان گڏ ابراهيم حيدريءَ ۾ هڪ بنگلي ۾ ميربحرن سان ڪچهري ڪري رهيو هوس؛ هيٺان ڪيئي هوڙا بيٺا ها. اوچتو مون سوچيو "ڇا مان، جمال، ميربحر، هوڙا ۽ اها ڪچهري جا اسان ڪري رهيا آهيون، انهيءَ سمنڊ جو سپنو ته آهي! جنهن وقت سمنڊ جاڳندو ته اسان جي اُن کي سار به نه ايندي؟"

✻

مون ننڊ مان اُٿي سوچيو:

"هي سپنو ڪيترين صديون اڳي جي ڳالهه هئي، ڇا مان اُن سان ناتو برقرار رکي ٿو سگهان."

✻

آه! جڏهن بمبئيءَ ۾ تو هُن جو نالو ورتو ته مون چاهيو ته توکان پڇان "اِها ڪير آهي، ڇا انهيءَ کي

مون نربدا جي ڪناري، باز بهادرء روپ متيءَ جي محل ڪان ٿورو پرتي، ڏٺو هو؟"

*

ڇا منهنجو ذهن سالو دور داليءَ جي هڪ تصوير ٿي پيو آهي؟ ڇا نذرالاسلام مون کان وڌيڪ خوشنصيب هو، جنهن جلدي جند ڇڏائي ورتي؟

*

"گوربا چوف! مان اڪيلو نه آهيان، ساري تاريخ ان غلطيءَ جي قيمت ادا ڪري رهي آهي ته اَن بکونن جي جاءِ تي مارڪس کي ليڊر ڇو ڪيو؟"

*

تون نه دارا نه اسڪندر، ڪُرسيءَ تي تِڏين ڪيڏو ٿو!

*

مان سنڌ ۾ پيدا ٿيو آهيان، شوپنهار جرمنيءَ ۾ پيدا ٿيو هو. جڏهن مان به هن وانگر مري ويندس، تڏهن ان جي اهميت ڪهڙي رهندي ته ڪير ڪٿي پيدا ٿيو هو! جڏهن ڪيڏاريءَ جو تماشو پورو ٿئي ٿو، تڏهن ان ڳولا لاءِ جاکوڙ اجائي آهي ته ڪهڙي ڪٺ پتلي ڪٿي رکي وئي آهي.

*

جي يِنائيءَ کي ڪراڙ جي ڪپ تي دوربين هجي ها
تہ ڇا هو اِن کان بهتر سٽ لکي سگهي ها:
”ڪتين ڪَرَ موڙيا، تيڙو آيا تيئي“.

❋

تون مون کان هن جي پوڇا ڇو حق ڪسي نہ ٿو
سگهين، پوءِ هوءَ تنهنجي جوءِ ئي ڇو نہ هجي!

❋

ڇا خُدا کي ڄاڻڻ ڪانسواءِ هن کي ائين ميجي نہ ٿو
سگهين؟ ڇو پنهنجي ڪَڍَ پيو آهين؟

❋

جي مان توکي چوان تہ ڪاليداس منهنجو نندو ڀاءُ
هو تہ تون منهنجو مذاق اڏائيندين؟

❋

تون سنڌ ۾ يِنائيءَ کان وڏو شاعر ڏسڻ چاهين ٿو؟
توکي اکيون آهن؟

❋

* مارڪس آريليس! تون روم ۾ گذارو ڪيئن ڪري
سگهين!

❋

ڇا اڄ تائين ڪنهن ڄاتو آهي تہ ويچونءَ کي ڏنگ
مان ڪهڙو مزو ايندو آهي؟

❋

* مارڪس آريليس: روم جو هڪ بادشاهہ، جو دنيا جي عظيم
فلسفين مان هو.

تـون جو مريخ ۽ مـشـتري ٽـپـي ويـو آهـين، قـاضي قاضن جي اَن مَنديءَ ماڪوڙيءَ جيترو به نه آهين، جا ڪوهه مان اَيڻ ڪجي رهي هُئي.

❋

زنـدگـي نـجد جي سـحـرا وانـگـر آهـي. لـيـلـيٰ فـقـط مجنوُنءَ جو تصوُر آهي.

❋

ڇا ڪـوهـه ـ بـي سـتـون مـان جُوئـي شِير آڻـڻ لاءِ ڪنهن شيرين جو وجود ضروري آهي؟

❋

مـصـوّر تـصـويـر ۾ جان وجهـي سـگـهـي تـه خدا ٿـي وڃي.

❋

اجمير ۾ مان به اڪيون ڏٺيون. اُنهن مُنهنجين اکين ۾ ايـتـري آراڌنـا سـان ڏنـو جو آنءُ پـاڻ کـي سـچ پـچ دَشينَت وانگر سمجهڻ لڳس. جي هوءَ شڪنتلا هُئي ته منهنجي جيونَ ۾ ڪيترو دير سان آئي هُئي!

❋

ڇا زنـدگـيءَ ۾ پـوري خوشي نـه آهـي، فـقـط اُن جي آس آهـي؟ ڇا انـسـان پـاڇن پـنـيـان ڊوڙن ٿـا؟ ۽ پـاڇا جڏهن لهندڙ سج جا آهن، تڏهن ڊگهـا ٿيـندا ٿيـندا تـڪـجي بيهن ٿا.

❋

مون اَلهاس نگر ۾ ڪيئي سوئر ڏٺا، جن جا ڪنڌ ڏڪي رهيا ها ۽ جي ڪچرو کائي رهيا ها. مون کي اها ڪنڌ ڏوڻ ڏسي ڪجهہ ياد آيو. جئوير چيو تہ اهي هتان جي ميونسپالِٽي ها.

*

تصوّر تہ ڪر، آمريڪي رقاصہ اِزئڊورا ڊنڪن يوناني ديويءَ افرو ڊائٽيءَ جي مندر ۾!

ابد جي تاج ۾ اهو پل ڪوهنور وانگر جرڪي رهيو آهي.

*

چوندا آهن: 'نيڪي ڪري درياهہ ۾ وجهہ.' درياهہ ڪيڏو نہ وڏو آهي ۽ درياهہ ۾ پيَل هر شيءِ درياهہ ٿي وڃي ٿي.

*

ڀرتري هَريءَ کانسوا، ٻيو ڪوئي پئسي وارو ٻڌاءِ جو شاعري ڪري سگهيو آهي؟ نہ وري ڀرتريءَ هريءَ ان ڪري شاعري ڪئي هئي جو هُن وٽ پئسو هو.

*

ميان! پئسو پِٽ آهي، جنهن وٽ آهي اهو عذاب ۾ آهي.

*

اسـان جي جيئـري تـہ ان ڳالـهہ جو فـيصلـو نـہ ٿـي سگهندو تہ اسان مان ڪير وڏو آهي. شايد اسان جي موت کان پوءِ ان جو فيصلو ٿي سگهي. شايد موت کان به اها ڳالهہ وسري وڃي!

❋

مُتعَصب انسان! مان توکي چڱيءَ طرح سمجهان ٿو. نيٺ تون اجنتا ۽ ايلورا کي بہ بـم سان اُڏائيندين، شايد انهن سان گڏ تاج محل کي بہ.

❋

اي ديوي! تنهنجي ڪوپڙي بہ اُن هار جو حصو ٿي چڪي آهي، جو پائي مان تانڊوءَ ناچ ڪري رهيو آهيان. جي مون صدين تي سوين پاتي تہ تنهنجو پل سجايو آهي.

❋

سـڪـر بـار روم ۾ ويـٺـا هـيـاسـين، ١٩٦٥ع واري جنگ ڇڙي چُڪي هئي. ريڊيو تي آيو تہ ”پاڪستاني پائلٽ، هندستاني پائلٽ تي حملو ڪيو ۽ 'اس کے چھکے چُھڑا دئے'. مون ٺهڪ ڏئي چيو ”هي جنگ کي اجا چؤپڙ جي راند ٿا سمجهن. ڪيڏا نہ بيوقوف آهن." ٻي ڏينهن تي مون کي ٽي مهينا جيل ۾ وڌائون.

❋

زندگي هڪ تبسّم جو نالو آهي، پر اها به هر
ڪنهنکي نصيب نه آهي.

*

تُنهنجي پنهنجي موت جو چرو ڏسي نه ٿي سگهي، جو
تنهنجي پويان ٿو اَچي.

*

توکي تقدير ۾ اعتبار نه آهي. مان پانيان ٿو ته اها
ڳالهه به تنهنجي تقدير ۾ آهي.

*

موت هر ڪنهن کي رڙڪي رهيو آهي. تون به
ڪاغذي بادامي ۽ وانگر هُن جي هوڙن جي وچ ۾ آهين
پر توکي اجا چپ نه آئي آهي.

*

مون کي مرندي موت محسوس نه ٿيندو.

*

* ڇا خانقاهه ۽ خرابات ۾ ڦري حافظ رُوءِ حبيب
ڏٺو؟

*

** يگانہ خدا نه ٿي سگهيو. رڳو گناهه- زنده دليءَ ۾

---

* درعشق خانقاه و خرابات شرط بسنيت
هر جا کہ هست پر تو روئے حبيب هست.

** يگانہ ـ اُردو جو مشهور شاعر ياس يگانہ چنگيزي

گڏهہ تي چاڙهيو ويو.

*

راشدي چوندو هو تہ مان ڪوئي ڪُتو آهيان ڇا جو ڪنهن ماڻهوءَ سان وفادار رهان! هُن کي خبر نہ هئي تہ ڪُتو ماڻهوءَ جو آدرش آهي. هر ماڻهوءَ جي وس ۾ نہ آهي تہ هو ڪتو ٿي سگهي.

*

”همہ کس طالبِ يا رند چہ هشيار وچہ مست
همہ جا خانہءِ عشق است چہ مسجد چہ ڪنشت“.
حافظ! سنڌ اسيمبليءَ جي باري ۾ ڇا ٿو چوين؟

*

* ساري برصغير ۾ اهڙو شعر مير دردِ ڪانسوا ڪنهن بہ نہ چيو آهي:

درد ڪچھ معلوم ھے يہ لوگ سب،
ڪس طرف سے آئے تھے ڪيدھر چلے.

*

تون موت کان ڏاڍو آهين يا موت تون کان ڏاڍو آهي. اهو پتو تہ اڳتي هلي پوندو.

*

* ڪڏهن تہ تنهنجي آرايش ختم ٿيندي؟ ڪڏهن تہ تون آئينو ٽوڙي ڦٽي ڪندينءَ؟

*

* آرايش جمال سے فارغ نہيں ہنوز
پيشِ نظر ھے آئنہ هردم نقاب مين

غالب! مان تہ هَن کي روز ڏسندو آهيان. ڪڏهن مونسان ڪلفتن تي هل تہ مان توکي بہ ڏيکاريان.
* جڏهن سج سمنڊ ۾ ٻڏندو آهي، هو چوڏاري ڇانئجي ويندو آهي.

✻

فيض! تو وصيّت ڇو نہ ڪئي تہ توکي فوجي آفيسر ۽ بيورو ڪريٽ نہ پڙهن!

✻

لوئي آراگون ڪميونسٽ نہ هجي ها تہ بهتر شاعر هجي ها.

✻

آندري بريتون ماورائي حقيقت نگاريءَ جو باني هو. دراصل حقيقت تہ هڪ فريب آهي، جو ڪجهہ آهي ماورا آهي.

✻

آمريڪي انقلاب پنهنجي اقتصادي سامراجيت جي باوجود والٽ وٽمئن ۽ رابرٽ فراسٽ پيدا ڪري سگهيو. اُن ۾ ڪا تہ ڳالهہ هئي!

✻

---

* اُسے کون دیکھ سکتا کہ یگانہ ہے وہ یکتا،
کے دوئے کی بوبھی ہوتی تو کھیں دوچار ہوتا.

نہ مينڊالستام پيدا ڪري سگھيو نہ ائنا اخمتووا. چيني انقلاب اجايو ويو.

❋

جي ’لارا‘ جي ڪردار تخليق ڪرڻ لاءِ روسي انقلاب ضروري هو تہ مان اُن جو خير مقدم ڪيان ٿو.

❋

پاسترناڪ مري ويو، زواگو زندهہ آهي.

❋

ميان، مرندين تہ تون تنها هوندين. جماعت تہ توسان فقط جنازي نماز تائين هوندي.

❋

ننڍي ۾ ننڍي جمهوريت وڏي ۾ وڏي آمريت کان چڱي آهي.

❋

غالب چيو آهي :

’کفِ افسوس ملنا، عهدِ تجديد تمنا هے‘

ڇا الطاف پائي اها ڳالهہ سمجهي سگھي ٿو؟

❋

اردوءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر ميراجي هو.

❋

فراق گورکپوريءَ ۾ ايترو جينيس نہ هو جو هو اردوءَ جو مزاج بدلائي سگهي، هن جي رباعين ۾ سنسکرت جا لفظ اوپرا ٿا لڳن.

*

خواجا فريد ۽ سچل سرمست جي هڪ دنيا آهي، غالب ۽ مير جي ٻي.

*

چون ٿا تہ اردوءَ جا پنجابي وارث، جگر مراد آباديءَ تي لاهور ۾ ڪِليا ها.

*

چون ٿا تہ خواجا فريد شکر گنج جي گهر ۾ اڪثر فاقو هوندو هو. هڪ ڀيري هن جي زوجہ محترمہ چيو تہ فلاڻو ڇوڪرو فاقي ۾ مري ٿو. فريد چيو تہ: "جي تقدير الاهي اها آهي تہ ائين ٿيندو."

*

ڄام ساقي! مون هيءَ ڳالهہ نوٽ ڪئي آهي، تہ جنهن اسلام جو مطالعو گهٽ ڪيو آهي.

*

هڪ صوفيءَ کان ڪنهن پڇيو: "موت ڇا آهي؟" هن ڪيس جواب ڏنو: "تنهنجو اهو سوال بہ موت جو حصو آهي. انهيءَ کان وڌيڪ مان نٿو ڄاڻان."

*

اڙي ڪير ٿو چوي هتان جي ڪنهن به سياستدان ڪاڻ چاٺڪيه برو هو؟

※

چا اهڙو ڪو مصوّر آهي جو ايراني ڪوهه جي تيل ۾ رفسنجانيءَ جي تصوير ڪڍي سگهي.

※

ڪنهن سان ايتري سِڪَ به نه رکُ، جو اُن ۾ سُڪَ ٿي وڃين!

※

جي ماٺهوءَ ۾ نانگ ٻنهي کي ڪير پياريندين، ته توکي ٻنهي ۾ فقط هڪ فرق نظر ايندو. نانگ توکي ڏنگڻ مهل اُن چاڻ ڪان وانجهي هوندو ته هو توکي ڏنگي رهيو آهي.

※

هو توکي ڏسي سڙي رهيو آهي. ڀلي سڙي، آخر باهه ٽُنهنجي ته نه آهي، هُن جي پنهنجي آهي!

※

موت ايترو خراب به نه آهي. آخر توکي زندگيءَ جو ٿڪ لاهڻو آهي يا نه؟

※

ڇُون ٿا هوُوڏو ماڻهو آهي. هن کي هڪ ڪار آهي، بنگلو آهي، وزارت آهي. مان تہ سمجھان ٿو تہ هُو ننڍي ۾ ننڍو ماڻهو آهي. هُن هي سارو آسمان ڇڏي ڏنو آهي.

*

مهاڻي سارو ڏينهن مڇيون وڪڻي چانديءَ جا سڪا ڳڻي رهي هئي. اڏيءَ تي پيل ڇلر هن تي کِلي رهيا ها.

*

ڪُرسيءَ جون ٽنگون پڇنديون آهن تہ اُنهن جي ملم پٽي نہ تي سڳهندي آهي.

*

جيترو غلط موت کي سمجھيو ويو آهي، ڪنهن شيءِ کي نہ سمجھيو ويو آهي.

*

هي تنهنجو لاش پيو آهي. رکو تون ئي نہ تو چاڻين تہ هي تنهنجو لاش آهي! يا تون چاڻين ٿو؟

*

هُن جيروم. کي. جيروم جو ڪتاب ڏسي مزاحيا ڪالم تي لکيو ۽ لکڻ وقت کٽ تي ايئن وينو هو ڇڻ خود اخبار جو مزاحيا ڪالم آهي.

*

هن ويڇوڻ مون کي ڏنگ هنيو آهي. مون ۾ ايتري سگهه نه آهي ته مان پيرن هيٺان هُن کي چيتاڙي سگهان. اوچتو مان ڏسان ٿو ته آسمان مان ڪو لانگ بوٽ هيٺ لهي رهيو آهي.

❋

ڇا تراتسڪيءَ ۽ اسٽالن جي موت ۾ اذيت ساڳي هئي؟

❋

جيڪو به ڦاسيءَ جي ڦندي ۾ لڙڪيو آهي، سرمد ته ناهي!

❋

تون ڀاڪو ٽيڻ ٿو چاهين؟ چنگيز خان کي ڀاڪو ٽي ڇا مليو؟

❋

ماٺ تي مرڻ چاهين ٿو؟ گانڌيءَ وانگر مرندين؟

❋

گوڊسي جي مٽيءَ کي سنڌوَ جو لهرون ايترو ڇو پسند هيون؟

❋

ڇا موت ڏاڙيل آهي؟ يا ڪنهن وقت هو تنهنجو ڏن توکي موٽائي ڏي ٿو؟

❋

ڇا تون خلاباز آهين يا فقط خلا آهين. نيت تہ پوئين ڳالهہ صحيح آهي، بازي توري وقت لاءِ آهي.

*

ڇا تنهنجو انت ڪوئي پائي سگهي ٿو؟ ڇا هُو اهو ڄاڻي سگهي ٿو تہ تون بي انت آهين!

*

منهنجي حياتي بہ تنهنجي ڳولا هئي، منهنجو موت بہ تُنهنجي ڳولا آهي، تون جو ليي نہ ليٽو آهين؟

*

مشتري ۽ مريخ تہ ڏاڍو ڏور آهي. توکي انهن ڪان بہ پري ٿو ڏسان، پنهنجي پاڻ ۾.

*

ڏول وجهان؟ مَس تہ پرجي ٿو نڪري ۽ ڪوهہ ۾ پاڻي اڳي ڪان جهجهو ٿيندو ٿو وڃي.

*

منهنجو هڪ اڻ پڙهيل مائٽ هيو. هو گفتگوءَ ۾ سوريئَلسٽ هو ۽ عجيب غريب تشبيهون ڏيندو هو. چوندو هو:

”هَن جا ڪن تہ نہ آهن، شوالي ۾ ڏيئا پيا ٻرن.“

”اکيون تہ نہ آهن، حوض ۾ ڪانگهارا پيا آهن.“

”وينو تہ نہ آهي چڙ اوتاري ۾ ٻهارو رکيو آهي.“

* هُن کي سالو دور داليءَ وانگر وڏيون مڇون نه هيون نه تہ ڳالهہ ٻولهہ ۾ هُن وانگر لڳندو هو.

❊

خدا سيني کان وڏو به آهي ۽ سيني کان ننڍو به آهي. ڇا تون اهو سمجهي سگهيو آهين؟

❊

جي منهنجي شاعري توکي خدا جي وجود جو ثبوت نه ٿي لڳي تہ اڃا توکي ٻيو ڪهڙو ثبوت گهرجي.

❊

توکي نہ دستِ يوسف، نہ يدِ بيضا!
مان هي ڪتاب توکي ڇا جي لاءِ پيش ڪيان!

❊

فيض جيل ۾ نہ هجي ها تہ اها شاعري ڪري سگهي ها، جا هن دستِ صبا ۽ زندان نامہ ۾ ڪئي هئي؟

❊

ڇا دستِ صبا ۽ زندان نامہ جي تخليق ٿيڻي هئي، انڪري فيض کي جيل ۾ وجهو پيو.

❊

ڪاليداس، وڪرماجيت کان وڏو ماڻهو هيو. ڇا توکي ان ۾ ڪوئي شڪ آهي؟

❊

---

* سالو دور دالي ـ هسپانوي مصوّر جو ڪجهہ سال اڳ آمريڪا ۾ گذاري ويو.

هاڻي ڪوڙ ڳالهائڻ عيب نہ رهيو آهي. جهنڪي ڪوڙ ڦٻي وڃي، اُن جهڙو چڱو ماڻهو ڪوبہ نہ آهي، پر ڇا سچ پچ ماڻهوءَ کي ڪوڙ ڦٻي ٿو وڃي؟

※

تون استريءَ کي ديوي ٿو سڏين! استري تونري آهي، تڏو آهي، داٻلو آهي ۽ جي ديوي آهي تہ رڳو تنهنجين اکين ۾ آهي.

※

تُلسيءَ جي ٻوٽي کي پاڻي ڏئي رهيو آهين، صبح کي وڏيڪ اجرو ٿو ڪرين!

※

ڏينهن ۽ رات ٻہ پکي آهنِ، جي سچ ۽ چنڊ جا آنا لاهي اُڏامي ويندا آهن.

※

جي تون چاڻين ٿو تہ ڪويل ڪوڪندي ڇو آهي، تہ تون منهنجيءَ شاعريءَ جو ڀرپور اڀياس لکي سگهين ٿو.

※

پاڪستان ۾ اسلام پسند رات جو چمڙن وانگر اُڏامندا آهن ۽ ڏينهن جو اُن جي ڇت ۾ اونڌا لٽڪي پوندا آهن.

※

نيٺ تہ ڪن پل لئہ ننڊَ ڪيئہ؟
موت جو ذائقو چکي وَرتئہ!

*

يا خدا! ڪيستائين انسانن کي جانورن جي رعايا ٿيڻو پوندو؟

*

فن جيترو موت جي ويجهو اچي ٿو، اوترو پيلي گلاب جي گل وانگر تڙي پوي ٿو.

*

مون کي پڪ آهي تہ مان اڳين جنم ۾ وديا پتي هوس ۽ منهنجي ٻولي ميٿلي هئي.

*

جي هاڻي مونکي اهو احساس ٿئي تہ تون ايتري پيار جي لائق نہ هئينءَ تہ ڇا مان توکان ڏنل پيار موٽائي وٺي ٿو سگهان؟

*

ڇا موت جي ويسر ۾ ڪائي اهڙي سارَ آهي جا ويسر واري نہ ٿي سگهي؟

*

ڇا نذرالاسلام مون کان وڌيڪ چريو هو، جو هُو چُپ ۾ ٻُڏي ويو هو؟

*

مون هن جي بنسري ٻڌي ته آهي پر ڇا مان ڇيتنيءَ وانگر وڄ لوڪ ۾ نچي سگهان ٿو؟

❋

تون تاريخ ۾ اهي ڳالهيون سمجهائي نه سگهندين ته اڪبر عمرڪوٽ جي پرسان، ۽ ابو الفضل ۽ فيضي سيوهڻ ۾ ڇو ڄايا هيا؟

❋

”جيئري تنهنجي جاءِ جيتري ننڍي هوندي، مئي ڪانپوءِ تون اوتري وڏي جاءِ ولاريندين“

❋

تون چوين ٿو ته موت اتفاق آهي، مان چوان ٿو ته اُن جو وقت اُن مهل طئي ٿيو هو، جنهن وقت اڃا تون ڄايو نه هئين.

❋

ڇا روح ۽ شعور ساڳي ڳالهه آهي؟ يا شعور دماغ سان واڳيل آهي ۽ شعور جو خاتمو روح جو خاتمو نه آهي؟ يا شعور روح جو حصو آهي، جو موت ڪانپوءِ روح ٻي جسم ۾ ڪٿي وڃي ٿو؟ جي ها ته ڪيئن، ڪهڙيءَ طرح، ڪيتريءَ حد تائين، ان جو جواب مشڪل آهي.

❋

موت ڪيترو سؤلو آهي. اهو تون مري سمجهي سگهين.

❋

موت کي ڪئلينڊر ته ڪونه هوندو آهي، ڪمپاس هوندي آهي.

❋

اشوڪ کان اڪبر تائين ڪيتريون صديون گذريون؟ شايد وچ واريءَ تاريخ کي فالج ٿي پيو هو!

❋

فيض خوش نصيب هو، جو گلاسنوست ۽ پيرسترونڪا کان اڳ ۾ گذاري ويو.

❋

موت جي قربت شايد حواس تيز ڪري ڇڏيندي آهي.

❋

جيستائين تون موت کي نه سمجهندين، زندگيءَ جي ڪنهن به سوال جو جواب ڏئي نه سگهندين.

❋

هي دنيا هڪ سراءِ آهي. ان مان هر ڪنهن کي لڏڻو آهي. ان ڳالهه تي نه افسوس ٿيڻ گهرجي نه عجب. سياڻپ جي تقاضا اها آهي ته ان کي گهر نه سمجهين.

❋

تون ڪوڙ سان نِياءُ ڪري، ڪيڏو نہ خوش لڳي رهيو آهين! پر ڇا تون سچ پچ خوش آهين؟ ڇا تنهنجي ڇهري تي چمڪ پايدار آهي؟ يا اها انهيءَ وچ جي چمڪ وانگر آهي، جا توتي نيٺ ڪِري، توکي رک ڪري ڇڏيندي؟

*

ڪنهن انگريز جج فتوىٰ ڏني آهي تہ ”پنهنجيءَ زال سان بہ زنا ٿي سگهندي آهي.“

ماڻهن کي عقل ڪيترو نہ دير سان ٿو اچي!

*

ماڻهن کي عقل هوڙ ويهارو ورهين ڪانپوءِ نڪرندي آهي، ڪنهن ڪنهن قوم کي پنهنجيءَ تباهي کان اڳ عقل هوڙ نہ نڪرندي آهي.

*

ڇا هوءَ قوم تباهہ ٿيندي، ماڻهو بچي ويندا؟

*

تُنهنجي قيامت، منهنجي معراج آهي.

*

مان تہ توکي بہ بچائڻ چاهيان، پر مان ڇا ڪيان توکي خود ڪشيءَ جو شوق ڪنيو بيٺو آهي.

*

شداد جي بهشت ۾ ڪيستائين گذاريندين؟

*

ڇا مزدڪ وري وري آپري ايندو؟

*

ڇون ٿا تہ خودڪشيءَ جو بہ هڪ نظريو هوندو آهي!

*

سنڌ جي ڌرتي ڪنهن بہ نظرئي تي مدار نہ ٿي رکي.

*

ڦوڪٽو نيٺ تہ ڦاٽي. اُن جي اندرين هوا ٻاهرين هوا لاءِ ڪيترو بي چئن آهي!

*

تون جو پاڻ مجسم شيطانُ آهين، مون تي لاحول ولا پڙهي رهيو آهين!

*

سچا دوست ڇڏي تو ڪوڙا اپنايا آهن، جي تنهنجا ڪانڌي بہ ٿيندا، قبر بہ ٿيندا.

*

تون جو ڪاذب آهين، پنهنجي قبر تي پاڻ گل رکي رهيو آهين!

*

مان ڏسان ٿو تنهنجو موت، جو تنهنجي ترو تازه جسم تي پيل گلاب جا گل سنگهي رهيو آهي!

*

بروٽس! تنهنجو خنجر اِجهو ٿو ٽوڪي لڳي! باقي ٿوري دير آهي.

*

’ڪوٽڙيءَ ۾ ڪانءُ“ ”ڪوٽڙيءَ ۾ ڪانءُ.....“
سون مان پٿائي ٻولي رهيو آهي.

*

موت تنهنجي دربان سان چاءِ پي رهيو آهي، تنهنجي ڪوپريءَ ۾! اِجهو دڙ ڪڙڪيو.

*

تُنهنجي قبر کي هاتار ڪوٽي، ٿَڪِيَ رهيا آهن. ڳجهون اهو تَرِ ئِي ڇڏي ويون آهن.

*

هُو هوا ۾ معلق آهي، نظرئي ۾ ٿو رهي.

*

ڌرتي وڏي يا نظريو وڏو؟ ظاهر آهي ته وڏو اهو ٿيندو، جنهنجو دماغ بادلن ۾ هجي پوءِ هن جا پير ڌرتيءَ تي ٽِڪَل هجن يا نه.

*

طنز ڏائڻ جي مُنهن تان رَئو لاهي وٺندي آهي.

*

ڇا ڀِڏي تي ڪلڻ طنزُ ۾ شامل آهي؟

*

ڪنهن کي ٿو ڏند ڏيکارين؟ هو ته پڌو آهي.

*

هن جي قبر سنگ مرمر جي نه بڻاءِ، جئين روز قيامت مردي کي ٻاهر اچڻ ۾ تڪليف نه ٿئي!

*

واهه ڙي مستقبل جي تاريخ!
هن جو سنگ لحد پيو آهي، لحد ڪونهي!

*

.منهنجو سنگ لحد اوهان جو سپنو هوندو!

*

مونکي تخت تي نه ويهار ۽ تاج نه پهراءِ. توکي معلوم نه آهي ته تاج و تخت جي قسمت انٽ پيرن ۾ هوندي آهي؟

*

موت جڏهن نوڪر هوندو آهي، تڏهن هڏا قبرن مان نڪري نڪرن پترن سان ملي ويندا آهن.

*

ماڻ به ڏسان ته ڪيستائين تون قبر ۾ محفوظ آهين!

*

موت اهو ملاح آهي جو ڪروڙين ڪشتيون ڪاهي ٿو، پر پوءِ به هن جا بازو نه ٿا ٿڪجن.

*

موت تہ هر ڪنهنکي ماري ٿو ڇڏي، افسوس آهي انهن تي جن کي زندگي ماري ٿي ڇڏي.

*

افسوس آهي توتي جنهن سان مون عشق ڪيو هو، تون جا پيريءَ تي پهتي آهين ۽ چاهين ٿي تہ وار ڪارا ڪيان!

*

افسوس انهيءَ گهڙيءَ تي، جڏهن تون بستري مان اٿين ٿي ۽ توکي وِگ پاتل نہ آهي!

*

ڇا مون توسان عشق ڪيو هو؟ يا پاڻ سان عشق ڪيو هو؟ يا عشق سان عشق ڪيو هو؟

*

منهنجيءَ شاعريءَ مان تنهنجي اکين جي ڳالهہ ڪڍي ڇڏجي تہ باقي ڇا بچي؟

*

پنهنجا زلف پيرن ۾ نہ وَٽِ. نانگ ديوتا ٿيندا آهن.

*

ائين تڏي تانهري آڱرين جي ڏوڏن مان نَڪاوَ نہ ڪڍُ، مٿان وچ ترڪات ڪري رهي آهي!

*

سارو جهنگ باهہ ۾ وڪوڙجي ويو آهي. هاٿي بتي

ٻارين ٻه ته ڇا، نه ٻارين ٻه ته ڇا؟

⁂

ميان! موت ته ويجهو آهي، زندگي پري آهي!

⁂

اڄ ڪلهه ڦاڪو ڦري ويو آهي. ”ڪتي جا ڏند ڏيکارڻ جا هڪڙا، کائڻ جا ٻيا!“

⁂

ميان! ٽوٽيو ته جام ٿو ملي، جي ناس پٽو نه ٿو ملي!

⁂

هاڻ ته ڪانونَ جا ٻچا عقاب ٿي پيا آهن!

⁂

صدام حسين! سنڌ ۾ ’ٻم ڦٽا ڪرڻ‘ رڳو هڪ اصطلاح آهي ۽ اُن جي معنيٰ ڪوڙ ڳالهائڻ آهي. ڇا توکي ڪنهن سنڌيءَ اهو اصطلاح ته نه ٻڌايو هو؟

⁂

مان ٽوٽي دانهين آهيان اِيٰ ديس! مان ٽوٽي دانهين آهيان. نيٺ ته دربار لڳندي، جنهن ۾ منهنجي دانهن ٻُڌبي!

⁂

ڏرتي! تون ڪهڙو جانور آهين؟ تنهنجي ٻُڄ ٻُڄ مان بوءِ اچي رهي آهي!

⁂

اُردو اخبارن کان ڪير وڌيڪ چاڻي ته تيليءَ مان ٿنڀ ۽ ٿنڀ مان تيلي ڪيئن ڪبي آهي!

*

سدائين ڪتي ته نه هوندي، سانوڻ نيٽ ته اڇٽو آهي!

*

تون ته چوين ٿو ته هن ڪي اونڌي کوپري آهي. مان پڇان ٿو ته هن ڪي کوپري آهي به سهي يا آهي ئي ڪانه؟

*

اسلام جي ڪُرڙ کان سوا هن جي ديڳ ۾ آهي ئي ڇا؟ چمچي ۾ به ته اُهائي پوندي.

*

ڏاڍيون تاڏون ٿو ڏين! ڇاڻين اتو ته هن ديس جي مستقبل ۾ ڇا آهي؟

*

ڇا 'ترتلو' لفظ 'تر' مان نڪتو آهي. اِيِّ سنڌ جي تاريخ مان جواب جي انتظار ۾ آهيان؟

*

ڏرتي! مان ٿوري ويرم آهيان. ڇَڱ اچا تو لاءِ ڇا ڪيان؟

*

رنجيت سنگهہ! انڌن ۾ ڪاٺو هئڻ، سنڌ ۾ لياقت جي نشاني سمجهي ويندي آهي.

✻

جي . ايم. سيدؒ! ڪيستائين آسمان ۾ اڪيون اٽڪائي وِهندين؟ جهِڙَ تہ واري سان ڇڄي ٿا وڃنَ. جي ابابيل پٿريون وسائيندا تہ اُهي پنهنجي مٿي تي ئي ڪرنديون!

✻

صدام حسين! سنڌيءَ ۾ چوندا آهن: ”اَٽ جي چاڙهيءَ تي بہ لعنت، لاهيءَ تي بہ لعنت.“

✻

شِيوا جي! تنهنجُو خنجر توکي لڳي ويو. افضل خان پاڪستان اَچِي نڪتو.

✻

ڇا توکي معلوم آهي تہ تاريخ جي ڪائي ڪائي گهڙي صدين کان وڏي هوندي آهي؟

✻

اي لِڪندڙ آگر! لِک، هن وقت تائين، هن ديس کي اُبتي پٽي پڙهائي وئي آهي!

✻

اي سياست وارؤ! اوهان ڌرتيءَ جي فلسفي ۾ اعتبار نہ تہ ڪيو. اجا تائين اوهان کي آپ ڏسڻ ۾ نٿو اچي!

*

سنڌ جو پاڻي بند ڪرڻ ٿو چاهين! ڪٿي آنو آنڻ نہ ٿي رڃين!

*

يار! اُچن ڏندن جي پريت نہ ڇِن، پوءِ اهي ڏند پٽڻ جا ئي جو نہ هجن!

*

ڇا شاعري تُنهنجي ڍال آهي، موت جو وارُ روڪي سگهندي؟

*

موت سيني ڪان ڏاڍو آهي تہ بہ ڊِڪٽيٽر نہ آهي. سيني کي جمهوريت آڇي ٿو.

*

عجب آهي! مون آسمان ۾ ٿُڪ اڇلي تہ منهنجي مُنهن ۾ تہ نہ، تُنهنجي مُنهن ۾ ڪِري!

*

آکن تي پارو، اکين کي ڪيترو نہ وڻندو آهي. اها بي ڳالهہ آهي تہ آکن جا پن سڪي سڙي ويندا آهن.

*

ٻوٽو هوندءِ تہ ٻاريندين! هيل تہ ٻاري سڀ ٻوٽا سڪائي ڇڏيا آهن.

❋

ڇا هيءَ جبل جيڏي رات اڃي پوري ٿي آهي؟

❋

مون کي سڄ جهڙيون نگاهون آهن. تنهنجن اکين وارن جي برف رجي پوندي.

❋

نيرو، صدام کان تہ چڱو هيو جو هن ڦانگر چريو تہ هيو پر رڳو ستار هلائيندو هو.

❋

متان چاقوءَ سان سهي کي کُهين! متان توکان وسري وڃي تہ موت تنهنجي پٺيان ڇيتي ڦانگر پٺن تي چالِ ڏيڻ لاءِ وينو آهي.

❋

پوءُ تہ اوچتي موت جو تيندو آهي. باقي بستري تي جُڙي ڇيکي ماٺهو موتَ تي هِري ويندو آهي.

❋

سرمد! تيستائين موت جو پوءُ تيندو آهي، جيستائين جلاد جي تلوار گردن تي ڪرندي آهي.

❋

مِيان! چون ٿا تہ تون ڏاڙهي ڪوڙي پوءِ ڦاهيءَ جي تختي ڏانهن ويو هئين. انهيءَ ڪان وڏيڪ مخالفن لاءِ نفرت جو اظهار، مون ساري دنيا جي تاريخ ۾ نہ پڙهيو آهي.

*

سڀُن آهوجا ڪان گني سامتاٽيءَ تائين سنڌ ورهاڱي ۾ چا نہ وڃايو آهي!

*

جي سنڌ ۾ ٻي پوپٽي هيراننداٽي پيدا ٿي تہ سنڌ آزاد هوندي.

*

چا پوپٽي، لاڏيءَ جو ٻيو جنم آهي؟

*

اُتم بہ سنڌ آهي، ڪميونسٽ آهي تہ پو چا؟ متان مونسان اُن جي ڳالا ڪرين!

*

هَري! چا تون مُنهنجي آڏيسيءَ ۾ هومر جو ڪوئي ڪردار آهين؟

*

نرمل ۽ پَرمل لاءِ تہ مون ٻُڌو آهي تہ راجا ڏاهر جون ڌيئر هيون، پر ڪنهن چيو ٿي تہ هن ڪي سندريءَ نالي ٽين ڌيءَ بہ هئي.

*

نند جويري! توڙي مان به شڪارپور ۾ پيدا ٿيو آهيان پر شڪارپور صحيح معنيٰ ۾ تو مونکي گهمائي آهي.

❋

شيام جئسنگهاڻي، اِها تنهنجي ڳالهه آهي ته تون ڊي. ايچ لارينس وانگر آهين.

❋

حشو ڪيولراماڻيءَ کي الهاس نگر ۾ رات گذارڻ لاءِ ڪوئي گهر نه هوندو هو ته هو مسڻاڻ جي وچ ۾ سمهندو هو. جي ڪوئي هن کان پڇندو هو ته هو ائين ڇو ٿو ڪري ته جواب ۾ هو چوندو هو: ”نيٺ ته اُتي ئي وڃڻو آهي.“

❋

ڪيرت ٻاٻاڻي! تنهنجي ڏاڙهي ڏسي مون کي الائي ڇو بخارن ٿو ياد اچي! پر تون ته روسي گهٽ آهين، هندي وڌيڪ ۽ اُن کان به وڌيڪ سنڌي آهين.

❋

ڇا موت هر ڪنهن کي ماري ٿو سگهي؟ نارائڻ شيام کي ته ماري ڏيکاري؟

❋

اندرا پونا والا! پنهنجي دؤر جي تعصب سان پنجو اٽڪائڻ ڪيڏو نه ڏکيو آهي! ڇا تون روپ متيءَ جو ٻيو جنم آهين؟

❋

تون سچ پچ ڏکايل آهين دوست! مون هڪ پيرو توکي سوامي نارائڻ ڪئمپ ۾ ڏٺو هو. ڪاش! مان توکي هڪ پيرو ٻيهر ڏسي، توکان پڇان ته تو سنڌ ۾ پون ڏان تحريڪ نه ڏني هئي ڇا؟

*

ڀ نالا ته مان لکي ٻه نه ٿو سگهان! تقدير ڪيتري نه ڪَڙي آهي!!

*

جڻ موهني اڳئين جنم ۾ زرينا جي سڳي ڀيڻ هئي.

*

ڇا ليپين ڪي ٻه ڌرم ٿيندا آهن؟

*

اي هينئين طبقي جا سنڌي ماستر! تنهنجي لاڙڪاڻي سان ايتري محبت ڏسي مون کي يقين اچي ويو ته توکي يار محمد ڪلهوڙي جو روح آهي.

*

اي سنڌيو! اوهان مان جن جا نالا مونکان وسرني تا وڃن، ائين سمجهو ته اوهان آها بنا نانو جي شبيهه آهيو، جا سنڌ جي لوڪ گيتن کي آهي جن جي شاعرن جا نالا معلوم نه آهن.

*

اي جڳت آڏواڻي! پرمانند ميوارام، پيرو مل، لعل چند، امر ڏنو مل - اهي سڀ نيڪ آهن پر سيني کي تنهنجي جُتي ويڪري لڳندي!

❋

اي چاليهه لک سنڌيو! جي اوهان کان ڪوئي پڇي تہ اوهان جو ڳوٺ ڪهڙو آهي تہ اوهان ان سوال جو ڪهڙو جواب ڏيندءُ!

❋

حشو! ڇا تون ائين گم ٿي وئين، جيئن سنڌ گم ٿي وئي؟

❋

کيئل داس فاني! تون اڃا باقي آهين، باقي رهندين، بقا تہ منهنجي پراڻي ڪنيز آهي، ڇا مان توکي ٿو ڏيان.

❋

ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ اتي تہ سنوامي رام تيرٿ آپگهات ڪيو هو!

❋

چوندا آهن تہ حسد کي پيليون اکيون ٿينديون آهن، پر تُنهنجي اکين ۾ تہ شيشا آهن. ڇا اُهي بہ پيلا آهن؟

❋

• دَلت ساهت کي سنڌيءَ ۾ ڇا چئبو آهي؟ ’ڇَهڙو ادب‘

*

اڳيئن پيري ڪلياڻ ڪئمپ ۾ رشيد ڀٽيءَ ايتري وسڪي پيتي هئي جو هنو ڏاڍو ٻهڪي رهيو هو. سو ڪجهه دوستن گڏجي هُن کي هڪ ڪمري ۾ بند ڪري ٻاهران در ڏئي ڇڏيو، جتي هن کي ننڊ اچي وئي. صبح سان جڏهن هُو ٻاهر آيو ته مون هُن کان پڇيو: ”ڪر خبر؟“ هُن چيو: ”ڪهڙي خبر ڪيانءِ. مان هوس علي بابا، هي چاليهه چور. ڇڳو جو خزانو بچي ويو.“

*

سگن آهوجا گذاري ويو. هن هڪ پيري مون کي چيو هو، ”هتي ڪيترا ماڻهو آهن جي امرتا جا ڪانڪي آهن، پر انهن کي اها خبر نه آهي ته جڏهن مينهن پوي، تڏهن ڇا ڪنداسين!“

*

نارائڻ شيام مون کي هڪ پيري چيو هو: ”اياز! موت اسانکي ڏک ڪري پيئي ٿو، گيت سان نه ٿو پيئي.“

*

مون شيام کي چيو ”شيام! تون اڳئين جنم ۾ وديا پتي هئين ڇا؟“

شيام چپن تي آڱر رکي چيو هو ”شُو... او.... متان ٻي ڪنهن کي ٻڌائين؟“ پوءِ هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو هيائين.

*

مون شيام کي چيو هو ”ٻه ٻارنهن ٿيندا آهن ته ٻارنهن سڳا ٿيندا آهن“.

*

مون هُن کي چيو ”شيام! سنڌ سُنڌ نه آهي. پٺائيءَ کان پوءِ سچل، سامي، توکي ۽ مون کي جنم ڏنو آٿائين. ڀارت ۾ ايترا شاعر ٻن هزارن سالن ۾ به پيدا نه ٿيا آهن، جيترا سنڌ اڍائي سئو سالن ۾ پيدا ڪيا آهن.“

*

شيام هڪ ڀيري پڇيو: ”تون ڪڏهن ٻليءَ جي اکين ۾ موت کي ڏٺو آهي، جڏهن اها ڪُئي کي کائيندي آهي، مون اُن کي ڏٺو آهي.“

*

شيام چيو: ”هونءَ ته من سدائين مسان جو ٻاچو گهلي رهيو آهي پر پوءِ به سنڌ ۾ مون کي پُسيءَ جي گلن تي پوريون وٽنديون هيون.“

*

گوبند مالهيءَ کي- ڇاڻڪيم تون ڪٿان آيو آهين؟

*

ماڌو! تـوسان ملي مون کي پنهنجو پاڻ ملي ويو آهي، جڏهن حشوءَ وانگر مان ڳذر تہ پڳڙن مٿ تي ڪندو هوس، پر دنيا جو آزاد ترين انسان هوس.

*

منوهن پنجابي! ڇا توکي ياد آهي تہ پاڪستان کان اڳ اسان گڏجي زالن جو ادائيءَ تي صفحا رسالو "ساٿي" ڪڍيو هو؟ اهڙو زالن جو رسالو اڄ تائين سنڌ ۾ نہ نڪتو آهي. اُن جي هڪ سمپادڪ تہ "روشن" هئي، ڀيون تيءَ الائي ڪير هيون؟

ڪهڙو نہ هوريان منهنجو ماضي ڪنهن ٻند ٻتونءَ وانگر منهنجي ڪيسي ۾ وجهي وئين!

*

ڪملا گوڪالاڻي! تو چيو تہ: "پتائي، شيام ۾ منهنجي فطرت نگاريءَ تي تيسز لکي، اجمير مان پي. ايڇ. ڊي ڪري رهي آهين." مونکي تنهنجي معصوميءَ تي پيار ٿو اچي. پيلا منهنجو، پتائيءَ ۾ شيام سان ڇا؟ تو اسان ٽنهي کي ڇو گڏيو آهي؟

*

اي نارائڻ شيام! تون چڱي وقت ۾ وئين: هيءَ سنڌ کنهنکي گهڻو وقت نہ سهي سگهندي آهي!

*

پراڻا دوست، پراڻي شراب وانگر ٿيندا آهن. انهن سان گڏ ہہ ٿي جام ڪيتري عمر موٽائي ڏيندا آهن.

*

منهنجا ٻي هندو اديب، دوست ٻہ هيا. ہہ تہ هوندراج داس ۽ ڀهاري چاپڙيا هيا. (جڏهن مان پهرين درجي انگريزيءَ ۾ ڪيئل داس فانيءَ وٽ پڙهندو هوس). ڀهاريءَ، داس ۽ مون گڏجي 'سُدرشن' نالي سان رسالو ڪڍيو هو ۽ ٻيون دوست هيو 'پرديسي' (نالو وسري ٿو وڃي) جو هڪ هفتيوار ڪڍندو هو، جنهن ۾ منهنجا شعر ڇپيندو هو. چوٿون ٻہ هڪ نمڪدان جي ايڊيٽر مجيد لاهوريءَ، جيڏو ٿلهو هندو ايڊيٽر هو، جنهن جو 'غمگين' تخلص هو پر هوندراج ڪيس چرچي ۾ 'خوش گين' ڪوٺيندو هو ۽ چوندو هو تہ ويچارو خوشيءَ ۾ ڦاٽي نہ پوي.

داس ہہ اسانجي ڪچهريءَ ۾ شامل رهندو هو. هڪ ڀيري هو شڪارپور مان اوچتو گم ٿي ويو. نيٺ خبر پئي تہ هو ڪراچيءَ پهچي ويو آهي ۽ اتي 'سنسار سماچار' ۾ ڪم ڪري رهيو آهي، جنهن خط ۾

مونکي اِها خبر لکيائين، اُن ۾ لکيائين:

”يارا! هڪ پيري اوپاسي ڏٺي ڪَرَ موڙيم ته شڪارپور نندي نظر آئي. چيم ’ٻج ته ٻچون‘ توسان ٻه نه موڪلايم، اُچي ڪراچيءَ نڪتم.“

*

سيٺ! تنهنجو پيٽ تجوڙي آهي،

مُنهنجو دماغ تجوڙي آهي،

پر ٻنهي تجوڙين جي چاٻي ساڳي نه آهي.

*

هڪ پيري مون کي سوڀي تيرٿ وسنت جي هڪ ڳالهه ٻڌائي. چيائين ته هُن جواهر لال جي جيونيءَ جو ترجمو ’جواهر جيونيءَ‘ جي نالي سان ڪيو هو. مان اُن ۾ هڪ چئپٽر پڙهي حيران ٿي ويس ڇو ته اِهو چئپٽر جواهر لال واري انگريزيءَ آتوبايوگرافيءَ ۾ ڪونه هيو. اُن تي مون تيرٿ وسنت کان پڇيو ته اهو ڪٿان آندو اٿئي؟ جنهن تي چيائين:

”اهو جواهر لال کي لکڻ گهربو هيو، الائي ڇو نه لکيائين! اِن ڪري مون لکي ڇڏيو.“

*

هڪ پيري اي. کي. بروهيءَ جي گهر هُن سان ڳالهه ٻولهه ٿي رهي هئي. وچ ۾ هن پڇيو ”تون

شيڪسپيئر جو هو شعر پڙهيو آهي.“

”ڪهڙو؟ شيڪسپيئر تہ سوين شعر چيا آهن؟“

پوءِ مون ڪيس چيو: ”هي تہ نہ آهي: خيال زندگيءَ جو غلام آهي

۽ زندگي وقت جي احمق آهي،

۽ وقت جيڪو دنيا کي هلائي رهيو آهي، اُن کي ٿَمڻ وڃڻ گهرجي.“

اي. ڪي. بروهيءَ مون کي ڀاڪر پائي چيو:

”تون منهنجي دل جي ڳالهہ سمجهي وٺندو آهين! اڳي بہ سکر واري ڳالهہ ياد اٿئي؟“

۽ پوءِ مون کي ياد آيو تہ اي. ڪي. بروهي سعيدآباد واري سعيد محمد شاهہ جو سيشن ڪورٽ سکر ۾ قتل جي ڪيس ۾ بچاءُ ڪرڻ آيو هو. هن سان خالد اسحاق بہ گڏ هو، پر ڪيس جي پهرين ڏينهن ئي ٽپهريءَ مهل خالد مون کي چيو هو: ”مون کي ڪراچيءَ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس رکيل آهن، سو مان وڃان ٿو. تون منهنجي پاران بروهيءَ کي مدد ڪندين؟“ مون هائو ڪئي. ساڳي ڏينهن، شام جو مون بروهيءَ سان ڪيس ۾ هن جي رٿيل بچاءَ تي

بحث ڪيو ۽ پوءِ هُن سان گڏ ماني ڪاڌي. ماني ڪائڻ ڪانپوءِ اي. ڪي. بروهيءَ چيو: ”هل ته سنڌوءَ ماءُ جا پير ڇُهي اچون“ پوءِ مون کي پنهنجي ڪار ۾ ڪٽي سنڌوءَ جي ساڄي پاسي هليو ۽ بچل شاهه جي مياڻيءَ لڳ ڪار روڪيائين. هو ۽ مان هيٺ لهي سنڌوءَ جي ڪناري تي وياسين. سنڌوءَ ۾ چنڊ جو پاڇو پئجي رهيو هو. ڪجهه وقت بروهي چپ رهي، چيو: ”اياز! توکي خبر نه هجي ته چنڊ آسمان مان پاڻيءَ ۾ پاڇو وجهي رهيو آهي ته تون، ان پاڇي کي اصلي چنڊ نه سمجهين ها؟“

پوءِ جڏهن ڪار ڏانهن موٽي رهيا هياسين ته هُن چيو: ”اياز! مون کي هڪ هسپانوي مصور جي هڪ تصوير ياد اچي رهي آهي پر هُن جو نالو وسري ٿو وڃي.“ مون ڪيس جواب ڏنو: ”بروهي صاحب! اوهان سئلوا دار داليءَ جي انهيءَ تصوير ڏانهن اِشارو ته نه ٿا ڪيو، جنهن ۾ هڪ غلام خوابُ ۾ آهي ۽ هن جي ڇاتيءَ تي گٽار رکيل آهي.“ بروهيءَ وائڙو ٿي مون کي ڏٺو. مُنهنجي ڪُلهي تي هٿ رکي چيائين: ”پر اياز! اهو تو ڪيئن ڄاتو؟“ اُن وقت منهنجي عمر ٢٦- ٢٧ سال هئي ۽ هُن جي چاليهه سال هئي.

*

علامه اقبال! تو چيو آهي:

’سلسلۂ روز و شب نقش گرِ حادثات‘

”ڇا دنيا جو وڏي ۾ وڏي حادثو صحرا جي پکڙائي ۾ گل- لا لا جو وجود نه آهي؟“

*

هي يوناني ديويءَ ائفرو ڊائيٽي وانگر ڪير ٿي لڳي؟ هن عمر ۾ هن جو پيو ڪهڙو نالو وتان؟

”اي عمر! تون مون کان حُسن جو احساس نه ٿي کسي سگهين!“

*

تون مون کي جوانيءَ ۾ ڏسين ها ته محسوس ڪري سگهين ها ته اپالو ڇا هوندو.

*

ڇا ڪُتو ايترو برو آهي؟ ماڻهوءَ کان به وَيو!

*

بَڙ جي گهاٽي وڻ هيٺان نه ويهه! اُن جا پن توکي ڏسي سَس پُس ڪن ٿا.

*

هو شاعر به هو ۽ چرين جو ڊاڪٽر به هو. ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ هن هڪ به چريو سچو نه ڪيو ۽ شاعر جي حيثيت ۾ هن هڪ به سچو چريو نه ڪيو.

*

جهانسي جي راڻي! ڪير چوي ٿو ته تون مري وئي آهين! تون منهنجي وجود جو خصو آهين ۽ منهنجي تلوار ۾ تنهنجي روح جهلڪي رهي آهي.

*

"دارا!" سرمد چيو: "تون اهو ڪڏهن به نه وسارجانءِ ته هڪ ڏينهن توکي مرڻو آهي ۽ اهو ڏينهن اڄ به ٿي سگهي ٿو."

*

موت هڪ اونداهي سُرنگهه آهي. جنهن جي ٻئي پاسي روشني ئي روشني آهي.

*

ڇا اها روشني جا موت کان پوءِ ملڻي آهي، زندگيءَ ۾ ملي نه ٿي سگهي؟

*

ائين ته نه آهي ته هڪ اونداهيءَ سرنگهه مان نڪري، ٿورو وقت روشنيءَ ۾ گهاري، اسان ڪي ٻيءَ اونداهيءَ سرنگهه ۾ گهڙڻو آهي؟ ڇا هن ڪائنات ۾ سرنگهه پٺيان سرنگهه آهي، جن جو ڪوئي انت نه آهي!

*

ميان! تارن پويان ڪيترو ڊوڙندين، پنھنجي اندر ۾ به ته جھاتي پائي ڏس!!

*

برٽرانڊرسل، پنائي پڙھيا ھا ته ھُن جو فلسفو ساڳيو نه رھي ھا.

*

ڪاش زيب النسا مخفي، يونان ۾ سئفو جي ھمعصر ھجي ھا!

*

اي موت! تون پنھنجو رٿ ترسائي نه ٿو سگھين؟ مون کي جيون جي ڪروڪيتر کي ايترو جلدي ڇڏڻ تي دل نه ٿي ٿئي.

*

ھر مرض جو آخري علاج موت آھي.

*

رات انڌاري آھي ۽ رستو اڻ ڏٺل آھي. پوءِ به نيٺ ته پنڌ پوڻو آھي. واڻھڙو! ايڏي ٻُڏتر ڇا لاءِ؟

*

صدر صاحب! موت جي خلاف ڪوئي آرڊيننس جاري ڪرين ته مڃاڻ.

*

مان هاڻي سمجهي ويو آهيان ته پنائيءَ پوئين
ڏينهن ۾ پنهنجو رسالو ڪِراڙ ۾ ڇو ڦٽي ڪيو هو!

*

ميان تون ته ڪجهه به نه آهين! ڪونج جي پاڇي
کي به جٿاءُ هوندو آهي.

*

ادب جي ڳالهه ٿو ڪرين؟ ڳل جيستائين ڇڻي نه
ڇڻي، پوپٽ پيا پاسا ڳولن ٿا.

*

اسپيس سُوٽ آٿي؟ اياز کان انٽرويو وٺڻو آهي!

*

ڪنهن جنرل چيو آهي ته پنهنجي جوءِ سان عشق
ڪرڻ ائين آهي، جيئن ساڳي قلعي کي ٻيو ڀيرو فتح
ڪيو وڃي. مان ڀانيان ٿو ته پنهنجي ڇپايل شاعري
سان عشق به ان وانگر آهي.

*

ٻه چمڙا غار ۾ اونڌا لڙڪيا پيا ها. هڪڙي چيو:
”غار کان ٻاهر سج آهي.“ ٻئي چيو: ”جڏهن اونده ۾
رهڻ اسان جو مقدر آهي ته سج لاءِ ڇو سوچيون؟ ها،
غار جي ڇت جو آڪو ضروري آهي، جي اها ڍهي پئي
ته سج کان پوءِ نه سگهنداسين“.

*

هو لنگهو تہ آهي ئي، پر لوئي بہ نہ ٿو لاهي ۽ ڪنهن جي پرواهہ بہ نہ ٿو ڪري. ڍول اندر جو پول آهي، پلي ڪُلي تہ ڪُلي.

❋

سڀ دشمن حرامي نہ ٿيندا آهن، سڀ دوست حلالي نہ ٿيندا آهن.

❋

تون سمجهين ٿو تہ هر ڪنهنکي ٽڳي سگهندين. موت کي بہ!

❋

اُلوءَ کي اهو سوچي پڻ پکين تي حيرت آئي تہ: "جي هنن جون اکيون رات جو ڏسي نہ ٿيون سگهن تہ اُهي ڇا لاءِ آهن."

❋

ڇت تي ڪرڙي پاڻ کي سڀ کان اوچو تي سمجهي!

❋

ڪتو ڇا ڄاڻي تہ هُن جي اونـاڙ چنڊ کي نہ چيڙائيندي آهي!

❋

چوندا آهن تہ گڏهہ هينگ ڪندو آهي تہ شينهن ڪان ڇرڪ نڪري ويندو آهي.

❋

هو رني ڪوٽ تي تحقيق ڪري رهيو آهي. دراصل سنڌ ساري رنيءَ جو ڪوٽ آهي، جا وَني ڪڏهن بہ نہ ٿي آهي.

*

راڻي لاڏي! تون جَون آف آرڪ کان وڌيڪ وڏهي هُئينءَ ۽ تنهنجي تقدير هن کان وڌيڪ غم آميز آهي، پر افسوس جو هن قوم کي تاريخ جو شعور نہ آهي.

*

سنڌي ماڻهو، جوتا ٻَڌِي، مَٿي تي کڻي گهمندا آهن.

*

اي سنڌي قوم! ڇا تون مچر وانگر نمروُد جي نڪ ڦٽائيندي رهندينءَ؟

*

هٿ ان لاءِ آهن تہ اُنهن تي باز وهاريا وڃن. ان لاءِ نہ آهن تہ اُهي ناڻگن جي ٻرن ۾ وِڌا وڃن!

*

ڪنهن سرئيلسٽ کان پڇندين تہ هو توکي چوندو: "جي تنهنجا پير پٿون ٿين تہ اُنهن کي ترِي ڪاءِ!

*

*. پٿون۔ ذومعنلي آهي: ان جي معنلي آهي: پاڻمرادو.

هو چون ٿا تہ تون نوڪري ڪري وڪامي وئين. ڇا هو ڄاڻن ٿا تہ ليونارڊو ڊاونچيءَ امير خسرو گهڻا پيرا وڪاميا هيا!

✻

هِن قوم جو پٽڪو نہ تي، جُتي تيءُ. پٽڪو لاهيندي اُها ويرم نہ ڪندي آهي.

✻

ڇا تِون انهن اکين جو سُرمو آهين جي نيٺ ڪَڍيون ويندون؟

✻

ڪَانوَ اهو نہ سوچيندا آهن تہ هِي ڪنهن جون اکيون آهن!

مُڙسي تہ تڏهن آهي، جڏهن پَر تي رهي واڳوءَ سان وير رکجي.

✻

هُن ڪَي ٻيءَ پَر اشارا ٿي ڪيا سو واڳونءَ کي ٻيڙي سمجهي، اُن تي چڙهي وينو.

✻

يا خُدا! مون کي ناهر جا ننهن نہ کپن، موڻ کي پکيءَ جا پَر ڏي!

✻

سنڌ ۾ تہ پنهنجيءَ ڏر ۾ شينهن بہ ڪوئو آهي پر پنجاب ۾ پنهنجي ٻر ۾ ڪوئو بہ شينهن هوندو آهي.

*

ڪُمين جا شڪاري، مڇيون نہ ماريندا آهن.

*

ڪُميءَ جي پٺي جڏهن ڊال ٿئي ٿي، تڏهن واڳونءَ جي پٺي ڪان مضبوط آهي.

*

ميان! آرهڙ جي سج وانگر تپي ويو آهين! اها ٻي ڳالهہ آهي تہ مان ٻڙ جي وڻ وانگر آهيان!

*

هاڻ تہ ڪمري ڪان ٻاهر ئي نٿو نڪرين. چنڊ ڪي بہ چوين ٿو تہ جي ملٽو اَٽي تہ منهنجي دري ڪُلي پئي آهي!

*

سَمنڊ تو لاءِ ڪيڏيون ٻانهون وڏايون آهن؟

*

سمنڊ وچ تي ڪيترو نہ ماٺو آهي! جڻ چنڊ لاءِ ٻسترو پٿاريو اَٽائين تہ پلي سمهي پوي.

*

سمنڊ تي ڪِرٽا اڪيون هٽي چٽي رهيا آهن، تہ توڻ اُن ڪان اُونهو آهين.

*

* اي ڪينا پکي! ڇا تون ڄاڻين ٿو سمنڊ ڪيترو اونهو آهي؟

✻

هڪ ڀيري اليا اهرنبرگ نيويارڪ جي هڪ رستي تان ٿي ويو. هُن اوچتو ڪوئي آمريڪي اديب ڏٺو جو هن کي ڏسي، مُنهن ڦيري وڃڻ لڳو. ان تي اليا اهرنبرگ هن کي ٻانهن کان جهلي چيو:

”ڇا تون مون کي نه ٿو سڃاڻين؟“ جنهن تي هن جواب ڏنو: ”ها مان سڃاڻان ٿو. تون اهرنبرگ آهين جو ڪنهن وقت اديب هو.“ نه ڄاڻان اسان جا گهڻا پُراڻا اديب اهو جواب برداشت ڪري سگهندا؟

✻

هو وسڪي نه پيئندو آهي، وسڪي هن کي پئندي آهي.

✻

تون جيترو موت کان ڊڄين ٿو، آن کان وڌيڪ مان زندگيءَ کان ڊڄان ٿو.

✻

جديد دنيا ۾ پهرين خرابي تڏهن پيدا ٿي، جڏهن گلوٽين هيٺان پهريون سرُ ڏسي فرانس جي عوام تهڪ ڏنا.

✻

---

* ڪينوپکي (SeaGull)

تُنهنجي منهنجي وچ ۾ هيءَ کهڙي ديوارِ گريه آهي!

*

تر به واريءَ جو سمنڊ آهي، تو اُن ۾ چنڊ جو پاڇو ڏٺو آهي؟

*

توکي شايد معلوم نه آهي ته ڏرتيءَ کي به آنڊا ٿيندا آهن.

*

جي سنڌ ڪڏهن آئي ته توکان ساريءَ تاريخ جو بدلو وٺندي.

*

ڪراچيءَ تي هي ماه رمضان جو چنڊ آهي يا ڪنهن ارغون جو خنجر آهي.

*

مان تنهنجي ساري تاريخ آهيان. ماضي، حال، مستقبل ۽ وقت ۾ سفر منهنجي لاءِ مشڪل ڳالهه نه آهي.

*

ڏاهر جي وزير وڪئي ڪوٽ جا دروازا کولي ڇڏيا ها جي تون اجا بند نه ڪري سگهيو آهين.

*

چون ٿا تہ زيب النساءِ رڳو پنهنجي غزل ۾ مخفي آهي. عاقل خان! تون ڇا ٿو چئين؟

*

سنڌ ۾ ڪيترائي شاعر فارسيءَ ۾ پنهنجو وقت وڃائي ويا. ڇا اُنهن مان توکي ڪنهن جي هڪ سٽ بہ ياد آهي؟

*

شيخ راز! ڇا تون اڃا جيئرو آهين. آخر پاڻ تي گهڻا نالا رکيا آهن تو؟

*

ڪنهن مون کي چيو: "تو ۾ نرگسيت آهي" مون جواب ڏنو:

"نرگس تہ انڌي آهي، مونکي نو لک نيڻ آهن."

*

منهنجي بالڪنيءَ جي سامهون گل مهر جي وڻن ۾ گل ڦٽا آهن. جيستائين اهي ڇڻيا نہ آهن، ڪهڙا نہ ڇڱا لڳن ٿا!

*

انهيءَ ڪڙي مان اڃا زنده آهيان. مان جڏهن پورهيو ڪندو آهيان تہ پنهنجو جسم دروازي کان ٻاهر ڇڏي ايندو آهيان، جيئن نمازي مسجد جي ٻاهران جُتي ڇڏي ايندا آهن.

*

مونکي گهٽ وقت آهي ۽ چوڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ آهي ۽ جيڪي مون کي چوڻو آهي، جيڪي منهنجي خيالات جي رَو ۾ آهي، اهو جلدي چوڻو آهي.

*

هن وقت جيڪي مون لاءِ اهم آهي، سو اهو آهي تہ سياست کان پاسي رهان، پنهنجو وجود قائم رکان ۽ وقت جي واريءَ تي اڪيچار پيرا ڇڏيان. پل ادب جا پيرانو پيا فتويٰ ڏين تہ هي نظم يا هُو نظم منهنجي شخصيت سان نهڪي اچي ٿو يا نہ.

*

پٺائيءَ تمر کي چيو: ”ان جو پتو نہ آهي تہ موت تنهنجو انتظار ڪٿي ٿو ڪري، اِن ڪري توُن اُن کي هر پٺ تي موجود ڀانءِ.“

*

موت زندگيءَ جو انتظار ائين ڪندو آهي، جيئن پيل جي ڪاتر ڳوهہ جو.

*

مونکي موت جو ايترو انتظار آهي جو ٻئي ڪنهن کي هجي ها تہ پيغمبريءَ جي دعويٰ ڪري ها!

*

مون کي جنت يا جهنم جو اونو نہ آهي. اي موت! مان توکي خوشيءَ سان قبول ڪيان ٿو.

*

ڇا منهنجي مرڻ کانپوءِ منهنجي شاعري رهندي؟ جي ها تہ مون کي موت جو ڀؤ نہ آهي.

*

جڏهن مان شعر لکان ٿو تہ ٻانہ ۾ ايتري طاقت پيانيان ٿو، جيتري فرهاد کي ڪوه - بي ستون کوٽڻ وقت هئي.

*

شاعري مون لاءِ جُوءِ شِير بہ آهي، شيرين بہ آهي، ڪوه - بي ستون بہ آهي تہ فرهاد جو تيشو بہ آهي.

*

سَنڌ پهرين منهنجي شاعريءَ کي سراپ سمجهيو هو: معلوم نہ آهي تہ اُها هاڻي اُن کي آسيس وانگر سمجهي ٿي يا نہ؟

*

هي منهنجو آدرش رڳو منهنجي شاعريءَ ۾ ڪيستائين رهندو؟

*

ڪنهن چيو تہ: ”تو زندگيءَ تي ٿورو لکيو آهي ۽ موت تي گهڻو لکيو آهي.“ مون چيو: ”ان ڪري جو موت گهڻو آهي، زندگي ٿوري آهي.“

*

عدالتون؟ منهنجو رڳو تاريخ جي عدالت ۾ اعتبار آهي، پر شايد ان جي فتويٰ بہ غلط ثابت ٿي سگهي ٿي!

*

ڏِس هِي ٽيپو سلطانُ منهنجو هٿ جوتشيءَ کي ڏيکاري رهيو آهي ۽ پڇي رهيو آهي تہ هن جي ٽوليءَ ۾ گهڻا غدار آهن؟

*

اي خدا! تنهنجو اشرف المخلوقات ڪٿي آهي؟ مون هن وقت تائين تہ رڳو بگهڙ ۽ واگهہ، نانگ ۽ وڇون، ڪوئا ۽ لال بيگ ڏٺا آهن!

*

مون کي دشمن مان ايترو نقصان نہ پهتو آهي جيترو دوستن مان.

*

جيڪڏهن مارين تہ گهر جي پيديءَ کي مار، تر جي پيديءَ کي مارينديں تہ توکي ڇا حاصل ٿيندو؟

*

ڇا تون نانگ جا ڏند ڪڍي سگهين ٿو؟ جي ها تہ پوءِ هُن کي مارين ڇو ٿو؟

*

هَن جي پنهنجي صحت تہ ختم ٿي چُڪي آهي، اونو آهي تہ هن کي سماج جي صحت جو، جنهن کي هن جي صحت جي پرواهہ بہ نہ آهي.

*

توکي جي چار سچا دوست آهن تہ پوءِ دنيا جي پرواهہ ڇا لاءِ ڪرين؟

*

دوست؟ ڪهڙا دوست؟ جيڪي توسان تنهنجي جنازي نماز تائين بہ ڪٿا هوندا يا نہ!

*

ڪُتي ۽ ماڻهوءَ ۾ اهو فرق آهي. ڪُتو جيستائين ٻانورو نہ ٿي پئي، وفاداري نہ ڇڏيندو آهي ۽ ماڻهو جيستائين ٻانورو نہ ٿي پوي، وفاداري نہ ڪندو آهي.

*

عشق؟ توسان عشق؟ تون ڇا اڃي چمڙي آهين، ڳاڙها ڳٽا آهين ۽ ٻيو ڪُجهہ بہ نہ آهين؟

*

ماءُ اُنامڙي، ڏيءُ هُرتڙي، پيءُ پيٽ وَڏو- رشوتي ڪاموري جي ٻتوڻءَ وانگر.

*

ڏند ڇَٽَ، وارَ ڇَٽَ، عقل بہ ڇِٽَ، ڇا ٻاهتر ٿيپي ويو آهين؟

*

ڪُوڙا، ڪُرتا، مارڪس جا چاڙتا! ڪو اشتراڪي امام باڙو تو ناهين؟ ڪيڏو پنڪو ڪتڪو وڏو اٿئي؟

❋

مون بخارن کي قبر مان ڪڍي پڇيو: ”تون تہ پهرين جهنم ۾ آهين پر اسٽالن ڪاٿين جهنم ۾ آهي؟“

❋

هي ذاتي تعلقات ۾ تہ وڏو رهزن آهي، باقي هن ڪي اجتماعي تعلقات جو ڏاڍو اونو آهي!

❋

هچڪين، هڏڪين، هٻڪين ڇوٿو؟ پٽ پٽ ڇو ٿو ڪرين؟ ڪهڙو ڪوڙ سِٽي آيو آهين!

❋

ڪتي سان دوستي رکي، توکي بہ ڪاٽينا نڪرڻ شروع ٿيا آهن!

❋

هاٺي چڏ ڪٺي! تون ڪهڙو برٽراندرسل جو پُٽ آهين جو توکي بہ ڏيان سان پڏان؟

❋

ڇا تو پنهنجي ڪفن ۾ ڪيڙا ڏٺا آهن؟ توکي ڇڪ وجهي ڪيڏو نہ ڇرڪي رهيا آهن؟

❋

تون ڪيڏو نہ گنڀير آهين، جيتوڻيڪ تنهنجي اندر جو ابليس مون تي کِلي رهيو آهي.

*

اِيا گو! آتيلو تي نہ کِل! موت تنهنجي بہ انتظار ۾ آهي!

*

تو ۾ ڪُتي ڪان ڊڄان، لوڪڙ ڪان ڊڄان، هاتار ڪان ڊڄان؟ ڪَهڙي جانور ڪان ڊڄان؟

*

مون تہ تنهنجي قبر ڪچي ڇڏي آهي. تون اجا گهمندو ٿو وتين؟

*

گهٽا ڪانا ٿيندين ميان؟ ٻَڏاءِ تہ دَرياهہ جي ڪپ تان اوترا سَر ڪپي آچان!

*

راجا ڏاهر جا قاتل! وِڪيا وزير! پنهنجو تڙپوتو ڏٺو آٿي؟

*

غالب چيو تہ "پنهنجيءَ ڳليءَ ۾ مون کي دفن نہ ڪر، مُنهنجي پٽي سان تنهنجو گهر پچو ملي؟" ۽ مان چوان ٿو: "دفع ٿيءُ، منهنجي ڳليءَ ۾ دفن نہ ٿيءُ! تنهنجي پٽي سان ڪنهنکي منهنجو گهر پچو ملي."

*

چوين ٿو تہ تون اُبهرو آهين. سقراط کان وٺي سارتر کي ٻُڌان يا توکي ٻُڌان؟

*

پَڙهان بہ پاڻ، ڪَڙهان بہ پاڻ!
اي علم! تون بي عمل ڪڏهن کان ٿين؟

*

مون ڪشف المحجوب جي مصنف جي درگاهہ تي دعا گهُري، هُنَ کان پڇيو: "تونَ جو شڪرَ گنج آهين، منهنجو مُنهن مٺو ڪڏهنَ ڪرائيندين؟ اجا تہ اِهو زهر سان ڀريو پيو آهي!"

*

ميان مير! ڇا تون اَبدي ننڊ ۾ آهين يا ڪڏهن تون دارا جي قبر تي ويو آهين؟

*

ميهارَ سهڻيءَ ڏانهن ڏِسي حيرت مان سوچيو: "ڇا هيءَ ڇا ڏم جي ڪچ مان اُٿي آئي آهي، منهنجي محبوبا آهي؟"

*

"ڪيدوءَ جي جوءِ" رانجهوءَ هير کئي حيرت مان پُڇيو: "ڇا، مان تنهنجي لاءِ سِر ڏيان، مان جنهنجي بنسريءَ تي چناب جيءَ هر لهر نچي ٿي؟"

*

سسئيءَ ڏرتيءَ جي وات مان رڙ ڪئي: ”پنهون تون ڪٿي آهين؟ ڏرتي مون کي ڳڙڪائي رهي آهي؟“

❋

ٻيجل ڏياچ جي ڪَپيل ڪنڌ تي ڪِينرو پڄندي چيو: ”هي مِٽو جي مٿيءَ جي ٽانو ڪان وڌيڪ جٽائو نه آهي، ان لاءِ جهونا ڳڙهه جهورڻ ضروري هو؟“

❋

سَهٽيءَ گهڙي ڪان پڇيو: ”ڇا تون منهنجيءَ تقديرَ وانگر ٽٽي رهيو آهين.“

❋

جي وچ ۾ واهڙ نه وهيَ ها ته نه ڪائي سهٽي پيدا ٿئي ها، نه ڪوئي ميهار، نه وَري چنگ چڙن جي لارَ اڇي ها!

❋

سهٽيءَ ٻڌندي سوچيو: ”منهنجو ٻڏڻ اَوَس هو نه ته مان ميهار ڪيئن تي سگهان ها!“

❋

لِيلا ڪؤنروَ کي ٻي ڏيـنهن تي چيو: ”جي مان توکي مٺيو موتائي ڏيان ته تون مون کي ڪَلهوڪي رات موتائي ڏيندينءَ؟“

❋

اي سنڌ! مان تہ تنھنجو نئون ڪيڏارو آھيان پر تنھنجو تنبورو ٿني ڇُڪو آھي؟

❋

ٻيجل راءِ ڏياچ جي ڪنڌ ڪي وارن کان جھلي ڏسي رھيو آھي ۽ پنھنجي ڪينري ڏانھن حقارت مان گھوري، سوچي رھيو آھي: ”چا ھي ضروري ھو؟ ھي ڪَنڌُ ڪَلھن تي ڪيڏو نہ چڱو ٿي لڳو؟“

❋

بنسريءَ جي تان گھڙيءَ ۾ پرينءَ پر گھيڙَ تي وڃي نڪتي ۽ سھٽيءَ جي پيرن ۾ زنجير ٿي وئي.

❋

درياخان! ٻڌين ٿو؟ تقدير جي سُنبن جا نالَ گونجي رھيا آھن ۽ موت ڪَنن ۾ آڱريون وجھي اُنھن ڏانھن تَڪي رھيو آھي؟

❋

شِمر! ڇا ھن رُڪ جي ٽُڪَر، جو امام حسين تي وھايو ويو، مَلڪ روئاري وڌا ھا!

❋

تو ڇا ڀانيو تہ جڏھن ڪالي ناچ ڪندي آھي تہ ھُن ڪي پيرن ۾ گھنگرو ھوندا آھن!

❋

مون تہ سمجھيو ھو شِو منڊو تنڊو ٿي پيو آھي پر

هي تہ وري تاندو ناچ نچي رهيو آهي.

*

هي مان ڇا ٿو ڏسان؟ تاريخ جون اکيون سومنات جي هيرن وانگر ٻري رهيون آهن.

*

گُڏهہ کان گرو نانڪ تائين مون ڇا ڇا نہ ڏٺو آهي!

*

رشيد ڀٽي چوندو هو: ”گڏهہ هينگ کندو آهي، تڏهن چمڙو پنهنجو ڇڪ ڇڏيندو آهي.“ ۽ مان هن کان هميشه پڇندو هوس ”ڀٽي! ان ۾ ڪوئي تذڪير تانيث جو بہ فرق آهي يا نہ؟“

*

جي آواگون ۾ ڪوئي نياءُ آهي تہ هي باگڙي ٻي جنم ۾ ڳوهہ ٿيندو.

*

تو مُنهنجي علم کي سمنڊ سان ڀيٽ ڏني آهي، بسَ!

*

اي آڪاس! تون هن ڪائنات جو حصو آهين ۽ مان تنهنجي ڪائنات کان گهڻو وڏو آهيان. مان جو آٽي کان بہ گهٽو نہ آهيان، پاڻ ۾ ڪيئي ڪائناتون سمائي ويٺو آهيان.

*

انت تہ مرزا عبدالقادر بيدلؔ ۽ مرزا اسدالله غالب منهنجا پاڙيسري هوندا. منهنجي پَٽي تي هنن جو گهر ڳولي سگهندؤ!

*

اي غالبَ منهنجي بہ هڪ تُرڪ بيگم هئي جا جوانيءَ ۾ مري وئي هئي. آها تو تہ مون ڏانهن نہ موڪلي هئي؟

*

اَڄ، تہ چئو ماڙ تانِ ٽپو ڏيون! تون مانِ تہ ختمِ نہ ٿيندا سين، اسان جي دشمنيءَ تہ ختم ٿي ويندي.

*

خودڪشي انسان جي خودمختياريءَ جو آخرين اظهار آهي يا اهو بہ مَشِيَت جو حصو آهي؟

*

ڀلا ايتري جلدي ڪهڙي آهي؟ موتَ اڳي پوءِ اچڻو تہ آهي، تون آتم هتيا ڇو ٿو ڪرين؟

*

اي ڪئلي! تون هاٿيءَ کان وڌيڪ خطرناڪ آهين. تون هاٿيءَ جي ڪَن ۾ وڃي سگهندي آهين، هاٿي تُنهنجي ڪن ۾ نہ وڃي سگهندو آهي.

*

ڇا زُليخا جي تصوّر کان سواءِ عزيز- مصر خيال ۾ نہ ٿو اچي سگهي؟

*

هن کي ڪيئي هاٿي گهوڙا هيا، هُن ڪيئي لشڪر چيتاڙي ماريا ها. مورخ ڪاغذ تي قلم روڪي سوچي رهيو آهي تہ ڇا هي هڪ سٽ جو بہ مستحق آهي؟

⁂

مون ڪٿي پڙهيو هو تہ سينٽ پول رو (Sāint Poal Roux) لاءِ فرانس جا بہ وڏا سرئيلسٽ شاعر پال ايولار ۽ آندري بريتون چوندا ها تہ: ”هن جهڙو سرئيلسٽ شاعر پيدا ٿي نہ ٿيو آهي.“ هن جو هڪ نظم اوهان بہ پڙهو:

”هڪ ڳولها قولها ڪندڙ ڪي نيرو ڪُرتو پيو هو
۽ هُن جي ڪَڇ ۾ پيلي ڇَتي هئي
۽ ان کي هڪ واڳون ڳڙڪائي وَيو هو
جنهن جو رنگ سائي گاهہ جهڙو هو.
هڪ ريڊ انڊين هِڪَ ڪِرپ جهڙي سُرٽي (بلا)
جي پيٽ - سُور ۾ ڇَڙيون هٽي رهيو هو،
جنهن جي اندر سِپَن جا سُتئڙا هُيا،
رنگ منڇ جي مُهڙ وٽ بہ پاڳل ڪَلونت وينا ها.
انهن مان هڪ ڪوتيءَ تي جنهن جي ڪايا پلٽ ٿي وئي هئي، *
دف تي تِڪو ڏؤنڪو هٽي رهيو هو.“

ان جو عنوانُ هن ”سادگيون“ رکيو هو ۽ اُن ۾ هن

* ڪوتي (ڪاٺ جي) ROWLOCK

هڪ گٽ مُنڊي راجڪماريءَ کي هڪ راڪاسَ جيڏي راجا سان وواهہ ڪندي ڏيکاريو هو. ڇا اِهو سرئيلسٽ شاعر سچ پچ چريو هو يا هُن اهو ڪجهہ تي ڏٺو جو توهان نہ ٿو ڏسي سگهو؟ مون بہ تہ هڪ گٽ مُنڊيءَ راجڪماريءَ کي هڪ راڪاس جيڏي راجا سان وواهہ ڪندي ڏٺو آهي، جنهن جي اندر سپُن جا سُتئڙا پيا آهن. مون نيلي ڪُرتي سان اُهو ڳولها ڦولها ڪندڙ شخص بہ ڏٺو آهي، جنهن کي پيلي ڇتي هئي ۽ جنهن کي اهو واڳون ڳڙڪائي ويو هو. جنهن کي سائي گاهہ جهڙو رنگ هئو ۽ مون بہ هُن وانگر ڪايا پلٽ ٿيندي ڏٺي آهي ۽ رنگ مَنچ تي دف تي تڪا ڏؤنڪا وڄائيندو رهيو آهيان.

ڇا مان چريو آهيان؟ جي ها تہ پڏي ڇڏ تہ ڪنهن وقت چريائي، سَچائيءَ کان سَوَ ڀيرا اوچي پَد تي هوندي آهي!

⁂

تيمور لنگ جي قبر مان هڪ ويچون رستو ڳولي رهيو آهي، هو منڊو بہ نہ آهي، پوءِ بہ ٻاهر نہ ٿو وڃي سگهي.

⁂

رنجيت سنگهہ ڪاٺو هو. هندو مسلم کي هڪ اک سان پئي ڏٺائين. گهٽ ۾ گهٽ پنهنجيءَ حرم سرا ۾!

⁂

مِيان مير! ڇا تو دارا شڪوهہ کي زندهہ جاويد بڻايو آهي يا داراشڪوهہ توکي زنده جاويد بڻايو آهي؟

❋

غالب! انهيءَ ساغر ۾ ڇا تو ڏسين؟ ڇا اِن ۾ وقت درياهہ وانگر ذوق جي لاش کي لوڙهي رهيو آهي.

❋

* غالب! 'بَطِ مَي' جو استعارو تون ٺي ناهي سگهندو آهين؟

❋

قلعهءِ معلي ۾ پيدا ٿي آهيان، قلعهءِ حيدرآباد ۾ پناهہ ورتي هُئم. ڪيئن ڇنجي قلعهءِ لاهور جو دروازو بلي شاهہ ڪڏهن ٿو اندران بند ڪري ڇڏي!

❋

ساحر لڌيانوي! تون ڪڏهن امرتا پريتم سان تاج محل ۾ مليو هئين؟ جي تون هُن کي تاج جي نهر پرسان جهونجهڪڙي ۾ اُيرندو ڏسين ها، تہ اهو واهيات ترقي پسند نظم نہ لکين ها!

❋

چڱو جو ساحر ۽ فيض، ترقي پسند حقيقت نگاريءَ جي موت کان اڳ ۾ مري ويا!

❋

---

* بَطِ مَي: مٽي جي مرغابي

ڊارون جا پٽ! حياتيات ۾ ارتقا هڪ ڳالهه آهي، اقتصاديات ۾ ٻي ڳالهه آهي.

❋

پنجاب جون سارِيون ٽئنڪون بُلي شاهه کي اَڏائي نه ٿيون سگهن.

❋

شاهه حسين! تُنهنجو يڪتارو ته ڪَنَ ۾ ٻُرِي رهيو آهي پر ڇا مان جيئري توکي اکين سان ڏسي سگهندس!

❋

قراة العين حيدر تون قراة العين طاهره نه ٿي سگهينءَ! توکي شهادت جو موقعو ته مليو هو، پر تون هندستان ڀڄي وئينءَ؟ توکي وري اهڙو موقعو نه ملندو.

❋

تون ئي ته همه اوست آهين. هر شيءِ تو ۾ آهي پر ڇا تون هر شيءِ ۾ آهين؟ ڇا تون هن انسان ۾ آهين جو سراپا شيطان صفت آهي؟

❋

اي خوبصورت گل! تون سراپا خوشبو آهين. مان توکي ٽاريءَ کان الڳ ڪرڻ نه ٿو چاهيان!

❋

جي توکان ڪجهه به ٻاهر آهي ته تون همه اوست نه آهين، تو ۾ ئي ته سڀ ڪجهه آهي. تون ئي گلِ لالا

آهين، تو ۾ ئي سڀ ڪجهہ آهي. تون ئي گلِ لالا آهين، تون ئي صداءِ جرس آهين، تون ئي قافلہء- بهار آهين، هي خوشبو تُنهنجي آهي، هي ساري خوشبو تون آهين!

*

تون ئي گل آهين، تون ئي تاري آهين، تون ئي خوشبو ۽ تون ئي تہ ڪنڊو آهين!

*

اي خدا تون ئي تہ مُسبّب الاَسباب آهين، تُنهنجو سبب اَسبابَ ڪير ڦيرائي سگهي ٿو؟ تو لاءِ ڪوئي قائدو قانون نہ آهي. ڪا شيءَ تنهنجي وس کان ٻاهر نہ آهي! جي ڪوئي ارادو توکان ٻاهر هجي تہ تون محدود ٿي وڃين، پر تون تہ لا محدود آهين. تنهنجي حد ۽ حساب تي نہ ٿو سگهي. تون جو چاهين ٿو، اُن تي غلط يا صحيح جي فتويٰ ڏئي نہ ٿي سگهجي، جو تہ بظاهر فيصلو بہ تون آهين، فتويٰ بہ تون آهين، منصف بہ تون آهين. پيو تہ نهيو پر ملزم بہ تون آهين، فريادي بہ تون آهين ۽ ارتڪاب- جرم ۾ بہ تنهنجو ارادو آهي.

توکي هيئن ڪرڻ گهربو هو يا هونءَ ڪرڻ گهربو هو، اِهو ڪير چئي ٿو سگهي! تو جيڪي

جا سبب اسباب ڳولي سگهي! فقط ڇاڇر ۾ ڇيرون هڻي ڇا تو ڇاڻي سگهجي؟

❋

اي خدا! تون فقط چڱائي آهين. هي بُرائي نظر جو فريب آهي. تنهنجي اننت مايا آهي. اِها چڱائي سان ڪيئن رلي ملي، ان سان پنهنجو روپ بدلائي ٿي ۽ اُن جي ويسُ ڌاري ٿئي ٿي. اِهو ڪوئي ڪيئن ٿو چئي سگهي! تون ئي تہ رنگ منچ* آهين، تون ئي تہ سڀ ويسُ ڌارڻ آهين، تون ئي تہ انهن جو ڪارڻ ڪرتا آهين. تنهنجي مايا اَسنيو آهي، اَپار آهي، سڀ ڪنهن جي پهچ کان پري آهي.

❋

سڀ ڪجهہ تون ئي تہ آهين، جي ڪجهہ بہ توکان ٻاهر هجي تہ تون ڪٿي هجين! سڀ ڪجهہ تو ۾ آهي ۽ تون سڀ ڪجهہ ۾ آهين. 'ڪجهہ بہ نہ' ۾ بہ تہ تون آهين. مان توکي خدا ڪوٺي، توتي لوڙهو ڏيڻ نہ ٿو چاهيان. ماڻهوءَ جي هر ٻوليءَ ۾ توتي لوڙها آهن ۽ تون چنڊ وانگر سڀ لوڙها پار ڪري وڃين ٿو.

❋

اي خدا! جي تون هن چارَ مٿان هيڙهي جي ننڊ ۾

---

* رنگ منچ: اسٽيج

آهين تہ مان توکي ڪيئن ڏسي سگھان ٿو؟

*

اي خدا! هي پاريھر جو نهر مان پاٺي پِي رهيو آهي، اُن جي هر ڳيت ۾ تون آهين. ڇا هي شڪاري انڌو آهي، ڇا هن ڪان نور بہ تو ڪسيو آهي؟ مان تنهنجي ڳُجھہ کي ڪيئن سمجھي سگھان ٿو؟ تون تہ هر ڳجھہ کان وڏيڪ ڳجھو آهين!

*

تون جو ساري ڪائنات آهين، پارَ جي هر ڳوڙهي ۽ هر مرڪ ۾ آهين!

*

اي خدا! جي ڪوئي منهنجي ارادي تي اُلر ٿو ڪري تہ اُها اُلر بہ تون آهين. اُن ۾ تنهنجي ڪهڙي مصلحت آهي، اها رڳو تون ٿو ڄاڻين؟

*

اي خدا! منهنجي ڪنجهڪار بہ تون، ڪَرلاهو بہ تون، منهنجي دوا درمل بہ تون آهين. هي ويڄ طبيب ڇا ٿا ڪن؟ ڇا اهي منهنجي هڪ گهڙي وڌائي يا گهٽائي سگهن ٿا؟ ڇا انهن جا چوڪيدار منهنجي روح کي روڪي سگهندا، جڏهن اهو اسپتال مان ٻاهر هليو ويندو؟

*

اي خدا! آئون تنهنجي آغوش ۾ آهيان، ماڻهن کي رڳو هيءُ اسٽريچر نظر اچي ٿي.

❋

ڇا هن ڊاڪٽر کي معلوم آهي ته مان هن تي ڪِلان ٿو ۽ هن جو موت ڏسان ٿو جو هُن جي پنن بيٺو آهي؟

❋

ڇا توکي اناطول فرانس* وانگر انسانن جي مختصر تاريخ وٽي ٿي:

"اهي ڄمن ٿا، اهي پيڙا سهن ٿا، اهي مري وڃن ٿا."

مان چوان ٿو اهي بار بار ڄمن ٿا، بار بار پيڙا سهن ٿا ۽ بار بار مرن ٿا. انهن جي زندگي ڪيتري به مختصر هجي، پل به – تي پل هجي، پر اُها هن اِڪائي، هن ڪائنات جا هڪ رنگا رنگ گربيءَ جي ٿانَ وانگر آهي، اُن ۾ ڏاڳي وانگر آهي، جنهن کان سواءِ اُن جي سونهن ڇَٽ ٿي وينديي. ٻاهران ائين ٿو لڳي ته پيڙا، مَدائي ۽ ڪُبڌ صرف پيڙا، مدائي ۽ ڪُبڌ آهي، اُنهن کي ڪائي معنيٰ نه آهي، ڪوئي تعلق نه آهي، ڪوئي واجبي سبب

---

* اناطول فرانس (۱۸۴۴ کان ۱۹۲۴ع تائين): پنهنجي دؤر جو ڪافي تيز طنز نگار، ناول نويس ۽ نقاد.

نہ آهي. اهي سڌيون سنيون حقيقتون آهي، جن جي معنيٰ
ڄڻي آهي جا حواس پروڙي سگهن ٿا، پر ائين نہ آهي،
اهي هن خوبصورت تاجي پيٽي ۾ اٽيل آهن، انهن جي
ظاهري اونداهہ روشنيءَ ۾ ڪيئن تبديل ٿئي ٿي ۽ هن
ڪائنات جي جوت ۾ جرڪي ٿي، اِها ڳالهہ تنهنجي
سمجهہ کان مٿي آهي. جيستائين تون دارا شڪوهہ
وانگر پنهنجي ڪنڌ تي ڪاتي قبول ڪري پاڻ مان
ٻاهر اچي، اورنگزيب جي جنازي نماز ۾ شريڪ نہ ٿو
ٿئين، تيستائين تون اُن ازلي قنديل کي ٻرندو ڏسي نہ
سگهندين، جنهن جي جوت ڏسان ڏس ڦهليل آهي ۽
جو، جنهن وقت بہ تنهنجي نظر کان اوجهل ٿئي ٿو،
ته ڪي اونده نظر اچي ٿي. هي دنيا اضداد جو مجموعو
نہ آهي: جا تنهنجي نظر ۾ برائي آهي، اها ممڪن آهي
تہ اُنت ۾ برائي نہ هجي.

تي سگهي ٿو تہ جڏهن مون اهي سٽون لکيون،
منهنجي تحت الشعور ۾ پٺاڻيءَ جو هيٺيون بيت هجي:

”پريان سندي پار جي مڙيوئي مٺائي
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيٽ ڪري“

سوال اهو آهي تہ تون چکي، چيٽ ڪري سگهين
ٿو؟

*

ڇا تون اهو نہ ٿو سمجهين تہ شمئہ جي انت تي بُرائي، بُرائي نہ رهندي ۽ چڱائي چڱائي نہ رهندي؟ اَن ۾ ساري تاريخ سمائجي ويندي ۽ پورو ستاءُ هڪ تمام وڏي ڪوهنور وانگر لڳندو؟

*

توکي 'اڄ' ۾ رهڻ جو فڪر آهي ۽ ان ڪري چئين ٿو تہ سياڻو ياڻ ئي پاڻ کي سنڀاري وٺندو: ڇا تون جو 'اڄ' ۾ ٿو رهين، اهو ڄاڻين تہ پرينهن: سياڻو، اڄ سان گڏ فنا تي ويندو؟

*

مون هڪ ڪولهڻيءَ ۽ پيلي کي برسات ۾ پڄندي ڏٺو آهي. هن جو پيٽ خالي هوندو آهي ۽ تنهنجي تجوڙيءَ وانگر ڀريل نہ هوندو آهي، پر هو توکان وڌيڪ خوشنصيب لڳندو آهي. دراصل خوشي تنهنجي نصيب ۾ آهي ڪٿي، رڳو پئسو آهي، رڳو ڪرسيءَ جو نشو آهي ۽ اهو نشو جڏهن ٽٽندو تہ تون هر هيروئنيءَ کان برو لڳندين.

*

ٽالسٽاءِ جو ڪوئي بہ ڪتاب هڪ طرف، لينن جا ۽ هن کان پوءِ سينئي اِشتراڪين جا سڀ ڪتاب ٻي طرف. ٽالسٽاءِ جو ڪتاب ڳورو آهي.

*

دوستو وسڪي! تو وانگر مون ڪان وڏيڪ ڪير ٿو سمجهي تہ موت سان نزديڪي ڪيتري معنيٰ رکي ٿي!

❋

* لرمنتوف! مان چاهيان ها تہ تو وانگر وڙهي سگهان ها. پر مون سوچيو تہ هڪ خارش زده ڪُتي کي گولي چا لاءِ هڻان، هن لاءِ پنهنجي خارش ئي ڪافي آهي.

❋

ناظم حڪمت! نو سال روس ۾ جلاوطني ۾ رهي مَري وئين! نہ تُرڪيءَ ۾ انقلاب آڻي سگھين ۽ نہ روس جو انقلاب ڪوئي صحيح انقلاب هو. تنهنجي شاعري ڪهڙي وَهِي ڪاتي لڳان؟

❋

لورڪا! چا شهيدن جي رت لاءِ بہ ڪا ڪوثر ۽ تسنيم آهي؟

❋

جوش مليح آبادي! تو ۾ گهڻ گهرج تہ ڌاڌي هئي پرُ تُنهنجي شاعريءَ ۾ مون کي مينهن ڦڙي نہ ملي!

❋

جيڪڏهن ڪوئي نازي جرمنيءَ ۾ ڪنهن يهوديءَ کي چوي ها تہ تنهنجي پيڙا اَجائي نہ آهي تہ هو ڪيس چريو سمجهي ها. هن کي ڪهڙي خبر تہ هن جي پيڙا

* لرمنتوف: روس جو رومانوي شاعر، جيڪو بائرن جو همعصر هو. جيڪو ڊيول DUEL ۾ ماريو ويو هو.

ڪري ٿي مستقبل ۾ اسرائيل وجود ۾ اچڻو هو!

※

شيما ڪرماڻيءَ جو رقص ڏسي مون چيو تہ ”رقص جسم جي شاعري آهي.“

※

ڇا هِي ٻڌِ چيو هو يا مان ٿو چوان، يا ڪوئي آواز اندر ۾ گونجي ٿو جو پنهنجي ٻُڌو هو؟ ”ڇم پيڙا آهي، ڇالاٽو پيڙا آهي، ساٿيءَ ريت ڏک پيڙا آهي، گوندر پيڙا آهي، روڏن پيڙا آهي، نراسائي پيڙا آهي، هي ساور سرير پيڙا آهي، جو ڪام ڪروڌ، لوڀ، موهہ، اهنڪار تي ٻڌل آهي، انهيءَ جي سڀ هيچ پيڙا آهي. اِهائي ڏک جو ڪارڻ آهي، اِها اِچا جنم ڏانهن موٽائي ٿي. ڏک جو انت تڏهن ٿئي ٿو، جڏهن تون سڀ تياڳ ڪرين ٿو، بنا ڪروڌ ۽ ڪوپ جي؛ تياڳ کي تياڳ ڪرين ٿو؛ تڏهن اِچا مان توکي مُڪتي ملي ٿي، اِچا لاءِ آڪنڊ جي هِينتا (غير موجودگي) تو ۾ اُتپن ٿئي ٿي.“ جڳُ تي ويا آهن پر اِهو آواز منهنجن ڪنن ۾ پُري ٿو، جيئن ڪنهن پهاڙيءَ چُر ۾ سَمُنڊ جو آواز پرندو آهي.

※

ڇا مائتري اُپنشد مون لکيو هو؟ ان مان ڪجهہ ڪجهہ تہ مون کي ياد اَچي ٿو:

”منديءَ ۾ رکو هُو هيو ’کير‘ مون کان اُن جو نالو وسرئي ويجي ٿو) ايڪ ۽ اننت. هو اُتر ڏکڻ، اولهه اوڀر کان ٻاهر آهي، هو پرانهين کان پري آهي، جو مٿي آهي اُن کان به مٿي آهي، جو هيٺ آهي، ان کان به هيٺ آهي. هن جي اَننتا جتي ڪٿي آهي. هن ڪي نه اولهه آهي نه اوڀر آهي“. ٻيو ڇا تَنهن ۾ لکيو هو؟ ڪجهه ته ياد پوي ٿو: ”پر آتما اَٿاهه ۽ اَڻ مَئي آهي، پُرجهه پروڙ کان پري آهي، سمجهه سوچ کان مٿي آهي، نه ڪنهن مان ڄائي آهيءَ ۽ نه ٻُڌي اُن کي ڇُهي سگهي ٿي. اها ائين اَپار آهي، جيئن اَوڪاش (مڪان) اَپار آهي. جڏهن سَڀ جڳ پنهنجي انت تي پڄن ٿا، سڀ وستو نند جي گهيريءَ ۾ اچي وڃن ٿيون، هوئي ته اننت ۾ سُجاڳ آهي ۽ پوءِ انَت. اَوڪاش (مڪان) مان نوان جڳ پيدا ٿين ٿا. وِشوَ (ڪائنات) کي ڏيان ۾ سڀ جوڳ آهن ۽ اُن ۾ موتي وڃن ٿا.“

ٻيو ڇا لکيو هو؟ خبر ناهي، ياد نه ٿو اچي.......

❋

تون چاهين ٿو ته مان اُهو ڪجهه لکان جو تُنهنجي سمجهه ۾ اَچي سگهي. پهريون پاڻ کان پڇ ته توکي سمجهه آهي سهين!

❋

توڻ چاهين تو تہ هِنَ عمر ۾ مان بي انت سمنڊ تي نہ سوچيان ۽ ائين سُتئڙا ڪَنا ڪيان، جِئَن پار ڪَندا آهن.

❋

تون ڊونڊ ڪي ڳِجُھن لاءِ ڇڏي ڏي. ڪويليون تہ اِن ڪان دور پچنديون آهن!

❋

تون اهڙي کهڙي خوشبو آهين جا مون کي نتي جي موتئي ۾ بہ نہ ملي آهين!

❋

نتي جي پوئين پهر ۾ موتيا ڪِڙيا آهن ۽ خسروءَ کي تنهنجا رخسار ياد اچي رهيا آهن.

❋

وحدت الوجود جي خوشبو هند جي ساري ڌرتي واسي ڇڏي هئي، رڳو اورنگزيب جون ناسون پُتجي ويون هيون.

❋

تون مان دوست ڪيئن ٿي سگهون ٿا، جڏهن منهنجا هيرو تنهنجا دشمن آهن ۽ تنهنجا هيرو منهنجا دشمن آهن.

❋

جي اڪبر جي دؤر ۾ دکن تي ڪاهہ ٿي ها تہ ڇا تانسين ملهار ڳائڻ ڇڏي ڏي ها؟

❋

حيدرعليءَ، ٽيپوءَ کي چيو: ”پُٽ تنهنجي تلوار اُها مضراب آهي، جا رڳو آزاديءَ جي ساز تي وڄي سگهندي آهي.“

*

ڪنهن ازلي سازشيءَ مير صادق جي ڪن ۾ سُس پُس ڪندي چيو ”جي تون ٽيپوءَ کي موت جي مُنهن ۾ ڏيندين تہ تون موت کان بچي ويندين“ موت جنهن جا ڪن سڀ کان سرلا آهن، ٻنهي کي ٻُڌي رهيو هو ۽ مُرڪي رهيو هو.

*

تون خدا کي ڏسي سگهندين؟ هونءَ تہ منهنجو سينو ڪوهہ طور آهي!

*

طور تي وري تجلي برق پاش آهي ۽ موسيٰ کي ڳولي رهي آهي!

*

سولزي نتس مغرب کان پڇيو هو: ”روس ۾ ڪيترو وقت صليب گدام ۾ پئي رهندي ۽ يسوع ڳوليو نہ ليندو؟“

*

فيض، زندان جي دريچي ۾ صليبون ڏٺيون هيون.

ڪاش هو چاڙهي سگهي ها ته ڪنهن جي لاءِ مصلوب ٿي رهيو آهي!

٭

* فيض! پنڊي سازش ڪيس ۾ تو بار عباس جي ڪري پنهنجي ڪلهي تي صليب ڇو کنئي؟

٭

مان نٽشي هجان ها ته ڪوچي ۽ بازار ۾ چوندو وتان ها: ”ڪنهن کان ٿا ڏڄو، موت مري چڪو آهي.“

٭

نٽشي جو زرتشت سان ڇا وڃي! ڇا هن آها ازلي آگ ڏٺي هئي، جنهن ۾ سڀ ڪجهه ازل تائين جرڪي رهيو آهي؟

٭

ڪازان زاڪس! جي تنهنجي ناولن مان ڪجهه فقرا منهنجي نثر ۾ اچي ويا ته ڪهڙي ڳالهه آهي؟ آخر تون منهنجو ڀاءُ آهين ۽ جو ازل اسان لاءِ ورثو ڇڏيو آهي، تون مون سان ورهايو ته آهي!

٭

غالب! ازل جي نهان خاني ۾ اڃا تنهنجو ڪيترو متاع آهي؟

٭

---

* بار عباس: اهو شخص جنهن جي عيوض عيسيٰ کي صليب تي چاڙهيو ويو هو. هن تي هڪ ناول به لکيو ويو آهي، جنهن تي نوبل پرائيز ملي چڪو آهي.

* گمان مَبر کي پايان رسيد کارِ مغان،
هزار باده ناخورده در رگِ - تاک است.

اهو ڪنهن جو شعر آهي؟ ڇا اُنهيءَ کي خبر آهي ته مون انگور جي وَل مان پوئينِ رَسُ ڦڙي نچوڙي آهي. هاڻي جيستائين ٻي ول لڳي، اَن ۾ مٺا انگور رچي راس ٿين، تيستائين هن کي انهيءَ جام مان پيئڻو پوندو، جنهن جي تري ۾ مون ڪُجهه رهائي ڇڏيو آهي.

*

همعصر جيڪڏهن تنهنجا هم اثر نه آهن ته تُنهنجا دشمن ٿيندا.

*

ساڙ جون اکيون پيليون آهن. اُنهيءَ ڪامڻ جو ڪو علاج نه آهي.

*

تون پاڻ تي ڪيترو به پتل پالش ڪرين، سونِي ته نه ٿِي سگهندينءَ!

*

هونءَ ته مون ڪيترا نه ڪندا زندگي ۾ پوکيا آهن! نه ڄاڻان تون مون تي ايترو ڇو مهربان آهين! مُنهنجا خدا! تو مون کي ڪيترا رنگا رنگَ گل تحفي ۾

---

ترجمو: اهو نه سمجهه ته پير- مغان جو پورهيو پورو ٿيو آهي،
هزارين اڻ- پيتل شراب ايجان انگور جي وَلين ۾ آهن.

ڏنا آهن!

*

تون ڀانءِ ڪي دانـشـور تـو سـمـجـهـين ۽ اِئين ڏِڪَ تـو ڏين تـہ سنڌ جو رکوالوُ آهين. ڇا تو نتشي پڙهيو آهي؟ ڇون تـا تـہ علامہ اقبال نُتشي کان ڏاڍو متاثر ٿيو هو. ڇا تو نتشي جو هينيون قول پڙهيو آهي:

”ڇون تُا تـہ نستو ۽ نبل، هانيءَ جو هيٺو ڇَٽ تي ويندو. اها اسانجيَ پَر اُپڪار جي موُل مَت آهي ۽ اسان هن جي ناس ٿيڻ ۾ سهائتا ۽ پنيرائي ڪنداسين. ڪنهن بـہ اوگڻ ۾ بـيـڙائـيءَ کان وڌيـڪ ڇـيـهو رسـائـيـنـدڙ ڇا آهي؟ ٻَل- هيڻ ۾ بي قوتي مسيحيت لاءِ اثرائتي دڙدُ وندي....... مسيحيت ڪَهل ۽ ٻاجهہ وارو دينُ آه. ڪَهل ۽ ٻـاجـهہ جو تـضـاد آهـي، انـهـن جذبـن سـان جي هڪ طاقت بخش دوا وانگر آهن جا جيئڻ جي جذبيَ ۽ جوش کي وڌائي ٿي. اُن کي (مسيحيت کي) اداسائي ۽ گهومات وارو اثر آهي. جڏهن بہ ماڻهو ڪهل ۽ ٻاجهہ ڪـري ٿـو، هـو سـاري زوم ۽ زورَ کـي گـنـوائـي ويـہ تو.......

ڪهل ۽ ٻاجهہ، سڀ ڳالهيون ڳٽي ڏسبيون تہ ارتقا جي قـانـون جي خلاف آهـن، جو انـتـخـاب جو قـانـوُن آهي.“

۽ علامہ اقبال جو نتشي جي خيال کان متاثر هو،

انهيءَ ان ڳالهه تي سوچي چيو هو:

”لپٽنا، جهپٽنا، جهپٽنا، لپٽنا،
لهو تيز رکهنے کا هي اک بهانا.“

* ۽ پتائيءَ جو ’کهي حسين نماڻا‘ جو مثال هو، تنهن چيو هو:

پائي ڪانُ ڪمان ۾ ميان مارَ م مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

❋

سانجهيءَ جي بانگ اچي رهي آهي. سج، سمنڊ تي پنهنجي جاءِ نماز پڙاري رهيو آهي.

❋

مون رومي کي قونيه ۾ چيو ”اَچ، مون سان گڏ ساڳيءَ صف ۾ نماز پڙهه!“ پوءِ جڏهن سجي پاسي منهن ڪري مون ”السلام عليکم ورحمة الله“ چيو ته ڪنهن ساڳيا لفظ دهرائي مون ڏانهن ڏٺو ۽ خلا ۾ جذب ٿي ويو. ڇا اهو منهنجو وهم هو؟ پر مون ته زندگيءَ ۾ لکين ماڻهو سچ پچ ڏٺا آهن جي خلا ۾ جذب ٿي چڪا آهن. ڇا اِهي سڀ وهم ها؟

❋

يا خدا! هاڻي ته قبرستان بہ تشدد ڪان آجا نہ

* شاه حسين جي ڪافيءَ جي ست.

رَهيا آهن، ماڻهو تہ منڪر نڪير کي بہ نٿو بخشي!

*

هي ٻارَ آهئ يا گُلْ - لالا جو کيت آهي!

*

تنهنجي عقيدت ڏسي، مون اُنهيءَ هر انسان کي بخشي ڇڏيو، جنهن مون تي ڪفر ۽ الحاد جا الزام هنيا ها.

*

غالب! اڄ تائين لالہ و گل* ۾ کهڙي صورت ڳولي رهيو آهين؟

*

خيام جي رباعيءَ وانگر پاينده نہ سهين، پر انساني حسن بہ تہ شاعري آهي.

*

ان ڳالهہ کي ڪيئي سال ٿيا. منهنجي قوهہ جواني هئي. نئين سال جي رات هئي. مان ۽ منهنجو دوست مرحوم مونس، سڪر جيمہ خاني ۾ هڪ بجي تائين وسڪي پي، هم پيالا يار اُتي ڇڏي، تيز ڪائيندا گرجا ۾ آياسين. جا جيمہ خاني کان سو قدمن تي هئي. خبر نہ آهي تہ اسان جا پير ازخود اوڏانهن ڇو ڇڪجي ويا.

---

* سب کہاں کچھ لالہ و گل میں نمایاں ہوگئیں۔
خاک میں کیا صورتیں ہونگي کہ پنہاں ہوگئیں

مون پنهنجي ڪار به بہ نہ ڪئي، جا جيم خاني جي ٻاهران بيٺي هئي. چرچ ۾ تہ عيسائي ڪٿا ها ۽ عبادت ڪري رهيا ها، ٻاهران مسيحيت تي ڪتاب وڪامي رهيا هيا. مون چار، پنج ڪتاب ورتا جن مان هڪ سينٽ ٿامس آڪئيناس جو ڪتاب بہ هو، جنهن ۾ ٻي ڏينهن تي مون هيٺيان لفظ پڙهيا:

”مقدّر پروردگار جو حصوّ آهي. پروردگار ثانوي يا ضمني سببن تي روڪ نٿو رکي، پر انهن جا ڪرتوت پنهنجي تابع رکي، پنهنجا نتيجا حاصل ڪري ٿو. خدا ڪائنات ۾ گهربل نتيجا حاصل ڪري ۽ انهن لاءِ فطري سبب معيّن ڪري ٿو، جن ڪان سواءِ اُهي پيدا ٿي نہ سگهن ها. هو انسان جي نجات بہ ساڳيءَ طرح اڳواٽ لکي ڇڏي ٿو ۽ هر انهيءَ ڳالهہ کي هن جو مقدّر ڪري ٿو جا هن کي پنهنجي نجات ڏانهن وٺي وڃي ٿي. پٺوءِ اها ڳالهہ هن جي عبادت آهي، يا ٻي طرح جا چڱا اعمال آهن، جن ڪانسواءِ هن کي نجات نہ ملي سگهندي.“

اوچتو مون کي خيال آيو هو تہ مون ڪائي عبادت نہ ڪئي آهي، نہ مُنهنجو ڪوئي پير مرشد آهي، جنهن جي عبادت مُنهنجي لاءِ ڪارآمد ثابت ٿئي، نہ مان

ڪنهن چڱي اعمال جو اهل آهيان. ها باقي جي شاعريءَ کي چڱي اعمال ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو ته پوءِ اها منهنجي واحد راهه - نجات آهي.

وقت ثابت ڪيو آهي ته نه رڳو ٿامس اڪئيناس جي سوچ صحيح هئي، پر منهنجي سوچ به صحيح آهي. رڳو ان ۾ ايتري ترميم ڪري ٿو سگهان ته شاعري نه رڳو چڱو عمل آهي پر عين عبادت آهي. گهٽ ۾ گهٽ مون لاءِ اِن کان بهتر عبادت نه ٿي سگهي ها.

※

منهنجيءَ شخصيت ۾ اهڙا کهڙا شعاع آهن، جي ڪن ۾ مون لاءِ بي انتها نفرت پيدا ڪن ٿا ۽ ڪن ۾ ان جي برعڪس بي انتها محبت پيدا ڪن ٿا.

※

ڇا مون جيان ٻيو به اهڙو شاعر ٿيو آهي، جنهن اڌ صديءَ کان وڌيڪ عرصي لاءِ بيٺل پاڻيءَ ۾ ڇِپون ڦٽي ڪري لهرون پيدا ڪيون آهن.

※

خُدا ڪُليت آهي ۽ هر شيءِ اُن جي ازلي وجود ۾ سمايل آهي يا هن جو وجود الڳ آهي؟ جي ڪا به شيءِ هن جي وجود کان ٻاهر آهي ته هو ڪُليت نه آهي ۽ سڀ جُز هن ۾ شامل نه آهن پر مون لاءِ اجا اهو

مسئلو آهي تہ ڇا هو هر جُز ۾ سمايل آهي؟

❋

جي خُدا مِتيءَ جي هر ذري ۾ آهي تہ بُرائي ڇا آهي؟

❋

ڇا امريڪا جي جنهن حملي ۾ لکين عراقي ماريا ويا، اُهو حملو اُن ازلي حقيقت جي منشا هئي، جنهن کي اسان خُدا چئون ٿا؟

ڇا اها هن جي ڪائي پيڪي واري رِٿا هئي جا تُنهنجي مُنهنجي سمجهہ کان مٿي آهي؟ ڇا اِن ۾ ڪائي چڱائي هئي؛ جا توهان لاءِ هن وقت چِٽي نہ آهي؟ ان مفروضي ڪانسوا، وحدت الوجود جي حقيقت ڪيتري بعيد از فهم ٿي پوي ٿي!

❋

هُو شعلہ نوا شاعر آهي. هائو هُن جا لفظ جهنم جا شعلا آهن!

❋

اي انقلابي شاعر! تو گل- لالا ڏٺو آهي؟ اُهو بہ ڄَرَ ۾ ڄرڪندو آهي پر تو وانگر نہ!

❋

ڪڏهن تو پورهيتِ کي ننڊ ۾ ڏٺو آهي؟ ڪڏهن

تو اُها دنيا ڏٺي آهي جا هوءَ ننڊ ۾ گهمندي آهي؟ تون جو رَتُ جون نديون وهائڻ چاهين ٿو، تنهنجو پورهئي سان ڪهڙو پيار ٿي سگهي ٿو؟

*

سياسي رهزن! تون رڳو پنهنجو پاڻ لاءِ آهين، ٻيا تو لاءِ ذريعا آهن.

*

هر سياست زهر جي پڙي آهي، اِن ڪان پري پڄ، جيستائين تون سقراط نہ آهين.

*

ڪهڙو سياسي رُهبر آهي، جو ساڳئي وقت رهزن نہ آهي؟ گانڌيءَ کي ڇڏي مون کي دور - جديد ۾ ڪوبہ اهڙو سياسي رهبر نظر نہ آيو آهي.

*

سياست ۽ سچ ٻہ متضاد شيون آهن.

*

سچا ماڻهو سياست ۾ ورلي ايندا آهن، سياسي ماڻهو سچا ورلي ٿيندا آهن.

*

توکي ناهر جا ننهن ۽ هاتار جون هوڙون آهن، پر سياسي مُدبر! پاهران تون ڪيترو نہ ٽڏو ٽانهريو آهين!

*

مان جو آئينا صيقل ڪندو آهيان، تنهنجي اندر جو آئينو ڏسي حيران ٿي ويو آهيان. ايتري ڪارنهن تہ مون ڪوئلي ۾ بہ نہ ڏٺي آهي!

*

سچ سراڻ وانگر آهي. تون ڪيستائين زندگيءَ کي مڏي چاقوءَ وانگر بند ڪري رکندين؟

*

مان زندگيءَ جي تشريح نہ ڪري رهيو آهيان، تخليق ڪري رهيو آهيان. توکي تشريح گهرجي تہ تون پاڻ ڪر. تنهنجو ڪم بہ مان ڪيان ڇا؟

*

چڱو جو مارڪس لنڊن ۾ پوريل آهي؛ جي هو ماسڪو ۾ پوريل هجي ها تہ هن جي ڪفن کي سائبريا جلاوطن ڪن ها!

*

يا خدا! تون ڪيترا رنگا رنگ گل منهنجي جهوليءَ ۾ ڦٽي ڪندو رهيو آهين! هاڻي تہ منهنجي جهوليءَ ۾ جاءِ بہ نہ رهي آهي!

*

هر خوبصورت چهري تي تنهنجو گمان ٿئي ٿو. تون تہ وحدت الوجود وانگر ڦهلجي چڪي آهين!

*

ڪنڌڙيءَ جا شاعر فقيرُ بهترين انسان ها. تو ڪي انهن ڪان بهتر ٻيا ڪهڙا انسان گهرجن؟

*

مون تُنهنجي شاخ مان موتئي جا گل پٽڻ تي چاهيا پر پوءِ هٿ روڪي ڇڏيو. تنهنجيءَ شاخ تي موتيو ڪهڙو نه چڱو ٿي لڳو!

*

اي خدا! ايتريون خوبصورت اکيون ته تون نرگس جي گل کي به نه ڏنيون آهن، پر نرگس جو گل ته انڌو آهي، اَن جي هنن اکين سان ڪهڙي ڀيٽ ٿي سگهي ٿي!

*

خمينيءَ جي دؤر ۾ شيراز ڏسي مون کان وسري ويو ته مون حافظ پڙهيو آهي. ڇا ايران جو انقلاب اهو آهي؟

*

هر انقلاب مان سڀ کان وڏيڪ نقصان شاعر، اديب ۽ آرٽسٽ جو ٿيندو آهي.

*

۽ مون مانيءَ ۽ بهزاد کي سڏي چيو:
”مـتهنجي ڪَدَ اچو! مان اوهان کي اهڙي تصوير

ڏيکارين جا اوهان جي خواب خيال ۾ نہ آئي هجي! اِها تصوير آهي تہ انسان جي پر اُن جو ساڳيو مصور آهي، جنهن چنڊ کي ٺاهيو آهي.“

✻

اي ولا! تون وڻ کي ڪيڏو نہ وڪوڙي وئي آهين. هاڻ تہ اُن جا پن بہ نظر نٿا اچن!

✻

* اڄ تہ ڪوراڙ تي جهولو جهوليون! وڻ جي ٿاري وانگر لڳي رهي آهي!

✻

تو مون کي ايڏي زندگي آڇي آهي جو موت کان وڏيڪ چپ ڏئي ڇڏي آهي.

✻

تنهنجون اکيون ڏسي، مون کي ائين محسوس ٿيو تہ مون شراب نوشي اِجا نہ ڇڏي آهي.

✻

ايترو گم سُم آهيان، ڄڻ دل ڪٿي وساري آيو آهيان!

✻

** سبط- حسن! چا تون ڄاڻين ٿو تہ عمر خيام جي پيدائش وڏي ۾ وڏو انقلاب- ايران آهي.

✻

---

* ڪوراڙ- ٻڳهي نانگ جو هڪ قسم.

** سبط- حسن اردو جو مشهور اديب، جنهن پنهن ڪيترن ڪتابن سان گڏ ”انقلاب- ايران“ نالي سان ڪتاب بہ لکيو آهي.

تون مان اڳي ڪٿي مليا آهيون؟ تو تي منهنجي نگاهه پئي آهي، جڻ تر تي بادل برسيا آهن!

*

۽ ۾ پهريءَ جو سج ٻري رهيو آهي. ونسينٽوانگوگ سورج مکيءَ جي کيت جي تصوير ڪڍي رهيو آهي ۽ سج غور سان ڏسي رهيو آهي ته هو ڪٿي سچو ٿو لڳي، سورج مکيءَ جي کيت ۾ يا مصوري ۾!

*

اجا تائين هندستان ۽ پاڪستان ۾ اشتالن جا پوتا ڏوهتا گهٽائي آهن ۽ چمڙا پوش ڪري واپس ورڻ چاهن ٿا، پر هنن کي سمجهه گهرجي ته ڪميونزم هميشه لاءِ دفنائجي چڪي آهي، ڇو ته اُن جي بنياد ۾ برائي هئي جا درست نه ٿي سگهي. بهتر آهي ته هو ڪنهن نئين فلسفي جي تلاش ڪن. ليئن جو بت ڪريملن مان جلدئي ٻاهر ڪڍي ڦٽي ڪندا ۽ اهو ايترو وقت به نه هلندو جيترو سومنات جا بت هليا ها.

*

شيطان صفتي کي ڪائي ڪشش آهي جا هڪ رهزن کي ٻئي رهزن سان ملائي ٿي، پوءِ اُهي هڪٻئي جي خون جا پياسائي ڇو نه هجن!

*

هي مُرڪ ۾ ڪهڙو خنجر ڇپايو ٿو ڳهمين؟
بروٽس! مان توکي هجوم ۾ هڪ نگاهه سان سڃاڻان!

*

عورت تہ عورت آهي. مون کي اهو شوق ڇو آهي
تہ هوءَ هر روز ڪليوپيٽرا وانگر هڪ نئين عورت هجي.

*

سيتا! جي مان رام هجان ها تہ ٿوسان رهي
جوڏانهن سؤ پيرا آتمر- هتيا ڪيان ها.

*

ڪرشن سوچيو "جي تاري پيجي پئي تہ ڇا ڪائي
بہ گوپي مون کي بنسريءَ سوڏو جهول ۾ جهپي
وٺندي!"

*

رات موت تنهنجي گهٽيءَ مان ٿي ويو. تنهنجي لاءِ
نياپو ڏئي ويو تہ: "منهنجو انتظار ڪجانءِ. مان سياٽي
موٽي ايندس."

*

ڇا تنهنجي موت ۽ تنهنجي موت تي بيان ۾ فرق
آهي؟ سياست جي نظر ۾ تہ ڪوئي فرق نہ آهي.

*

هي لاش آهن انهن جا جن آزاديءَ جا پير چميا ها.
موت ۾ آزادي انهن جا پير چمي رهي آهي، پر اُن کي
ڪوئي ڏسي نہ ٿو سگهي!

*

تو ڏاڍي جي بندوق نہ ڏني آھي، رڳو ھيٺي جي ڇاتي ڏني آھي.

*

لاشَ تہ ٿاٽي تي ڪٽي ويا فقط پھاڙيءَ تي رَت پيو آھي، چنڊ اُن تي اُجاتري نظر وجهي ويچي رهيو آهي. نہ ڄاڻان ھي ڪير آهن؟ ڇو مئا آهن؟ ڇا لاءِ مئا آهن؟ رت جو ڏِيو سوالَ جي نشانيءَ وانگر آھي، عجب جي نشانيءَ وانگر بہ آھي؛ اڌ دم وانگر بہ ٿو لڳي. ڇا آزادي پنهنجو جملو پورو ڪري نہ سگھي آھي.

*

اي خدا! تو مون تي ايتريون نوازشون ڪيون آهن، جو مان تنهنجي هزار پيرا پرستش ڪيان تہ بہ تنهنجو هڪ ٿورو نہ لاهي سگهان!

*

مون شفق مان هڪ گل پَٽي تُنهنجيءَ چوٽيءَ ۾ لڳايو ۽ پوءِ شام جي سمنڊ ڏانهن ڏٺو!

*

تون هيءَ حياتي ڪڏهن ٿو موٽائي وٺين، مان توکي وياج سان موٽائي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. هاڻي مون کي پنهنجي قرض مان آزاد ڪر!

*

يا خدا! تو هي ڪهڙا زنجير مون تي وڌا آهن؟ نہ پاڻ تو لاهين، نہ مان ٿو ڇني سگهان!

*

ڪنهن غلام کي بازار- عڪاظ ۾ وڪيو ٿي ويو. هن پاڻ هوڪو ڏنو: ”آهي ڪوئي غلام، جو هن آقا کي خريد ڪري!“

*

مان ازل کان آزاد آهيان، تون مونکي گرفتار ڪرڻ لاءِ سوَ ترڪتال ٿو ڪرين، پر مان تنهنجي چار ڪي ڇني اَن مان باربار نڪري ٿو وڃان؟

*

ڇا اهو ڪافي نہ آهي تہ مان مُڃان ٿو تہ تون منهنجو رب آهين! ڇو ٿو مُنهنجو وات کولائين؟

*

جي سرمد منصف هجي ها تہ ڇا هو قاضي القضات کي واجب القتل قرار ڏئي ها؟

*

تون جڏهن سياڻي اچين تہ متان مان نہ هجان! بهتر آهي تہ جي ڳل مون لاءِ آندا آٿيئي، مون کي هاڻي ئي ڏئي ڇڏ!

*

ڪائناتَ ۾ ڪيترِيون ٻه ڪَتيون چو نه هجن! پر اُنهن جو مَٿ نه آهن، جيّ تنهنجي ڇاتيءَ تي ٻه قمقما ٻَري رهيا آهن.

*

پروانا ڪُتي نه ڪُتندا، هاٿي هي شمع وسائي ڇڏ!

*

شمع ڪڏهن صبر ڪان ڪم ورتو آهي؟ اي آخري رات جا پروانا، ٻِتان تون ٻه آگ جي لپيٽ ۾ نه اچي وڃين!

*

شمع وسامي رهي آهي. ستارن جا ڏيئا هڪ هڪ ٿي ٻجهي رهيا آهن. اي پرهه! تون اجا ڪيترو پري آهين!

*

تون منهنجي سامهون اِئين ويٺي آهين، جيئن شمع آئيني جي سامهون رکي هوندي آهي.

*

ڇا مان تنهنجي ننڊ ۾ آهيان، جيئن تون منهنجي ننڊ ۾ آهين؟ ڇا آڳ اڳ ٿي پرواني جي پرن ۾ چرڪندي آهي، رڳو نظر نه ايندي آهي؟

*

مادّيت پسند، ڪينه پرور، سازشي! تون انسانيت پرستيءَ جو لبادو پائي هاٿي مونکي ٺڳي نه ٿو سگهين. توکان پرواري مسجد ۾ مّلان چڱو آهي. اُن ۾

انسانيت جي رمق آهي. تون مردو به آهين ۽ ڳورپيٽ به آهين ۽ پنهنجو مردو پاڻ کڻي رهيو آهين!

*

”تون وَهيءَ جي وهي کاتي ۾ هير ڦير ڪري رهِي آهين.“ مون هن جي تازي پلاسٽڪ سرجري ڏسي هُن کي چيو: ”پر اها توکي ڦبندي ڪانه.“

*

”پنهنجيءَ پيڙا کي سمجهڻ ڪانسواءِ خدا کي سمجهڻ ايترو جوکائتو آهي، جيترو خدا کي سمجهڻ ڪانسواءِ پنهنجي پيڙا کي سمجهڻ جوکائتو آهي.“ اها ڳالهه جڏهن پاسڪل لکي ته هو سوچي رهيو هو ته خدا پنهنجي ابهام مان نه نڪري ته چڱو آهي، ڇو ته هو ابهام مان نڪتو ته انسان ڪِنائِيءَ ۾ پنهنجي بِگاڙ پَرجهي نه سگهندو ۽ بنهه اونداهه ڇانئجي ويندي ته هِن کي چارو نظرُ نه ايندو.

*

منهنجي دل آئيني پٿيان ڪيئي آئينا ڏسي رهي آهي، جن ۾ تنهنجي تصوير نظرُ اچي رهي آهي. متان اهي سڀ آئينا ٽڙڪائي وجهين!

*

---

*پاسڪل: فرانس جو مذهبي مفڪر ۽ مشهور رياضي دان (١٦٢٣ع کان ١٦٦٢ع)

مون ۾ اجا همت آهي ته توکي جهول ۾ جهلي چمي وٺي سگهان. اجا منهنجا چپ اگرن وانگر ٻري رهيا آهن ۽ اجا رڪ نه ٿيا آهن.

❋

تون دانشور آهين؟ تون دانش جي دعويٰ تو ڪرين، جا هڪ اٿاهه سمنڊ وانگر آهي! جا تو غواصن جي گت ڇاتي آهي، ڪنڌيءَ تي ڪوڏ ڪٺا ڪرڻ وارا!

❋

هاڻي مون تنهنجو نقاب لاهي، تنهنجو ڏائڻ جهڙو چهرو ڏسي ورتو آهي. ڇا تون نقاب جا رنگ بدليندين ته مان توکي سڃاڻي نه سگهندس؟

❋

پنهنجو چهرو آئيني ۾ ڏسڻ چاهين ته آسڪر-وائلڊ جو ڪتاب 'ڊورين گري' پڙهي ڏس!

❋

ڇا صحافت ڪوئي پهو آهي، جو تنهنجي زخم تي رکيو وڃي؟ تون خيال نه ڪر، اِجهو ٿو اهو زخم ناسور ٿئي!

❋

ڇا جلاوطني انهيءَ اُميد جي علامت نه آهي ته گهر واپس اَچبو؟ ڇا اها ڳالهه پاڻ ۾ ويساهه پيدا نه ٿي ڪري ته پيڙا آجائي نه ٿي وڃي؟ ڇا هو اجايو مصلوب

ٿيو هو يا صليب تي ڪائي اهم حاصلات تي آهي جا هونءَ دنيا کي نہ ٿئي ها؟

اي سنڌيو! پنهنجيءَ پيڙا تي ويچاريو ۽ آسائتا رهو! جڏهن بہ اوهان جي گھر جو ڏيئو وسامي وڃي تہ ان ڳالهہ تي ڀروسو رکو تہ وڄ چمڪي هر شيءِ کي اُجاري ڇڏيندي. اوهان تاريخ جي ابتدا آهيو. اوهان کان سوا تاريخ جي گردن ڪپي ويندي. هن وقت مونکي رڳو ڪارونجهر تي مور ۽ ڪير ٿر ۾ رڙ ڪندي رهيا آهن. ڪنهن وقت اها صدا ايترو گونجندي جو نہ رڳو ساريءَ واديءَ ۾ هر ڪنهن جا ڪن ٻرڻ لڳندا پر انهن جا من بہ ائين ٻرڻ لڳندا، جيئن جوالا ڪارونجهر جي جيءَ ۾ ڪجڪوڙ ڪندو آهي.

*

مون يتائيءَ جي ساري آس نراس تي سوچيو آهي، جڏهن سياري جو اُتر جي هوا لڳندي آهي يا جڏهن بسنت ۾ واهوندا ورندا آهن. ڪوسيون لڪون لڳنديون آهن ۽ ڏينهن ڏاڍا تپندا آهن. اُن آس نراس کي اوهان ڏٺو آهي تہ اُها زميني زندگيءَ سان واڪيل هوندي بہ ازل جي ٻاڙي ۾ آس نراس آهي، هن جي پنهنجي "پاڻ" جي ٻاڙي ۾ آس نراس آهي ۽ جو بہ نراس هوندو آهي، اهو

نہ ڄاڻندو آهيَ تہ هُن ڪانپوءِ ڇا ٿيندو، هُو سمجهندو آهي تہ هُن جي نراس جو سنبَنڌ ڌرتيءَ سان آهي. سچ پڇوُ تہ اهو اننت سان آهي.

*

پاسڪل کي عجيب منطق هو. هن هڪ پيري پڇيو: ”اوهان ڄاڻو ٿا تہ اوهانکي خدا ڏيکاري ڇو نہ ٿو ڏئي؟ ڇا اوهان هن جي ديدار جي لائق آهيو؟“ جواب آيو، ”هائو لائق آهيون.“

”اوهان بي ادب آهيو، انڪري اوهان نالائق آهيو.“ جواب آيو، ”نہ ائين نہ آهيون.“

پاسڪل چيو ”انهيءَ ڪري ئي اوهان نالائق آهيو.“

اي ڏيٺ ۽ ايماني ماڻهوئو! ڪَنڌ مان ڪلي ڪڍو، نِنائڻو! پاڻ کي هيٺ ڪيو. شاهہ حسين وانگر، ”ڪَهي حُسين نماڻا“ واري سان چئو تہ توهان انهيءَ کي پَسي سگهو جو اکين کان اوجهل هوندي بہ شهہ رڳ کان ويجهو آهي.

*

جڏهن بہ دروازي تي کڙڪو ٿئي ٿو، مونکي اُن تي ٿنهنجي دستڪ جو گمان ٿئي ٿو. پر جڏهن مان دروازو کوليان ٿو تہ بہ ڪنهن کي موجود ٿو ڏسان. مان ڪيستائين تنهنجو انتظار ڪيان؟ پر اهو سوال تہ

اجايو آهي. مان سراپا تنهنجو انتظار ٿي چُڪو آهيان، تُنهنجي غير موجودگي منهنجو وجود ٿي چُڪي آهي ۽ تنهنجي پيارُ سان ئي منهنجي زندگيءَ ۾ اعتبار وابسته ٿي چُڪو آهي- تون جا اڳي پوءِ اچڻي آهين، ۽ ڪڏهن ۽ ڪيئن جي سڌ ڪنهن کي نہ ٿي ڏين!

*

هي اُنهن جا لاش آهن، جي بيءِ سبب ماريا ويا آهن. ڇا اُهي مان تقدير جي ڪاتي ۾ تنهنجي نالي لکان؟ تون اِهو قرض لاهيندين تہ ضرور پر ڪڏهن؟

*

جو ماريو ويو سو دهشتگرد هو، جنهن دهشتگرد کي ماريو سو دهشتگرد نہ آهي.

عجيب منطق آهي تُنهنجو، جو مان اجا تائين سمجهي نہ سگهيو آهيان! مون تہ ائين ٿي ڄاتو تہ سواءِ خدا جي هر مارڻ وارو دهشتگرد آهي!

*

ڇا تون ڄاڻين تہ ڏيڏرُ تلاءَ ۾ ٽپو آپگهات لاءِ نہ ڏيندو آهي!

*

ڇونڊِ! ڀنهي مان ڇونڊِ! اَمَا يا آمان؟

*

اي دهريت پسند! منهنجو اوهان کي هڪ ئي جواب

آهي:

”اسان چاهيون ٿا تہ اسان ضروري هجون، انهيءَ اسرار مان اُپري اچون جو اوس ٿيٺو آهي، آٽتر هجون، ازل کان وٺي مقدر جو تسلسل هجون. سڀ مذهب، گهٽو ڪري سڀ فلسفا ۽ سائنس جو هڪ حصو پڻ، انسان جي انهيءَ دليريءَ واري، اورچ ۽ اٽڪ آدم جو ساکي آهي، جو هو انهيءَ انڪار ۾ ڪري رهيو آهي تہ آنءُ ڪوئي اوچتو واقعو نہ آهيان“.

ڇا اهي لفظ لڳ ڀڳ جيڪس مونَاد جا آهن؟ نہ اهي لفظ منهنجا بہ آهن، ڇو تہ مون ساڳيءَ ريت سوچيو آهي، رڳو مونَاد مون کان اڳ انهن ڪيءِ اظهاريو آهي.

❋

اي خدا! ڇا تو ڪي مُنهنجي جهولي خالي ڏسي رحم اچي ويو؟

❋

اڄ ڪيڏي نہ گهري ننڊ اچي وئي هئي؟ جي مان نہ اٿان ها تہ....؟

❋

مون شفق مان گل چُني هُن جي ڍگهي چوٽي ۾ لڳايو، پر شايد هُن اهو نہ ڏٺو!

❋

سَمندَ تي سچَ کي مون پيرين پئي چيو: "تون
ڪجهه وقت جيءُ! تنهنجي جاءِ تي مان تو پڏان."

❋

"ساري خلق ڪجهه به نه آهي. مان اهو نه ٿو چوان
ته هو ٿورو ڪجهه آهن. نه، هو ڪجهه به نه آهن.
ڪنهن به ساهواري جو وجود نه آهي."

❋ ميسٽر ايڪهارٽ! ڇا تنهنجو وجود به ڪونه هو؟
پوءِ اهي لفظ ڪنهن لکيا جي مون مٿي لکيا آهن؟ اها پي
ڳالهه آهي ته هاڻي اهي لفظ تنهنجو وجود ثابت نه ٿا
ڪري سگهن.

لفظ ڪنهنجو وجود به ثابت نه ٿا ڪري سگهن.
هو نيٺ 'ڪجهه به نه' ۾ شامل ٿي ويجي ٿو. انهيءَ اپار
مايا ۾ جا اسانجي سمجهه کان مٿي آهي.

❋

ڇتي ڪتي جي ڳگ وهي رهي آهي، تون اڃا عُرفيءَ
کي ياد ڪري رهيو آهين!

❋

ڇا تون اعتبار ڪندين؟ هو جو پاڻ کي آزاديءَ جو
علمبردار چوائيندو آهي، جڏهن دوست سان ڦتائيندو
آهي، تڏهن هن جي خلاف مارشل لا وارن کي

---

❋ ميسٽر ايڪهارٽ (Meister Eckhart) : جرمنيءَ جو صوفي (Mystic)
(۱۲٦٠ کان ۱۳۲۸ تاءِ)

درخواستون ڪندو آهي!

*

فوٽيءَ ۾ سوئر وانگر مُنهن ٻوڪيو اٿئي. دل چوي ٿي تہ سئلويدور داليءَ کي سڏي ۽ وڃ تنهنجن واڇن ۾ هٽائي ڇڏيان.

*

تنهنجي تصوير سوَ پورا ٿي وئي آهي. تون سمجهين ٿو تہ تون اها ڳنڍي سگهندين!

*

هي ڊونهين جا پاڙل آهن يا گهٽائيون آهن؟ انسان! فطرت سان ڪيڏو نہ ڪؤنسي رهيو آهين!

*

ڪامريڊ! چگو جو توکي ڪوئي اختيار نہ آهي، جي هجي ها تہ تون اسٽالن کان بہ بڙو ثابت ٿئين ها. اسٽالن تہ رڳو زال کي ماريو هو، تون ٻنهن کي بہ گولي هٽي مارين ها!

*

مون ڪنهن مذهب جي بنيادي فلسفي ۾ ايتري بُرائي نہ ڏٺي آهي، جيتري ڪميونزم ۾ آهي!

*

سنڌ جا سپوت! ڇا تو انهيءَ جو تعين ڪيو آهي تہ سنڌي ڪنهن کي ٿو ڪوٺين؟

*

نفرت، حسد ۽ غداري جيتري سنڌي قوم ۾ آهي، اوتري شايد ٻي قوم ۾ هجي! ڇو؟ ڇو؟ ڇو؟

*

ڇا نائون مل غدار هو؟ پوءِ ڪهڙيون اهو فيصلو ڪر پوءِ قومي تحريڪ جن ڳالهيون ڪر!

*

ڀوروپي، بگلا ڀڳت! تون سمجهين ٿو ته مان تنهنجيءَ نهٽائيءَ ۽ نٽڙت کي نه ٿو سمجهان! تون ته ٻيت جو اهو ٻگهو به نه آهين جو سهٽيءَ جو ڪانڌي تين! ڇا تو پاڻيءَ ۾ سج کي به ميچي سمجهو آهي؟ ترس، وقت جي سورج گهڙيءَ تي پاڇو ڦري رهيو آهي ۽ تنهنجو موت ويجهو آهي.

*

مون کي هينري برگسان سان اتفاق نه آهي، جڏهن هو چوي ٿو ته ”مابعد الطبيعات جو هڪ حصو، شعوري يا غير شعوري طرح انهيءَ سوال ڏانهن ڇڪجي وڃي ٿو ته ڪجهه ڇو آهي؟ مادو ڇو آهي، روح ڇو آهن، خدا ڇو آهي؟ ڪوئي اهو سوال نه ٿو پڇي ته ڪجهه به نه ڇو نه آهي. بهرصورت سوال ۾ اهو مضمر آهي ته حقيقت خلا کي ڀرڻ بيني آهي، ته هستي جي پنيان نيستي آهي، ته اصولاً ڪنهنجي هستي

نہ هجڻ گهرجي ۽ ان ڪري ٻي سمجهائڻو ٿو پوي تہ در حقيقت 'ڪجهہ' ڇو آهي. مان پاڻيان ٿو تہ جي ڪوئي انهيءَ سمجهاڻيءَ ۾ رُنيي وڃي ٿو تہ هو وهم ۾ وچڙي وڃي ٿو، ڇو تہ 'نجي ڪجهہ نہ' ڪي بہ ايتري معنيٰ آهي، جيتري گول دائري کي."

برگسان! ڇا تون سمجهاڻي ڏئي سگهين ٿو تہ اهو 'نجو ڪجهہ نہ' ڇا آهي؟ ڇا اهو زندگيءَ کي ڪائي معنيٰ ڏئي سگهي ٿو؟ ڇا اهو سمجهائي سگهي ٿو تہ مان ايتريءَ بيماريءَ جي باوجود، آسَر جو آتي ڇو ٿو لڪان؟ ڇا هيءَ منهنجي شاعريءَ انهيءَ 'ڪجهہ بہ نہ' مان ايري رهي آهي؟ ڇا هي سارو رنگ ۽ خوشبو 'ڪجهہ بہ نہ' مان آيو آهي؟

نہ برگسان، نہ! مان تنهنجي زندهہ ترديد آهيان.

*

"خدا ماڻهوءَ کي پنهنجي تصور تي ٺاهيو ۽ هوبهو ائين ٺاهيو، جيئن خدا جي باطن ۾ آهي. انهيءَ ڪري ٿي انسان جو باطن هن لاءِ بہ قابل- فهم نہ آهي، ڇو تہ اُن ۾ خدا جي تصوريت آهي." (اسينٽ آگستين)

ڇا تصوف جي بيان لاءِ موٽ- وٽ ان کان بهتر لفظ آهن؟

*

مون هُن کي چيو ”جي توهان سورج مُکيءَ ناهي نہ تہ سگهين تہ ان ڳالهہ تي اعتبار ڪر تہ اِن کي خدا ناهيو آهي.“

*

نُور محمد ڪلهوڙي، نادر شاهہ جو مقابلو ڪيو هو ۽ ٻہ پٽ يرغمال ۾ ڏنا ها پر سنڌ زندهہ آهي پتائيءَ جي ڪري. نور محمد ڪلهوڙي جي باري ۾ تہ سنڌ جي تاريخ ۾ رڳو چار صفحا آهن.

*

مون تولاءِ پنبڻين سان ٻهاريو هو، پر جڏهن تو سان پلئہ اٽڪيو تہ تنهنجي ٻج ٻج مان بوءِ اچي رهي هئي.

*

ڪتي جي ذات پڇاڻڻ لاءِ نِڪر جي ڏانگي تہ نهيو جي سوني جي ٿالي ۾ پڇي پوي تہ قيمت ڳري نہ آهي.

*

رات اکين ۾ ڪاٽجي وئي. ڇاڇا نہ اکين اڳيان ڦري ويو، نيٺ توکي سمجهي ويس ۽ توکان اکيون ڦيري ڇڏيم.

*

جڏهن کان تنهنجو پاڻي کيجي ڇڏيو اٿم، تڏهن کان پاڻيءَ مان نہ تو نکران. نہ وڙي تون مونکي

پاڻيءَ مان ڪڍي تي سگهين!

*

تُنهنجيءَ ڪاڪ کي گهڻا تَرَ آهن؟ ڪتي ڪتي نينهن اُجل ڏني اتي؟

*

توکي گهڻا ڀيرا چيو هيم ته: ”اِن کي سنڀالي رکجانءِ، هي دل آهي، شيشو نه آهي، جو ٽُٽي ته وري ڳنڍي سگهجي.“

*

جڏهن کان دل ٽاڻ ڪري پئي آهين، ڪنهن تحت السرا ڏانهن وڃي رهي آهين، اُجا ته ڪري رهين، ڪري رهين، ڪري رهي آهين.....

*

تنهنجي وڏي ۾ وڏي سزا اها هئي ته توکي نهايت اطمينان سان جواب ڏيان، توکي ڏيکاريان ته تُنهنجو وجود ته هڪ ڪک جيترو آهي جو مون ۾ ڪابه ڇولي پيدا ڪري نٿو سگهي.

*

مون سوچيو ته توکي تنهنجي ڪئي جي ڪهڙي سزا ڏيان؟ پوءِ مون توکي اُن تي ڪابه ميار نه ڏني،

ميار جي قابل به نه سمجهو.

*

چنڊ ڀلي سمجهي ته هُو آسمان ۾ آهيِ. چشمي ۾ هو ڪارونجهر جي پيرن ۾ هوندو آهي.

*

تون هڪ ڪينئري زيتون وانگر لڏي رهي آهين، تيز هوا جي جهوٽي تي نپٽ ڇٽي ويندين ءَ!

*

تو منهنجي محبت جو قدر نه ڪيو. تون ته مُرجهايل پيلي گلاب وانگر تي وئي آهين. اها مُڪڙي به نه آهين، جنهن کي مون سُنگهي شاخ تي ڇڏي ڏنو هو!

*

مون ڏاڍيءَ محنت سان تولاءِ راڀيل جي ڪنڌي ناهي هئي. تو اها ڪاوڙ ۾ اڇي ڇني ڇڏي ۽ جڏهن گل ڇجي پتيون تي هوا ۾ پکڙي ويا، تڏهن توکي ڪئي تي افسوس تيو ۽ اهو خيال آيو ته اهڙي ٻي ڪنڌي تو لاءِ ڪير ناهي سگهندو؟

*

مان توکي شاعريءَ ۾ اَمر ڪيو آهيِ يا تو منهنجيءَ شاعريءَ کي امر ڪيو آهي. اِهو سوال مُنهنجو ته نه

آهي! امرتا تہ تون آهين، هٿ ۽ پير تہ تنھنجا آهن، منھنجي شاعري تہ رڳو انهن تي مينديءَ جا گل آهي.

*

پوئر ڪنول کي ڳوليندو آهي يا ڪنول پوئر جي انتظار ۾ هوندو آهي. اهو ڪيئن چئجي!

*

افسوس انهيءَ موتيءَ تي، جنهن کي هنس نہ چڳيو آهي!

*

ڏيڏري پل ۾ موتي چڳي وئي تہ اهي ان کي اوڳاڇڻا پيا.

*

پاڳل جي اولاد! تنھنجي گھر کان گدوبندر تائين رڪشا وارو گھڻو وٺندو؟

*

دوستو وسڪيءَ جي اها چوٽي تہ: "جي خدا نہ آهي تہ پوءِ هر ڳالھہ روا آهي" ڪيڏي نہ صحيح آهي! مان ان ۾ چا تو وڏائي سگھان!

*

مون پاڻهن تنهنجي هٿ مان ڪڍي ورتي آهي، هاڻي لهرون ۽ لوڏا تنهنجو مقدر آهن.

*

مان ائين پُتائي نہ آهيان، جيئن ڪاليداس ۽ ٽئگور نہ آهيان. نہ وري اِهي ٽئي مون وانگر هُيا. مُنهنجو وجود پنهنجو آهي، جو مون ڪنهن سان نہ ورهايو آهي ۽ نہ ورهائڻ لاءِ تيار آهيان.

*

ميان سرمستي تہ چڱي، مون کي خرمستيءَ سان نہ پوندي آهي.

*

ڪبيرا! ڪورڪو پاڙو شڪارپور ۾ منهنجي گهر کان سو قدم پري هو.

*

هن نٿيديءَ ڪنب جي تاريخ ۾ شاعر ٿيا گهڻا آهن؟ جو تو واٽ ڪولائين؟

*

نٿيدي ڪنب جون ٻہ صديون اُهي غواص آهين، جي ٻہ ٽي موتي چونڊي سگهيون آهن.

*

ميان، هيڏي بحر- زخار مان، آنديون به اهي ڪجهه ڪوڏيون آندئي نه؟

✳

ساريءَ دنيا ۾ ڍاڪو شاعر مس ٿيا آهن، شايد مون انگ وڌايو آهي!

✳

اهي جيڪي نوبل پرائيز ڏين ٿا، انهن کي مشرقي شاعريءَ جي ’شين‘ جي به خبر نه آهي!

✳

منهنجيءَ عظمت کي سمجهڻ لاءِ توکي سنڌي ٿيڻو پوندو. ٻيءَ ٻوليءَ ۾ تون مون کي ڇهي به ڪين سگهندين!

✳

ڏيڏري نعل هڻائي ته ڇا دريا خان جو گهوڙو ٿي سگهندي؟

✳

احمق! تون هن تي تحقيق ڪري رهيو آهين يا هن جي تحقير ڪري رهيو آهين؟ هن ويچاري کي ته اهو جواب خيال ۾ به نه هو جو تو هن سان منسوب ڪيو آهي.

✳

فاني! فقط تون منهنجو استاد هئين: ٻين ڪنهن به مون کي قلم گهڙڻ نه سيکاريو آهي.

✳

”جئن نديون گهر ڏانهن يعني سمنڊ ڏانهن موٽي رهيو آهن،

۽ پنيان پنهنجو نانءُ ۽ روپ ڇڏي وڃن ٿيون، اِن رِيت ماڻهو، جنهنکي نانوَ ۽ روپ مان ڇوٽڪارو ملي وڃي ٿو، ان آدي آنادي پُرش ڏانهن پهچي وڃي ٿو، جيڪو پَري کان پري آهي، جيڪو سڀ کان اُتم برهمڻ کي ڄاڻي ٿو، پاڻ برهمڻ ٿي وڃي ٿو.“

(منڊڪا اُپنشد)

ڇا ان برهمڻ جي پنيان پيو ڪجهه آهي، جنهن لاءِ منهنجي ڄاڻ وڌيڪ سگهي يا سيڌائي؟ ڇا اتي ساري ڳولا ڦولا پوري ٿئي ٿي؟ ڇا اڳتي ڪجهه ورڙٿو نه آهي؟ ڇا اِن ۾ دل پوريءَ ٿئي ٿي، ترپتي ٿئي ٿي؟ سمنڊ کان اڳ ۾ ڪيترائي گهاٽ گهيڙهيا، ڪيتريون پياريون ناريون هيون جن کي سينهوَن متي ٿي هيا ۽ ڳهڙا چيلهه تي هيا ۽ نديءَ جي پر تي ڪيڏا نه اوچا بڙ هيا ۽ انهن جي متان ڪُڪَر ڪارونيار هيا؟ اها وهڪري جيءَ واٽ نه سڀ ڪجهه هئي، سمنڊ ۾ ڇا آهي؟ اٿاهه، اَجهاڳ، اَگهور ۽ جتي به چنڊ جو پاڇو پوي ٿو، لهرون اُن کي پورا ڪري ڇڏين ٿيون.

اي ڪاش، هي پنڌ ڪڏهن به نه کٽي، ڪڏهن به نه!

*

مون موت کي چيو ته ”ايتري مهلت ڏي ته هي رابيل جو گل سنگهي وٺان!“

*

”اننت ۾ پيو ڪجهه به نه آهي، نه ڪالهه آهي، نه سڀاڻو آهي، رڳو هاڻي آهي.“ (ميسٽر ايڪهارٽ)

پر ’ڪلهه‘ ۽ ’سڀاڻي‘ ته سپنا آهن؛ ’هاڻي‘ ساپيا آهي. ڇا اهڙي ساپيا منهنجيءَ ڪويتا کي راس اينديءَ؟ مان ڀانيان ٿو ته منهنجيءَ ڪويتا کي اننت جي لوڙ نه آهي، جنهن ۾ تون ۽ مان ٻئي الوپ ٿي وڃون. ڳوليون ٻه ته هڪٻئي کي پائي نه سگهون!

*

اردو ٻوليءَ ۾ ڪلهه ۽ سڀاڻي لاءِ هڪئي لفظ ’ڪل‘ آهي. اهو ماڻهو ڪهڙو نه سياڻو هوندو، جنهن اهو لفظ ڳولي ڪڍيو هوندو؟

*

اڙي موت! وري ڀاڪر جي وٿيءَ مان ڏسين ٿو ته مان لڪان ٿو پيو! ٿورو صبر نه ٿو اچيئي؟

*

او سڪ ڦٽا من! توکي ايتري ڦٽ ڦٽ ڇو آهي؟ ڪجهه ساهي ڇو نه ٿو پٽين؟ ڏس هيءَ نينگري ڪيتري نه صورت وند آهي، ڇا خدا ٿو ڄاڻي تنهنجي جنم ڏڻ

تيئن پنهنجي سوڪڙي ڪري موڪلي آهي؟

*

پرستش کے یاں تئیں کہ اے بت تجھے
نظر میں سبھوں کی خدا کر چلے
(میر)

ميرَ! جي تون هنن کي گهوري ڏسين ها، تہ تون پرستش ڪانسوا بہ مقصد حاصل ڪري سگهين ها.

*

عمر خيام ساريون رباعيون ڏئي، تہ جهڙو هڪ مصرعو تخليق نہ تہ ڪري سگهي.

*

عطار! جا خدا گل اُن لاءِ پيدا ڪيا آهن تہ تون انهن مان عطر ڪڍين؟ انهن کي چڏي ڏي تہ پل هوا ۾ لُڏن!

*

ڪيڏو مينهن وَسي رهيو آهي! ڇا هي توبهہ جي موسم آهي؟ اجا توري وِتي ڏي!

*

چِتڪتائي، ڏَمر، اَجائي تڪراوَ سان هن وَقت تائين نہ ڪوئي سياسي مسئلو حل ٿيو آهي، نہ ايڏي الر سان ادب اُن کي حل ڪري سگهندو.

*

هُو هر جاءِ تي هوندي به، ڪنهن جاءِ تي نہ آهي.
تون هن کي ’حق موجود‘ تہ چوين ٿو پر هو مجسم موجود گيءَ نہ آهي جو هُن سان منهن مقابل ٿي سگهين. هُن جو هئڻ ۾ گهڻ تہ آهي پر هو پرجهہ پروڙ کان پري آهي. هُن جي ادراڪ جو امڪان نظر نہ ٿو اچي. هن جي حقيقت زمان ۽ مڪان کان ماورا آهي. هن جي وجود کي تجربي روءِ ڏيکاري نہ ٿو سگهين. هو هر دليل کان بعيد آهي. هُن جي حقيقت جي ڪائي حقيقت آهي تہ آها دنيا جي حقيقت کان بلڪل مختلف آهي. تون هُن کي سمجهڻ چاهين ٿو پر ڪيئن سمجهي سگهندين؟ ڇا خدا تي سوچي خدا جي سڃاڻپ حاصل ٿي سگهي ٿي؟ ڇا ڪائي ڄاڻ هن کي دريافت ڪري سگهي ٿي؟ خدا تائين عقل جي پهچ نہ ٿي ٿي سگهي. مون ٻڌو آهي عشق کي اهڙي اکيون آهن، جن سان هن کي ڏسي سگهجي ٿو، پر مون فقط ٻڌو آهي.

*

چيني پيغمبر لائوزي چيو آهي: ”دنيا ۾ ڪروڙين شيون آهن جي ڪنهن شيءِ مان پيدا ٿيون آهن، جا خود ’ڪنهن بہ شي‘ مان پيدا نہ ٿي آهي.“

ڇا چيني پيغمبر سڀ ناستڪ ها؟ لائوزي ناستڪ هو. ڪنفيوشس ناستڪ هو. ٻڌ ناستڪ هو! اهي

ڪنهن به خدا جي وجود ۾ اعتبار نه ڪندا ها ۽ مائو، جنهن جي ڪچ ۾ ڳاڙهو ڪتاب هو، پاڻ کي اُنهن کان به وڌو ناستڪ سمجهندو هو. اُنهيءَ جي شاهي بُت کي ڳچي ۾ زنجير وجهي چيني عوام بيجنگ جي چؤنڪ تان لاهي ڪنهن گدام ۾ بند ڪيو.

مائوءَ ڪنفيوشس جو مندر ڍهرايو هو. هن جو پنهنجو ڪوئي مندر نه آهي، چيني پنهنجي زندگي خدا کانسواءِ گذاري سگهن ٿا. گهڻ ۾ گهڻ صدين کان گذاري آئا ئون. ڇا هو روح ۾ ڪائي خلا محسوس ڪن ٿا؟ جي هو خلا محسوس نه ٿا ڪن ها ته مشهور چيني ڏاهو لن يوتانگ آخر ۾ (شايد آسي ورهين جي عمر ۾) پريسبٽرين نه ٿي ها ۽ ائين نه چوي ها ته "خدا کانسواءِ مان پاڻ کي يتيم ٿو محسوس ڪيان."

*

مائوزي تنگ ۽ هو چي منه- واهيات شاعر ته هيا پر ڇا هو وڏا انقلابي ها؟ انقلاب ها.... ها.... تون ته اخبارن ۾ پڙهيو هوندو، ڪيترا چيني- ويٽنامي جي، ويٽنام جي سرحد تان سمنڊ ۾ ڏڪيا ويا ها. سمنڊ ۾ ٻڏي مئا ها!

*

ڇا هي تنهن هئڻ جا اکين اڳيان ترڪي وڃڻ؟ منهنجي اکين ۾ ڳوڙها ڇو اچي ويا؟ مان اهي هار ٻي ڪنهن کي ته نه پايان ها!

*

تون منهنجي موت جي وچ ۾ اچي وئي آهين. مان توکي هٽائي به ته نه ٿو سگهان!

*

تون مون ۾ رهندين، مان جتي به هوندس- هن ڌرتيءَ تي يا ڌرتيءَ کان ٻاهر.

*

اڄ توکي ڏسي مون محسوس ڪيو آهي ته منصور جي هر انگ مان 'اناالحق' جو نعرو ڇو ٿي نڪتو!

*

اهڙيون ڪاريون اکيون ته ڪنهن هرڻيءَ کي به نه آهن، نه اهڙا ڏکيا وار گهنگهور گهٽائن کي آهن!

*

ڇا خدا منهنجي حسن جي تصور کي مجسم ڪيو آهي؟ ڇا مان تو ۾ ساهه ڦوڪيان ها ته به ٻي نموني ٺاهيان ها. تون جا قوس-قزح وانگر آهين ۾ جنهن کي بادل ڏسي حيران آهن ته اهڙا رنگ ته اسان اڳ ڪڏهن به نه ڏٺا آهن!

*

اديبو! شاعرو! شعر ۽ ادب صديون جو ڪنڊو رهي ٿو. سياست دان گهڙيءَ جا ڳهاڙو آهن. اوهان انهن جا جڙتوئا نه ٿيو!

*

هي مارڪسزم جي باقيات جي سياسي محرقي ۾ مبتلا آهن، انهن جي ويجهو نه وڃو! ائين نه ٿئي ته انهن جا جيوڙا اوهان کي لڳي وڃن!

*

مون اوهان کي بار بار چيو آهي ته اُهي به خدمت ڪن ٿا جي ترسن ٿا ۽ ٿاڙ رکن ٿا. وهلوڙ نه وڃو، اَبتيون سُبتيون اوليون نه هٿو، تاريخ جي ڌارا سڌي وڃي رهي آهي ۽ اوهان جي ناو پنهنجي منزل – مقصود تي پهچڻ واري آهي.

*

اوهان ۾ جي نفرتون مارڪسزم پيدا ڪيون آهن، پهرين اُنهن مان جان ڇڏايو. اِڳيان نعرا اوهان لئه جوڙون تي پيا آهن ۽ اوهان کي رت پوٽو ڪري ڇڏيو اِتائون. مان ڏسان ٿو ته سنڌ تي سج اُڀرڻ وارو آهي، في الحال هيڏانهن هوڏانهن اَجايون هتوراڙيون نه هٽو!

*

رهزن اوهان وٽ رهنما بڻجي آچن ٿا. اوهان ۾ انهن جي اڳواٽئي جي اوز اتڪيل آهي. هو اوهانکي چون ٿا ته پنهنجا هڏ پيچي، باهه ۾ ڦِٽي ڪيو ته پيڙ مچي! هُو پنهنجا هڏ، پنهنجي اولاد جا هڏ، ان آگ کان پاسي رکڻ چاهن ٿا. رڳو اوهان تي مچ مچائي هٿ سيڪڻ چاهن ٿا. تاريخ ڪيترو وقت سيٺاندي ۾ رهندي؟ اها توهان لاءِ مچ پاڻ ئي ٻاريندي.

*

هي جي رڻ جا راهي آهن، اهي قافلو به ناهي نه ٿا سگهن. پنهنجا پنهنجا سنگ هلائي، اوهانکي مختلف ڏَسَ ڏسن ٿا. انهن کان پاسي رهو. اهي اوهان کي رڻ ۾ رلائي ماريندا.

*

هي پيندَ، هي تڏا، هي نَتوڻان، ڪُڪڙَ جا تُرا، هي جُي ٽوپي تند تي رَکي هلن ٿا. هي پچ ڪڙا، پوءِ ڏاوا، آهي اوهان وٽ رڳو ڪُڪڙُوڪون وڃي ڇڏيندا. انهن کان پاسي رهو. اهي رڳو اوهان کي ڏوَ تي ڪوڪلا تغرا ڏئي رهيا آهن ته سنڌ ٻُڏي رهي آهي. انهن مان ڪهڙا درياهه جوُ وهڪرو سڃاڻن ٿا؟ هو ڏند ۾ اها ناوَ ڏِسي نه ٿا سگهن، جا سنڌ کي پنهنجيءَ ڪنڌيءَ ڏانهن وٺي وڃي رهي آهي.

*

اڙي، تون ڪُوڙِي ڪَلنگي ڪَڍيُ وچي رهيو آهين. مان چاڻان ٿو تہ تنهنجو مٿو گنجو آهي، جنهن تي ڪِرڙِي بہ پير ڪوڙي نہ سگهندي آهي.

*

تون ٿو چوين شاهہ سير سفر ڪيا ها: هُائو ڪيا ها پر هُن پوئين اڌعمر رڳو پِٽ تي گذاري هئي جا ڪائنات کان وڏِي هئي.

*

تون اِن تي فخر نہ ڪر تہ تو پيالا نہ پيتا آهن ۽ انڪري تنهنجي هانءِ پوٽي نہ پئي آهي. تو پنج سال وڏيڪ جيئين تہ ڇا؟ تو اهڙيون پنج سئون بہ نہ لکيون آهن، جي اَمر آهن. تو اِهي گهڙيون وڃايون آهن جي حافظ ۽ خيام جي حصي ۾ آيون هيون.

*

توکي اُها خبر آهي تہ تنهنجي اڳين پيرومرشد استالن ۽ ان جي پالتبيورو جو ڏينهن، رات کان پوءِ شروع ٿيندو هو ۽ هُو ساري ساري رات پيئندا ها ۽ حڪومتي اُمور تي فيصلا ڪندا ها؟

*

تنهنجو رباب بہ قاتل آهي، جيڪو رڌن اڳيان هلائي رهيو آهين!

*

اي هيڊ ڳڙيءَ جا پساري! هاڻي ڪوئامار ۾ ڪئن ٿو لڳين؟

*

ڏکيءَ عمر وارو، ڏکي قد واري وانگر عقلمند گهٽ ٿيندو آهي.

*

تون لابي تہ آهين، انقلابي نہ آهين.

*

لينن جا پوئلڳ ائين ختم ٿي ويا، جيئن حسن بن صباح جا پوئلڳ ختم ٿي ويا ها. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اڄ بہ ڪجهہ ماڻهو حسن بن صباح کان متاثر آهن.

*

پاڳل خانو تہ ڍهي پيو. پاڳل سوچي رهيا آهن تہ هاڻي مٿو ڪٿي ڇپايون؟

*

اڃا اٺويهين صديءَ ۾ ٿو رهين! اڪويهين صدي مٿان اچي وئي آهي.

*

انتخاب ٿو چاهين يا انقلاب ٿو چاهين؟ جي انقلاب ٿو چاهين تہ ڇو ٿو چاهين ۽ ڪهڙو ٿو چاهين؟

*

انقلابي! توکي ڳتر ۾ چنڊ پسند آهي، تون ان کي سنڌوءَ جي ڇولين ۾ ڏسڻ نہ ٿو چاهين!

*

ڪي ماڻهو پنهنجي خول مان نڪري نہ ٿا سگهن.
تو ڪهڙيتري ڏٺي آهي نہ؟ اها مٽيءَ جو گهر ٿاهي، اُنَ ۾ پاڻ ڪي پوري ڇڏيندي آهي. ڪي ماڻهو ائين ٿين ٿا.

*

توکي تہ انقلاب جي خوني رنگ واري عينڪ پئي آهي. تون حقيقت ڪي اکين ۾ ڇا ڪهوري سگهندين؟

*

حقيقت تيز گهوڙي تي ڊوڙي رهي آهي ۽ تون واريءَ تي مَنڊي وانگر آهين. تون اُن کي ڪيئن پڳي سگهندين؟

*

ڇا تون اُهوئي نہ ڇئي رهيو آهين جو پنجاهہ سال اڳ چوندو هئين؟ پر تون ڳالهائين نہ تہ تُنهنجو هاڻ قاتي پويا

*

توري ٽيڪر تي اچيئي تہ نوڙيءَ تي تو ڪهمين! اهو نہ تو ڏسين تہ نوڙي ڇڇي پئي آهي ۽ هيٺان پرندڙ ٽاندا آهن؟

*

انقلابي تون هيروئنيءَ کان ڇا ۾ گهٽ آهين؟ توکي هيروئن ڇڪي رهي آهي توڙي توکي معلوم آهي تہ اِنهيءَ انقلاب جو لازمي نتيجو موت آهي.

*

ڇا ڪوئي يتائيءَ جو تر ڪٽي تو وڃي؟ نه وري ڪوئي ڀالوڙا مان مارئي اغوا ڪري تو سگهي. هوءَ اڃا تہ گهڙو ڀڃي رهي آهي، جو تمتار تي ڇلڪڻ وارو آهي.

*

ياسرُ عرفات مان اتساهہ وٺڻ وارا! ڇا تو ڪڏهن يروشلم جي تاريخ پڙهي آهي؟

*

اڄ هڪ دفنائي آيئُ، سڀاڻي ٻيو دفنائي ايندؤ، پرينهن ٽيون. هن ڌرتيءَ جو پيٽ ڀرجڻو نہ آهي.

*

ڇا مجاز حقيقت جي پل آهي. مجاز تہ اهو دريا هہ آهي، جنهن ڪيئي ٻليون لوڙهي ڇڏيون آهن.

*

مجاز هر حقيقت کان وڌيڪ خوبصورت آهي.

*

ڪاش! مجاز کي پايندگي ملي سگهي! ڪاش گلاب ٽڙي ورِي نہ مرجهائجي!

*

فنا کي جا سونهن آهي سا بقا کي ڪٿي! اها تہ اَلوٽي، اَڻ سڃاتي آهي، ان ۾ اڃائي اکارتي ڏيکہ آهي، خالي پيلي پتاڙ آهي.

*

رات مون لاءِ پلڪ کان پلي مس ڪُپڙي آهي. مان ۽ چنڊ ساڳي اوجهي وٽ وديارتي آهيون.

*

مورک، مَت هيئن! تون مون کي ايترو موڙهَل سمجهيو آهي! تون سمجهين ٿو تہ تنهنجي چَل ڪپٽ کي، تنهنجيءَ من ورتيءَ کي ڏسي نہ ٿو سگهان. تو ۾ ڳجهہ جي هيچ ۾ هاتار جي نُوس نُوس آهي.

*

تنهنجي جِيَ ۾ ايترو ميناج آهي، جو اُن تي ماڪوڙا چڪجي اچن ٿا، باقي اندر ۾ توکي بُربُر ڪيئان آهن. ڇا تو ڪڏهن محسوس ڪيو آهي تہ تون جيئرو لاش آهين!

*

اي خوبصورت وَلِ! تون انهيءَ وڻ تي چڙهي رهي آهين، جو سائو نہ رهيو آهي.

*

ايتري خوبصورت! ڪُن فيڪون وقت تون ايتري خوبصورت تہ نہ هئين!

*

اي ازلي حقيقت! جي تون هن عورت جيتري خوبصورت آهين تہ تون مون کان جُدا ڇو تي هئينءَ؟

*

ڇا چنڊ ڪوئي ڳل آهي؟ اُن ۾ تنهنجي سڳنڌ آهي.

*

خوبصورت ڳل چيو، ”تون مون کي تاريءَ تان پٽين نہ ٿو؟ مان تنهنجين آڱرين لاءِ آتو آهيان.“ مون ڳل کي چيو: ”منهنجون آڱريون بہ تو لاءِ آتيون آهن، پر مان توکي ڇنڻ نہ ٿو چاهيان. تون تاريءَ تي خوبصورت ٿو لڳين.“

*

ڪيئن چئجي ڪيترين صديون تنهنجون اکيون مون ڏانهن ڏسي رهيو هيون! مون رڳو توکي هڪ پيرو ڏٺو ۽ ڪنڌ جهڪائي ڳالهائيندو رهيس.

*

مون يسوع کي چيو: ”توکي مصلوب ٿئي تہ ٻہ هزار سال ٿيا، هي تو واري صليب اڃا پڳي نہ آهي؟“

*

قرأةالعين طاهره! جڏهن جلاد توکي گهٽو ڏني ڏنو، تڏهن بہ خدا يحب الجمال هيو؟

*

ڇا تون ڄاڻڻ چاهين ٿو تہ خدا ڇو آهي ۽ ڇا آهي؟ هيڙو خوبصورت مُکڙو هٿن ۾ جهلي اهو سوال ڪيئن ٿو پڇين؟

*

مون تہ ڪمري کي اندران بند ڪري ڇڏيو آهي، تون بار بار ڪيئن ٿي هلي اچين؟ ڇا تون منهنجي شاعري آهين؟ منهنجي 'مون' جو حصو آهين؟

*

مُون کي توسان ڳالهيندي ڪڏهن ائين محسوس ٿيو آهي تہ مان ڪونہ آهيان، رڳو تون آهين. تون جا مون مان ڳالهائي رهي آهين، جيئن سانوڻ جي رُت ڪويل مان ڳالهائيندي آهي ۽ گهٽائن ۾ سمائجي ويندي آهي.

*

توکي خبر آهي تہ ليننَ اُن ڏينهن مري چڪو هو، جڏهن هن اشارو ڏنو هو تہ زار ۽ هُن جي پوري خاندان کي ماريو وڃي ۽ هُن جو انقلاب بہ هُن سان گڏ مري چڪو هو؟

*

اجايا ڪنپ نہ کوهہ! بہ ڏار ڪپجي ويا تہ ڇا سارو آسمان تہ پيو آهي!

*

تو لاءِ ڪا تشبيهہ ئي سُجهي نہ ٿي اچي. تون هر تشبيهہ کان مٿي آهين! شايد مون توکي "مِير" وانگر خدا بڻائي ڇڏيو آهي.*

*

* "پر ستش کي ياں، تک کہ اے بُت تجهے
نظر ميں سبهون کے خدا کر چلے."
(مير تقي مير)

جي عوام عوام گهٽو ڪندا آهن، اُهي خواص الخواص ماڻ هوندا آهن.

*

نومبر 1990ع ۾ موهن ڪلپنا، الهاس نگر ۾ مون تي تقرير ڪئي، پوءِ جڏهن موڪلايائين ته چيائين: "اياز الوداع! وري نه ملنداسين" هُن جي مُنهن تي مُرڪ ڪانه هئي. مون کي خبر هئي ته هو ڪڏهن واهي تباهي ڳالهائيندو آهي. اُن کان ڪجهه ڏينهن پوءِ گني سامتاڻيءَ پنهنجي گهر تي منهنجي دعوت ڪئي ۽ موهن سميت ڏهاڪو ٻيا دوست گهرايائين. سڀئي کائيندا پيئندا، ٽهڪ ڏيندا رهياسين. موهن به ڪل خوشيءَ ۾ شريڪ هو، پر جڏهن موڪلايائين ته گنڀير مُنهن سان وري ساڳيا لفظ چيائين: "چڱو اياز! وري نه ملنداسين- الوداع!"

مون کي پوئين پيڙي لفظ کٽڪيا ۽ مون اُئين سمجهو ته هو منهنجي باري ۾ اِئين چئي رهيو آهي. مون هُن کي هٿ کان جهلي چيو: "موهن تون مون کي به چار سال ٻيا نه ڏيندين؟ تون مون سان به چار ڀيرا ٻيهر ملڻ نٿو چاهين؟" هُن رُکي مُنهن سان هٿ ڇڏايو ۽ ڪوئي جواب نه ڏنو.

اها ڳالهہ مون کي ڏاڏو ياد آئي، جڏهن ہہ ٽي مهينا پوءِ مون کي هارٽ اٽيڪ ٿي. جون 1922ع ۾ ريڊيو تي خبر پئي تہ: ”موهن گذاري ويو.“

ڇا هُن اهي لفظ پنهنجي لاءِ ٿي چيا؟ مان ڀانيان ٿو تہ انسان کي پنهنجي موت جو ڏهو پوندو آهي. مَوت هُن کي ڏيکاري ڏئي ڪجهہ وقت لاءِ ڇپي ويندو آهي.

*

ميري ماجدلين يسوع جي پيرن وٽ ويٺي هئي ۽ هُن جا ڏکيا وار ڌرتيءَ تي ڪري رهيا ها. اوچتو صليب تان رَت ڦڙا هن جي ڳلن تي ڇڪيا ۽ هن جي ڳوڙهن سان گڏ ڪري، مٽيءَ ۾ سمائجي ويا. مان جو اڄ بہ ٻنهي کي ڏسي رهيو آهيان، سوچي رهيو آهيان تہ ڇا رت ڦڙا ڳوڙهن کان وڌيڪ مقدّس ها؟

*

ڇا غالب ۾ سرئيلزم وانگر خالص شاعري نہ هئي؟ ڇا هي شعر:

فنا آموز- درس- بي خودي هون اس زماني سے *
کہ مجنون لام الف لکهتا تها ديوار- دبستان پر.

جيڪڏهن اهو شعر هسپانوي سورئيلسٽ مصوّر سئلويڊور ڊاليءَ کي سمجهايو وڃي ها تہ هو حيران ٿي وڃي ها؟

*

* انهيءَ زماني ۾ مون بي خوديءَ جو سبق پڙهيو آهي، جڏهن مجنون مڪتب جي ديوار تي لام، الف (لا) لکندو هو.

ايتري عقيدت! مان ننهن کان چوٽيءَ تائين گناهن ۾ غرق آهيان، تون ڪيتريءَ معصوميت سان مون کي پاھر چڪي رهي آهين!

*

مان توکي اکين ۾ ڏسي نہ ٿو سگهان! انهن ۾ تہ ڪيئي صديون آهن جي مون کي سمنڊ جي واريءَ وانگر لوڙهي وڃن ٿيون.

*

* بودليئر! گناهہ واقعي گل جيترو خوبصورت هوندو آهي، پر اُن ۾ خوشبو نہ ٿيندي آهي.

*

** غالب! تون واقعي 'گلشن- نا آفريده' جي عندليب آهين، پر اهو گلشن اڃا تائين تہ پيدا نہ ٿيو آهي؟

*

مان توتي اڳيئي موت جي فتوي ڏئي ڇڏي آهي، باقي خدا کي تنهنجيءَ ڳچيءَ ۾ ڦاهيءَ جي رسي وجهڻي آهي. انهيءَ ۾ ڪجهہ دير پوي تہ هن جي مرضي پر فتوي اٽل آهي.

*

---

* نوٽ: بودليئر جي ڪتاب جو نالو 'گناهہ جا گل' آهي.

** عندليب- گلشن نا آفريده هون.
(غالب)

افروڊائتي! تون اُن وقت منهنجيءَ زندگيءَ ۾ ڇو نہ آئينءَ، جڏهن مان اَپالو هوس؟

❋

* ڇا تون ءِ مان اڳي بئيٽرس ۽ ڊانتي تہ نہ هياسين؟ تون منهنجي زندگيءَ جي جهنم ۾ ڇو آئي آهين؟

❋

"شاخِ نباتِ!" حافظ چيو: "تون منهنجي هر غزل کان وڌيڪ پياري آهين. تنهنجا چَپ ڪنهن بہ غزل جي مطلع کان وڌيڪ شيرين خوبصورت ۽ مُترنم آهن."

❋

مون ننڊ ۾ مان اک پٽي، ڪڙڪيءَ مان ڇھونجهڪڙي جون ريڪون ڏٺيون ۽ خدا جو ٿورو مڃيو تہ مون کي هڪ ڏينهن پيو بہ ڏنو آڻائين. انهيءَ جو امڪان بہ هو تہ مان اک ئي نہ پٽيان ها ۽ ابدي ننڊ ۾ هليو وڃان ها، جنهن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن وقت وڃڻو آهيان.

مون خدا جو ٿورو مڃيو تہ هن مون کي هڪ ٻيرو پرهہ جا پکي ٻيهر ڏيکاريا آهن جي آسمان ۾ اُڏري رهيا آهن يا اڃا وڻن ۾ چون چون ڪري رهيا آهن يا

---

* بئيٽرس: اطالوي شاعر ڊانتي جي محبوبا جنهن جو ذڪر هن جي ڪتاب "جهنم" ۾ آهي.

منهنجيءَ بالڪنيءَ جي ٻاهران رڪيل نڪر جي ٻاٽ مان پاڻي پي رهيا آهن ۽ چوڳو چڳي رهيا آهن (منهنجيءَ زندگيءَ ۾ سڀ ڪان چڱو ڪم اهو آهي تہ رات جو مان انهيءَ ٻاٽ ۾ پاڻي ۽ چوڳو وجهي سمهندو آهيان. انهيءَ آس سان تہ پرهہ جو اُٿي اُن تي پڪيئڙن جو ميڙا ڪوڏسندس)

مون خدا جو ٿورو مڃيو تہ هُن وَرِي مون کي صبح ۽ شام جي شفق مان سورج مُکيءَ چنڻ جو وجهہ ڏنو آهي.

مون خدا جو ٿورو مڃيو تہ سانوڻ جي مند آهي، ممڪن آهي تہ ڪاريون گهٽائون اُيري اچن ۽ مان اُنهن جي مُوسلا ڏار مينهن ۾ وري وهنجي سگهان. اوچتو منهنجيءَ دَريءَ مان ڪو پوپٽ اُڏري آيو. مون اِن جو آڏرياءُ ڪري اُن کان پڇيو تہ ڇا هُن جو پيغام آندو آٿي، جنهنجا رنگ تو وانگر خوبصورت آهن ۽ جنهن کي پرن کان پڪڙي، خدا منهنجي هٿ ۾ ڏنو آهي ۽ اُن جي پرن جي سلامتيءَ لاءِ منهنجا هٿ ذميدار آهن.

مون خدا جو ٿورو مڃيو تہ مون کي هر سنساري بندن کان آجو ڪري، هڪ ٻي ڪرتڪار ڏني آتائين تہ ڪويتا لکان ۽ ائين لکان جو اُن مان منهنجيءَ

جوانيءَ يا پيريءَ جو پتو نہ پوي. پر مون اجا تائين هن جو هڪ ٿورو بہ نہ لاٿو آهي. مون اجا تائين اهڙي ڪويتا نہ لکي آهي، جنهن ۾ هن جي اهڙي عبادت هجي، جا روز سج، تارا ۽ ڪتيون ڪن ٿا. مون اجا تائين اهڙي ڪويتا نہ لکي آهي، جا پکين جي گيتن ۾ آهي، جي عبادت کانسواءِ ڪجهہ نہ آهن.

اهي خدا! تون مون کي اجا ڪجهہ ڏينهن ڏي تہ مان تنهنجو ٿورو لاهيان، مان گيت ائين ڳايان، جو انهن جي اڳيان هر عبادت جهڪي لڳي.

اي خدا! مان تنهنجو پوءِ بہ هڪ ٿورو بہ لاهي نہ سگهندس. تون تہ اڪٿ پندار آهين، منهنجيءَ جهول ۾ ڪٿا آهن گهڻا؟ مان توکي ڇا آڇي سگهندس، مان توکي ڇا آڇي سگهندس!

*

* مِيرَ! توکان تہ غزالَ وحشت ڪندا ها! مون کي تہ خوبصورت اکين واريون هرڻيون اجا تائين ڳولي ٿيون لهن.

*

* دور بهت بهاگے هو هم سے سيکهے طور غزالوں کا،
وحشت کرنا شيوه هے ان اچهي آنکهيں والوں کا
(مير)

هي دور- جديد، جنهن مان اِلحاد جا الا اُيري رهيا آهن! مان خدا جي باري ۾ لکي ڇڻ گناهہ ڪري رهيو آهيان!

*

ميان! مان باغي آهيان، انقلابي نہ آهيان. انقلابي تہ سڀ ڪُوڙا نڪتا.

*

ليني کان زردشت چڱو هو. هن جي آگ باهر تہ ٻرندي هئي، ليني جي آگ تہ ماڻهوءَ جي من کي وڪوڙي وئي هئي.

*

دنيا ڪيڏي ڦري وئي آهي؟

رڳو تون لاتونءَ وانگر ٽڪ ٻڌي بيٺو آهين؟

*

ننشي! ڇا تون زردشت کي سمجهيو بہ هو يا هُن جي پيغام کي توڙي مروڙي پيش ڪيو هو، جيئن اِڱتي هلي اهو ڪيئي نازي پيدا ڪري؟

*

تون چنڊ جو گتر ۾ پاڇو هُئينءَ؟ توکي ڏسي مون پڇتايو آهي؟

*

۱۹۲٦ع ۾ چينمل پرسرام، گوئٽي جي ’فائوسٽ‘ جو ترجمو ڪيو هو. اُن جي مهاڳ ۾ لکيو اٿائين: ”شيڪسپيئر جي اثر هيٺ اَنيڪ جرمن عالم ۽ شاعر آيا. گوئٽي ڪي بہ هن جو شش سمجهڻ گهرجي. مون هي ترجمو ڪندي ڏٺو آهي تہ خاص ڪري هن تي فائوسٽ ناٽڪ ۾ تہ شيڪسپيئر جو وڏو اثر آهي. فائوسٽ جي ٻي ڀاڱي ۾ تہ شيڪسپيئر جي مشهور ناٽڪ ’طوفان‘ مان اپرئيل ديو کي آڻي درج ڪيو اٿس. شيڪسپيئر جي هئمليٽ جي من جي جڏ جا بيان، ڪنهن قدر فائوسٽ منجهہ چٽا ٿا نظر اچن...........

پوءِ بہ گوئٽي جرمنيءَ جو عظيم ترين شاعر ۽ اديب هو ۽ فائوسٽ دنيا جي عظيم ترين ڪتابن مان هڪ آهي.“

پڙهيل ڄڻا متان چوين تہ اهو تڏهن شايع ٿيو هو، جڏهن تون ڄايو بہ نہ هئين. ان جي ٻي ايڊيشن ڪراچيءَ جي گوئٽي انسٽيٽيوٽ ۱۹۸۲ع ۾ ڇپائي آهي ۽ توکي شايد معلوم نہ هجي تہ گوئٽي انسٽيٽيوٽ جرمنيءَ جي پاران پاڪستان ۾ قائم ٿيل ادارو آهي جتان اهو سنڌي ترجمو توکي ملي سگهي ٿو.

*

سياست منهنجو ڪيترو وقت وڃايو آهي؟ مسين مسين ان ڪتا- مڪ مان جان ڇتي آهي. شل نہ ڪو انسان ان جي ور چڙهي وڃي!

⁂

اي ودياپتي! تو اهڙي ماڪيءَ جي مک ڏني هئي جا ڳل ڪي بہ ڳل سمجهي اُن ڏانهن اُڏري وئي هجي؟

⁂

تاريخ جي نديءَ ۾ ترندي مون سان ڪيترائي تيراڪ (تارون) مليا آهن، جي ٻنهي ڏئي ٻي پار وڃي نڪتا آهن؟

⁂

ڇا هي منهنجي وات ۾ مانيءَ گرهہ پويون گرهہ تہ نہ آهي!

⁂

اي آگ جي دريا جي مصنف! تنهنجي ڪتاب جو نالو بي معني ٿي چڪو آهي. ڏس ايران جي نار ۾ پيٽرول جا هزارين ٽن وهي رهيا آهن!

⁂

"مير درد!" مون پڇيو: "هي سڀ ڪيڏانهن ويا؟ ڇا اسان ڪي بہ ساڳي راهہ تي هلڻو آهي يا تنهنجي منهنجي راهہ الڳ آهي." *

⁂

---

* درد ڪچھ معلوم هے يہ لوگ سب
ڪس طرف سے آئے تھے ڪيدهر چلے.
(مير درد)

”بُلي شاهہ! دنيا ڍونڍ جا طالب..واقعي ڪُتا آهن!“

”اڄ تہ تون مان پنهنجي الڳ دنيا وسايون“

*

”ماڊول لال حُسين! تنهنجي نالي تان سِرُ صدقي. شال تون جُڳان جُڳ جيئين!“

*

”ميان مِير! اَتي دارا کي ڳولي لهُون! هو ڪيڏانهن گُم ٿي ويو آهي؟“

*

تنهنجو شڪر آهي منهنجا ربَ! اڄ مون کي اڌ ماني ۽ پوڙو ڪتاب نصيب ٿيو آهي.

*

بُڌَ! تو مون کي ڪهڙو ڏڳ ڏنو هو؟ مان اُن وقت انهنجي پيتان بيٺل هوس، جنهن وقت ڪنهنکي بيمار ڏسي، تو ۾ ڪَهل اُپري هئي، پيڙاپو ڏسي توکي ٻاجهہ آئي هئي ۽ ماڻهوءَ جو مرتيو ڏسي، تنهنجو جيون مان موهہ ڪڇي ويو هو. ائين ڇو ٿيو تہ انهن ساڳين ڳالهين منهنجو جيون ۾ موهہ وڌايو؟

*

يا خدا! مون کي نانگ کان ڏنگاءِ،

ڪنهن همعصر سان نہ مِلاءِ.

*

اي ذوق! تو چيو آهي:

اے ذوق کسي همدم- ديرينہ کا ملنا،
بهتر هے ملاقات- مسيحا و خضر سے

پر جيڪڏهن ڪنهن جا مسيحا ۽ خضر ئي فقط
* همدم- ديرينہ هجن تہ پوءِ؟

❋

ماڻهو يا برا آهن يا چڱا آهن، وچ ترو ڪوبہ نہ آهي ۽ جي ڪوئي وچڙو آهي تہ اِن جهڙو برو ڪوئي نہ آهي.

❋

"اڙي! هي تہ مون سان پڙهيو آهي. هي ايترو مٿي ڪيئن پهتو آهي."

"احمق! ڪي هنومان وانگر ٻاهران باندرسئنا جو جصو لڳندا آهن، پر هڪ ئي ٽپ چلانگ سان نانگا پربت تِريءَ تي ڪٽي ويندا آهن."

❋

"پتائي! مون ڪان اڳ تو ساز هلائي ڇڏيا ها، مون ڪمرو بند ڪري ڪلاسيڪي راڳ جا ڪئسيٽ هلائي ڇڏيا آهن. ڇا اسان جو انت ساڳيو آهي؟"

❋

---

* همدم - ديرينہ: پراڻا يار.

”توکي ننڍڙو ٻار ڏيان يا رابيل جو گل ڏيان؟“
”جيڪي بہ ڏين، مون لاءِ ٻئي هڪجهڙا آهن.“

❋

سَهيوڳيءَ ۾ ايترو منوَ! ضرور تو اندر ۾ ڪو زهر سانڍيو آهي!

❋

ٻاهران رڍَ جي کَل پاتي آئي! بگهڙ، تون رڍَ جون اکيون ڪٿان آڻيندين؟

❋

جي تو ماڻهو اکين مان نہ سڃاتو، تہ هن کي ڪڏهن بہ سڃاڻي نہ سگهندين.

❋

اِئين تہ نہ آهي تہ يسوع جي رات جي پوئينءَ مانيءَ ۾ مان بہ شريڪ هوس؟

❋

ڏج انهيءَ وقت کان جڏهن تون بہ جاندهہ ۾ پيسين!

❋

ترسُ، تُنهنجو بہ وارو اَچي ٿو! وارو ڏارو آهيٰ، سَئو پيرا منهنجي نالي پَوي، هڪ پيرو تہ تنهنجي نالي بہ پوندو!

❋

تون، تقدير کي نہ ٿو مڃين، تقدير جا تنهنجي پٺيان ترار آپي ڪري بيٺي آهي!

*

تو سمجهيو آهي تہ تو خدا جي رَسيءَ کي مضبوطيءَ سان جَهليو آهي! تنهنجو هٿ تہ ڦاسيءَ جي ڦندي ۾ آهي جو تنهنجي ڳچيءَ ۾ پيو آهي.

*

تون تقدير کان بچي ويندين، تون ايڏو ڏاهو آهين!

*

غرض جا غلامَ! تون پنهنجيءَ غرض کان سواءِ مون سان هم ڪَلام ٿيندين، اهو تصوّر بہ اچي نہ ٿو سگهي!

*

ڪوتي سڪي وانگر ڪڙڪي رهيو آهين، مون کي تنهنجيءَ ڪِل تي ويساهہ نہ ٿو ويهي!

*

اندر جا ڪارا انسان! تُنهنجا اچا وار مون کي ٺڳي نہ ٿا سگهن!

*

مون ڪُتي کي ڳِيو وڌو تہ اهو بہ پُڇ لٽڪائي پيرن ۾ ويهي رهيو، پر تون تہ ڇِتو ڪُتو آهين!

*

ڇا انڌي کوهہ ۾ بہ شفق جو پاڇو پوندو آهي؟
توکي ٻي هنڌ سچ لهندو نظر نہ ٿو اچي؟

❋

’تِر جي گتي سئو چوٽون ڪائي‘، ڪيڏين صدين جي تجربي اِن پهاڪي کي تاهيو آهي! پهاڪو ساهتيہ ۾ سوچ ۽ سچ جو سنگم آهي.

❋

نانگ وارو ويرُ تہ فقط انسانَ رکندا آهن، نانگ تہ نالي ۾ خوار آهي.

❋

متان منهنجا ڪتاب سَندالاجيءَ جي قبرستان ۾ پورين!

❋

منهنجيءَ دل ۾ ايترو پيار آهي جو اُن ۾ ساڙ جي لاءِ ڪائي جاءِ نہ آهي.

❋

مون کي تو لاءِ نفرت ڪتي آهي؟ رڳو جيئرن جي فهرست مان تُنهنجو نالو ڪتي ڇڏيو اٿم.

❋

ڇا رڳو گهمڻ ڦرڻ زندهہ رهڻ جو نالو آهي؟ تون ڏاڍو ٻُليل آهين! تون تہ ڪيترو وقت اڳي مَري چُڪو آهين.

❋

مان تُنهنجي ياريءَ ۾ ڀيهر اچان! تو پنهنجو چار ڏنو آهي؟ هنڌان هنڌان ڦاٽو پيو آهي.

*

مون تو ڏي ڏسي سوچيو: ”خدا مون ڏانهن اَڏ-ٽڙيل رابيل جو تحفو موڪليو آهي“..

*

مان تنهنجي هڪ مُرڪ جو ٽورو لاهي نه ٿو سگهان، تون جا ڪائنات جهڙي خوبصورت آهين.

*

ائين ته نه ڏس! مون کي جُڳ جُڳا نتر ڪان پري ته نه اُچل!

*

هُن نگاهه جي رسي ڪيڏي نه ڊگهي آهي! جڻ صديون مون کي پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيون آهن!

*

جيئن سمندر جو شور ڪوڏ ۾ پرندو آهي، ائين تو منهنجي هانوَ ۾ هَري رهي آهين.

*

تو سَرءَ ۾ پوپٽ نراس ٿيندي ڏٺا آهن؟ جي نه، ته تنهنجو ۽ انهن جو خُدا ساڳيو نه آهي.

*

* تون تہ رِوبس پيئريءَ سان گڏ دفنايو ويو هُئين!
تون ڪٿان آئين؟

٭

سنڌي ادب اسرافيل جي صُور تي آتي تہ آتي، في الحال تہ اُن جي نبض بيهجي وئي آهي:

٭

’واهہ جو تون آن!‘ جيڪڏهن آنءُ ائين چوان تہ تون انڪي وحدانيت جو اظهار سمجهندين‌ءَ!

٭

چنڊ ڪي ڏسي مون کي تنهنجي ياد ڇو ٿي اچي ۽ توکي ڏسي چنڊ ياد ڇو ٿو اچي؟ ڇا تون استعارو آهين يا چنڊ استعارو آهي؟

٭

تو منهنجي مخالفت ڪئي، خُدا منهنجي مدافعت ڪئي، هاڻي نتيجو ڏس!

٭

تون مُنهنجي نندا ڪري، اُن ڪَنَ ڌانهن ڊڪجي رهيو آهين، جنهن ۾ ڪيئي ٻُڏي ويا.

٭

تون جنهن ڌرتيءَ کي مون سان ٽڪرائي رهيو آهين. ڏسجانءِ متان اُها ڇيهون ڇيهون نہ ٿي وڃي!

٭

---

* روبس پئيري– فرانس جي انقلاب جو هڪ سربراهہ، جنهن جو گلوٽين هيٺان ڪنڌ ڪپيو ويو هو.

ڪنهن ڪنهن انسان جي ارادي ۽ مشيت- ايزديءَ ۾ ڪوئي فرق نہ هوندو آهي.

❋

موتَ مون تي فتح پائيندو يا مانِ موت تي فتح پائيندس. اهو تہ اجا ڏسڻو آهي.

❋

جي تون واقعي ازلي ۽ اَبدي آهين، تہ هي وچ تي ڇا آهي؟

❋

مهدي جونپوري! ڇا شاهہ بلاوَل ڪڏهن اِهو چاهيو هو تہ هن جي جاءِ تي توکي گهاڻي ۾ پيڙايو وڃي؟

❋

مهدي جونپوري! شاهہ بلاول تہ هڪ پيرو گهاڻي ۾ پيڙايو ويو هو، تون اجا تائين پيڙجي رهيو آهين!

❋

شاهہ عنايت! تُنهنجو وجود واقعي ڇگو هو ڇو تہ اُن ۾ ڌرتي تي خدا ۽ ماڻهوءَ، ٻنهي جو هڪ جيترو حقِ ملڪيت هو!

❋

سرمد! مون سارو ٿنو ڳوليو، مونکي تنهنجو محبوب ڪٿي نظر نہ آيو! ها، تنهنجو روح گهٽين ۾ گهمندي ڏٺو، جو هن جي تلاش ۾ سرگردان ٿي لڳو.

*

سرمد! جڏهن تو جَلاد جي تلوار هيٺان خواب - عدم لاءِ اک ٻوٽي تہ تو اُنهيءَ خواب ۾ ڇا ڏٺو؟

*

ڪنهن سبزيءَ واري کان پڇيو "ڇا هي شيخ اياز آهي؟" سبزيءَ واري ڪَنڌ ڌوڻي چيو: "هائو تو هن جا فوٽا رسالن ۾ ڏٺا نہ آهن ڇا؟" پوءِ هن مون ڏانهن ڏٺو. مان ڏاڍو مُنجهي پيس. نيٺ هن کي چيم "مان؟ مان نہ ڄاڻان تہ ڪير آهيان. بس اهو معلوم آهي تہ توکان سبزي وٺڻ آيو آهيان. شيخ اياز، جنهن جو تو فوٽو ڏٺو آهي، منهنجي ڪمري ۾ شعر لکي رهيو آهي."

*

هيءَ ڪُنڌ جتي مان لکي رهيو آهيان، ساريءَ ڪائنات کان وڏي آهي، تو منهنجا نظم ڏٺا آهن، جن

جو مان پرورد گار آهيان ۽ جن ۾ مون ائين ساهه ڦوڪيو آهي، جيئن شينهن نئين چاول ٻچي ۾ ڦوڪيندو آهي.

※

ڪوهڪن! مان توکان وارو ٿو وٺان، ڇڏ ته هاٿي اِها ڪير جي ندي مان ٽاڪيان؟

※

منهنجو هر نظم چاه- نخشب آهي، جنهن مان روز چنڊ اڀري رهيو آهي. منهنجيءَ شاعريءَ کان وڌي ڪرامت ڪهڙي ڏسڻ ٿو چاهين؟

※

خدا مون کي چيو ته پنهنجو اعمال نامو پاڻ لک! ڪِراماً ڪاتبين لکي لکي ٿڪجي پيا آهن.

※

تون چاهين ته منهنجي شاعريءَ مان پورو مذهب جوڙي ٿو سگهين!

※

گهنا ساڻ گهوڙي تي پيلهه وجي رهيو آهين، ڪهڙي چنڊ جي تلاش ۾؟

※

هو نٿيو ڪڪر، وڏي ڪکڙ سان ٻهاڻ وانگر وڇي رهيو آهي!

*

سانوڻ جون بوندون توکي ڳولي رهيون آهن. تون مِٽيءَ جي ايٽرئ تهن هيٺان آهين جو پهچي نه ٿيون سگهن!

*

محبت اُهو گل آهي، جو ڇٽي ٻيهر نه ڦُٽندو آهي.

*

تنهنجي خوشبو قرني جي اڃي گل وانگر آهي. ڪيتري نه تيز، ڪيتري نه مدهوش ڪندڙ!

*

اوه! هوءَ گلابي خوشبو، جنهنجي هوا ۾ مسرت هوندي هُئي!

*

مان اوهان سيني کي هڪ لفظ 'محبوبه' جي آغوش ۾ سمائي سگهان ٿو، جيتوڻيڪ هر ڪنهن جو خدو خال جدا جدا آهي، هر ڪنهن جي خوشبو جُدا جُدا آهي.

*

مون هن کي ڪيئي سال پوءِ ڏسي سوچيو: ”ڇا اسان اهي اِنسان آهيون جي ڪيئي سال اڳ سمنڊ جي ڪوهيڙي ۾ ڇُميون ڏئي رهيا هياسون؟ يا انهن کي سمنڊ لوڙهي ويو؛ اسان ٻيا ئي انسان آهيون، جي هڪٻئي کي ڏسي ڪائي ڇڪَ محسوس نه ٿا ڪيون!“

*

”ڇا تو کي اڳينءَ زندگيءَ جي گهاٽي ڪوهيڙي ۾ ڪجهه نظر اچي ٿو، ڏِس ته سهين؟!“

*

ڇا اهو صحيح آهي ته موت ڪونه آهي، رڳو زندگي آهي.

*

هن مون کي هڪ ڪتاب ڏئي چيو: ”هي هر مرض جو نسخو اٿي.“ ان تي مون هن کي چيو، ”پر جي سيني مرضن کان وڏو مرض اهو ڪتاب هجي ته پوءِ ڇا ڪيان؟“

*

مون تو ڏانهن غور سان ڏسي چيو: ”هي ڳل پٽيا وڃن ته تولاءِ چڱو آهي، ڇڏي ويندا ته توکي ڇا ملندو؟“ تو مُرڪندي وراڻيو: ”ها پر ڏسجانءِ، توکي ڪوئي ڪَندو نه ڇُپي وڃي“ ۽ اڄ تائين مون کي اُنهن جو ڪندو چُڀي رهيو آهي جو خوشبوءِ کان وڌيڪ جٽادار آهي.

*

هي لاش ته آلاجي ڪنهنجو آهي! تون جنهن کي ڳولي رهيو آهين، اهو ته تنهنجي پنَتان بيٺو آهي ۽ توتي مُرڪي رهيو آهي!

*

ليلائون ڪيئي، تو پهرين مجنونءَ وانگر ديوانو ٿيءُ ته سَهين!

*

غالب! جي تون ولي هجينُ ها ته ڪهڙا قاڙها مَري پوَن ها! تنهنجي باري ۾ باده خوريءَ ڪانسواءِ سوچي به نه ٿا سگهون! تُنهنجي وِلايت ته اِهائي آهي.

*

مومن! مُنهنجو به آخري وقت آهي پر عشق- بتان مان بيزار نه ٿيو آهيان.

*

ڌَريا! تو پنهنجي باري ۾ ڪڏهن هي سوال پڇيو آهي تہ "هن زندگيءَ ڪان اڳتي مان ڇا ڪندس؟"

*

موت جو اکيون فرينچ انقلاب وانگر ڳاڙهيون نہ آهن، ميري ائنتونيٽ وانگر نيريون آهن.

*

اي نيريءَ چتيءَ وارا! تُنهنجيءَ چتيءَ کي مان ڇا ڪا ڏيان؟ اَن مان مينهن وَهي رهيو آهي.

*

هُنَ چيو، "نئون پيار ڪر تہ توکي نئين جواني ملي" مون جواب ڏنو: "هيڙي پياري پيري گنوائي مان نئين جواني پائي ڇا ڪندس؟

*

آخر گهڻا گل پتيندين؟ تُنهنجي جهولِي تہ ڀَرجي وئي آهي، دل نہ ڀِي ڀرجي!

*

هِن ڪائنات ۾ جي تُنهنجي مُرڪ اَمرَ نہ آهي تہ ڪا شيءَ اَمر نہ آهي.

*

مونا ليزا توکي مُرڪندو ڏسي ها، تہ ليونارودو ڊاونچيءَ تي ڪاوڙجي ها.

*

”آکيون بہ مُرڪنديون آهن ڇا؟“
دراصل مُرڪ ٽيندي ٿي اکين ۾ آهي“

✻

تنهنجي مُرڪ جڏهن دسترخوان تي پئي تہ ڪاڏي جو سواد وڌي ويو.

✻

قرأةالعين طاهره عبدوهاب باب کي اکين ۾ ڏسي نٿي سگهي. هن جي پيرن کي ڏٺائين ۽ سوچيائين، ” ڪاش! هن جي جُتي منهنجي ڪل مان سبي وجي ها!“

✻

بي آب و گياهہ دشت ِ سُوس ڏِسي، حلاج بن منصور چيو، ”منهنجي اندر ۾ بہ هڪ دشت- سوس آهي، تون ڪڏهن تو بارش وانگر اچين.“

✻

ڇا ميان مير وانگر مان پنهنجون ڪرامتون بيان ڪيان تہ مون کي ڪوئي دارا شڪوهہ ملندو؟

✻

مان تنهنجو ٺورائتو آهيان، منهنجا خدا! وَري پرهہ جا پکي چون چون ڪن ٿا.
هيءَ رات بہ ننڊ ۾ گذري وئي ۽ هڪ نئون صبح ڏيکاريئہ. اي ازلي حقيقت! تنهنجي مهرباني!

جي تون هن ننڊ مان ٺي نہ اٿارين ها تہ توکي ڪير
ميار ڏئي سگهي ها! اي خدا! اج تائين تہ تُنهنجا مون تي
آپار ٿورا آهن.

تون مون ڏي نوان نوان نظم موڪلين ٿو جيئن
ڪينجهر تي پرڏيهي پکي ايندا آهن.

تون مون ۾ نوان تصوّر اُپارين ٿو جيئن رابيل جون
مکڙيون ڦٽي پونديون آهن.

تون مون ڏي نيْون نيون خوشبوئون تحفو ڪري
موڪلين ٿو جي منهنجيءَ هر سٽ مان ڦهلجي تيون
وڃن.

تو مونکي پوئر وانگر ٻٽائي، اڃا تائين تُنهن نئين
وَس ڪان وانجهي نہ رکيو آهي.

تو مُنهنجي حرص و هوس کي نہ گهٽايو آهي ۽
انهن تي تنهنجيءَ دعا جو هٿ آهي.

ڪيتري نہ پياري آهي اُها رُڃ، جنهن ۾ تو مون کي
رُلايو آهي! هن عمر ۾ بہ مون کي ٿڪ جو احساس نہ
آهي!

ايترا نيڻ تہ رات کي بہ نہ آهن جيتريون
ڪجلائتيون اکيون تو مون کي آڇيون آهن!

ساريءَ دنيا ۾ ايترا گلاب نہ هوندا جيترا چپ تون

مُنهنجين چمين لاءِ اياريا آهن. مان تنهنجا ٺورا ڪيئن لاهيان؟ مون وٽ گيت ئي تہ آهن جي تنهنجي واڪاڻ ڪي ارپيان ٿو.

*

اي ڪراچيءَ جي آمدرفت ۾ ڪِرچيون ڪِرچيون ٿي ويل رات، ڇا مون کي سنڌ جي آئيني جهڙي خاموشي وري نہ ملندي؟

*

تنهنجو فون تي آواز آيو يا آسمان تي اندلٺ نڪتي.

*

ايترا لمبا وار تہ گهٽائن کي بہ نہ هوندا!

*

اي حُسن! مون توکي جهرندو ڏٺو آهي. پر جيترو وقت تون ترو تازه آهين، اوترو وقت بُت پرستي اُپاريندو رهيو آهين.

*

اردو شاعر محبوب کي بُت چوندا آهن ۽ سنڌي وري بدن کي بُت چوندا آهن؟

*

اي ڪاريون اکيون! مون تي اڃا تائين پونرن وانگر چو ٿيون پرنديون وتو، مان تہ مُرجهائجي چُڪو آهيان!

*

ڇا تُنهنجيءَ ڪاوڙ ۾ به ڪو وزن آهي؟ مان سچي سِتا سميجهي سگهان ٿو تُنهنجي هر وِڪ کي وِيڇائي سگهان!

⁂

تون جو جبل پاڙئون پٽي ٿو اُڇلائين، پنهنجي پاڻ ۾ ته ڪنول جي ڪوٽيءَ ڪان به نرمل آهين!

⁂

گڏ پنهنجي پاڇي ڏي ڏسي سوچيو: جي مونکي گوليءَ لڳي ته هُن کي به ضرور لڳندي. هي مونکان ڏار ته نه آهي!

⁂

غالب! ڇا دنيا بازيچهء اطفال آهي؟ ڇا هي ٽٽنڪ به اُن ڪاني وانگر آهي، جنهن تي ٻار سواري ڪندا آهن؟

⁂

ورديءَ ۾ تون ڪيڏو ٿو لڳين؟ ميان، اها وردي لاهي هاريءَ وانگر هر ڪاهي ڏيکار ته مڃانءِ!

⁂

ڇا ان ڪري ڪوئيِ فرق پوي ٿو ته تُنهنجي موت تي توڪي ويهه گن سئليوٽ ملي آهيءِ هزارين پکي چرڪ پري هوا ۾ اُڏاميا آهن؟

⁂

مِسولنيءَ جي بُريچز کي پٽيان چهڪ ڏئي ڏس تہ توکي ڪنهن بہ مزدور کان مختلف نظر نہ ايندي!

*

ڪروڙين هٽلر ملي هڪ آئن اسٽائن پيدا ڪري نہ ٿا سگهن.

*

موتُ اهو ڏاڙيل آهي جو توکي ڏاڙ ڏاڙ ڪرڻ جو وَجَهہ بہ نہ ڏيندو.

*

ماڻهوءَ جي پِٽَ گوليءَ وانگر آهي جا بندوق ۾ واپس اچي نہ سگهندي.

*

ماڻهوءَ جي پچي مان هَوَس وڃي تہ هو پکي نہ ٿِي پوي!

*

ڪَڻ! تون جو ڪانڊين جي ڪلهن تي بار آهين. هيءَ سون چاندي سڀ ڪڻ! ائين ڪَٽ تي اکيون پوتي ڇو پيو آهين؟ ڏِسي بہ نہ ٿو سگهين تہ مون ڇا ڪَئو ڪيو آهي!

*

مان توکي پکيءَ وارا پَر آچيان ٿو. ڦِٽي ڪر اهو سارو بار- اهو سرو سامان، اِها زر و سيم، اهو مال و منال!

*

اي خدا جا بندا! جي تُنهنجو جيب خالي آهي، تہ غيب تہ توسان گڏ آهي.

✻

مُنهنجون تجوڙيون کوليندين تہ توکي رڳو نوٽَ ملندا. ڇاپيل نہ، هٿ سان لکيل نوٽَ!

✻

انسانيت جي تہ جوڙي کي جي تي جوڙَ آهن- پيار جو، سهپ جو ۽ سَمَر- سُڪتا جو. تہ اُن کي ڪوئي توڙي نہ تو سگهي.

✻

اَلا! ڪيڏي پَل ڪَيئہ؟ پئسي جي ڪَڍ عُمر وڃايئہ؟ بُڌاءِ! پوئين گهڙيءَ گهڻا پاڇا پاند ۾ ڪَنا ڪَيا اُتي؟

✻

هن سڄي عمر مراديءَ ۾ نوٽ ڪَنا ڪَيا آهن، هن ماس جي لوتڙي کي کهڙي خبر تہ مارسل پروسٽ* ڪير هو!

✻

منهنجو توسان پيار تي ويو آهي تہ تون چند ستارا آهين، هونءَ تہ تون ڪَچ ڪوڏيون بہ نہ آهين.

✻

عورت جي وڏي ۾ وڏي خوبصورتي هن جي سچائي آهي.

✻

---

* مارسل پروسٽ: فرانس جو مشهور ناول نويس.

ڪهڙيءَ شيءِ تي ٿي ڪُڙين؟ جي باورچي خاني ۾ قاتل اِستوءِ توکي لڳي ته تنهنجو اهو چهرو ڪتي هوندو؟

✳

ڇا هيروشيما جي بمباريءَ جي زد ۾ آيل عورت سان محبت نه ٿي ڪري سگهجي؟

✳

ڇا سونهن رڳو چمڙيءَ جي آهي؟ ڇا تون ان ڪانسواءِ ڪجهه نه آهين؟

✳

ڇا جي مون کي اکيون نه هجن ها ته تنهنجو آواز ڪافي نه هو؟ اِهو وساري ڇڏ ته نڪ نقشي کان سواءِ انسان وٺي نه ٿو سگهي.

✳

چند جي عمر ٻه ته تو وانگر تنهائي ۾ گذري آهي، پوءِ ڳل- مهر جڏهن تڙي پوندا آهن ته هن کي ڪيترو نه وڻندا آهن!

✳

ڄامشوري تي سَرءُ جي شام لٿي آهي. ڪانوءَ ۽ ڪانويلين هوا ۾ آڏامي ڪان ڪان ڪري رهيون آهين ۽ پوءِ موٽي جڏهن وڻن تي ويهن ٿيون ته تنهائي آرڙ

نانگ وانگر اُنهن ڏانهن وڌي ٿي ۽ شام پنهنجو ڪفن ساري منظر تي وجهي ڇڏي ٿي.

مان سمجهان ٿو تہ مون کي توکي اڪيلو ڇڏي ويڻو آهي ۽ تنهائي توکي ارڙ نانگ وانگر وڪوڙي ويندي. توکي تہ مون وانگر صراحيءَ جو ساٿ بہ نہ آهي، نہ ڪنهن جام جا چَپ تون منهنجن چپن وانگر چوسي سگهين ٿي.

تون تنها ڪيئن جِي سگهندينءَ؟ ايتريءَ تنهائيءَ ۾ تہ فقط خدا رهي سگهندو آهي!

*

رِڌَ جڏهن پاڻ تي بَج ڏسندي هوندي تہ پاڻ کي خوبصورت سمجهندي هوندي.

*

بہ ڏيڏريون تلاءَ جي ڪَپ تي ويٺيون هيون، جنهن ۾ بہ خوبصورت عورتون وهنجي رهيون هيون ۽ ڪنهن جي ڳالهہ ڪري چٽي رهيون هيون "آها سئفو* ڪير آهي؟"

هڪ ڏيڏريءَ ٻي کان پڇيو "آها سئفو ڪير آهي؟"

"هوندي ڪا اسان جهڙي" ٻي ڏيڏريءَ جواب ڏنو.

*

---

* سئفو: قديم يونان جي خوبصورت شاعره

لينن گراڊ کان فنلئنڊ ڏانهن ويندي، مان ۽ لينا لانچ جي ڪائونٽر تي ويٺا هياسين ۽ ڪئويئر جون سئنڊ وچون کائي ۽ روسي شئمپين پي رهيا هياسين. اوچتو لينا سرگوشيءَ ۾ پڇيو:

”تون روسي انقلاب جي باري ۾ ڇا ٿو ڀائين؟“

مون جواب ڏنو: ”منهنجي دل تي چوي ته جيئن هي انقلاب آيو هو، ائين ئي تخريب ۽ تباهيءَ ۾ ان جو انت ٿيندو؟“

”ڇا تون به راسپيوٽين وانگر آهين؟“ لينا آهستي پڇيو: ”ڪُجهه ڪُجهه“ مون جواب ڏنو، ”مستقبل مون تي به هن وانگر پاڇاوان وجهندو آهي“

لينا هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو ته ڪوئي ٻڌي ته نه رهيو آهي.

*

هي ڊان اخبار ۾ فوٽو ڏٺءِ؟ ميڪسيڪو جي اڳين پريزيڊنٽ ائنٽونيونوريگا (Antonio Noreiga) کي به سپاهي جيل ڏانهن اماڻي رهيا آهن جو ته هُن کي آمريڪي عدالت ۴۰ سال ٽيپ ڏني آهي. هو جو ديومالائي پکيءَ گرڙ پکي وانگر ٻڌبو هو، ڏس ته

* ڪئويئر: خاص ڪري اِسٽرجَن (Sturgeon) ۽ ڪجهه ٻين وڏين مڇين جي لوٽيائي آني جا گهٽو ڪري مغرب ۾ سئنڊوچ ۾ کائيندا آهن.

ڪئن تہ مينهَن ۾ پکل چوزي وانگر وجي رهيو آهي!-

*

يا خدا! مون هيءَ رات تُنهنجي سپرد ڪئي آهي.
صبح سان آتارين يا نہ آتارين، تون وس وارو آهين!

*

ايتري مهلت ڏي تہ جيڪي منهنجي اندر ۾ آهي اُهو پني تي اوتي وٺان!

هي نظم جي لاوا وانگر تجڪي ٻاهر ڦاٽ ڪائي اچڻ چاهن ٿا، هي ٻيا نظم جي رابيل جي گلن وانگر ٽاريءَ ۾ چپيل آهن ۽ ان انتظار ۾ آهن تہ ڪڏهن ٿا ڦُٽي پنهنجي هبڪار ڏسان ڏس ڦهلائن، هي لفظ جي ڪاڻ ۾ هيرن وانگر چمڪي رهيا آهن، ۽ جي اجا تائين تہ جوهرين کان بي نياز رهيا آهن، هي سٽون جي ستارن جي ميڙ وانگر ڪنهن گهپ انڌاري رات ۾ لڪل آهن، هي بوندون جي بادلن جي اکين مان ڇلڪڻ واريون آهن ۽ جن لاءِ روهيڙن جا گل پنهنجا پيالا جهلي بيٺا آهن ۽ هي ڪونيٽ جي اُنهن بادلن جي آدرياوَ لاءِ آتا آهن، جي ٿر ٻر تي اِئين ڦول ڦلاري ويندا، جيئن ٻار مرڪندا آهن، ۽ وليون ائين پکيڙي ويندا جيئن ابهم ٻار ماءُ جي ڇاتيءَ ڪي چنيڙي پوندا آهن.

اي خدا! هي سارا خزانا توئي تہ مون کي ڏنا آهن،

هي ڪنهن ڦورو جي لُٽ مار ته نه آهن، نه ڪنهن واپار سان جهنجيل لوٽ ڪسوٽ آهن،

سوا اُن وهنوار جي
جو مون کي سانوڻ جي اُپ سان آهي،
اُجايل ڌرتيءَ سان آهي،
۽ اُن رابيل جي رُت سان آهي،
جنهنجي سُڳنڌ اچا تائين تارين ۾ ڳجها دورازا پٽي
ٻاهر نه نڪتي آهي.
اي خدا هُن موت کي ترساءِ
۽ هن کي چؤ ته مون کي مهلت ڏي!
هن کي ايتري جلدي ڇو آهي؟
آخر مان تنهنجي ڪار ڪرت
ته ڪري رهيو آهيان.
تنهنجو ذريعو به آهيان
۽ مقصد به آهيان!

*

ايتريءَ حد تائين ڪنهن سان گستاخ نه ٿيءُ جو اها حد اورانگهي نه سگهين.

*

ياڻپي، دوستي سڀ نيڪ، گستاخي چڱي نه آهي.

*

جنهن سان بہ جيترو بہ توکي پيار هجي، اوترو اُن سان اظهار نہ ڪر.

*

تون نہ آئينءَ تہ مون کي شاهہ حسين جي سؤلي ءِ سڌي سٽ ياد آئي:

”مڃي وانگيان مَئن پئي تڙقان“

واعدي فراموش! ڇا تون اها ڪيفيت سمجهي سگهين ٿي؟

*

هو پيلٽيءَ سان سمهي سگهي ٿو، پر هن کي پنهنجيءَ وٽي ۾ پاڻي پيئڻ نہ ٿو ڏي!

*

هَن نياڻ ۾ وهجندي، چنڊ جي پاڇي کان پنهنجو انگ لڪايو.

*

هَن هرڻ جي ٻوٽ کي ائين چُميو ڄڻ هن جو پيارو نئون جنم وٺي آيو هو.

*

پنيرُڪي جي ويرا آهي. فلئٽ جي دريءَ مان ڪويل جي ڪوڪ اچي رهي آهي، ڄڻ چئي رهي آهي، ”اُٿي! تنهنجيءَ شاعريءَ جو وقت آهي.“

*

ايترو ساجهر ٽرئفڪ جو ڪيترو نہ شور آهي! شهر ۾ سڀ پيٽ قوت لاءِ ڀڄ ڊوڙ ۾ آهن. ڇا هو، اِهو سمجهن ٿا تہ انسان رڳو پيٽ نہ آهي، ٻيو ڪجهہ بہ آهي!.

*

فلم ائڪٽر نصيرالدين شاهہ هڪ فلم ۾ چيو هو:
”انسان رڳو پيٽ ۽ ڪجهہ پيٽ جي هيٺان آهي“

فلمي مسودي جي ليکڪ کي الائي اهو ڇو نہ سُجهي آيو هو تہ ”انسان مٿو بہ آهي ۽ ڪجهہ مٿي جي مٿان بہ آهي“

*

ٻاهران تون ڪيترو ننڍو آهين؟ ڪنهن ڏنو آهي تنهنجي پوڙهاپي ۾ آپي کي.

*

ماحول توکي خوني ۽ جنوني ڪري وڌو آهي، تون ماحول کي خوني ۽ جنوني ڪري رهيو آهي. خير اهو بہ ٻلوَ جو هڪ طريقو آهي.

*

حسينيت لاءِ فقط حسين ابن عليءَ تي مرثيو ڪافي نہ آهي ۽ نہ وري مجلس– مسالمہ ئي ڪافي آهي.

*

هر ٻڳهه تلاوَ جي پَر تي ڳگدام تي ويهندو آهي.

*

اڄ مسين مسين برسات پئي آهي. دريءَ مان ٿڌڙي هوا اچي رهي آهي! ڪاش مون ڪي پکيءَ جا پَر هجن ها تہ اُڏري ٿر پهچان ها ۽ ڪنهن ڪونيٽ تان ڏانگڙي ڪي ڏسان ها!

*

اڄ شهر ڪيڏو نہ گدلو ۽ ميرو آهي. آسمان ڪيڏو نہ صاف آهي جڻ مون کي چئي رهيو آهي "ڇڏ انهيءَ ويساريءَ ڌرتي جي پڃرا آءُ، مونڏانهن آءُ! مون ڪيترو وقت تنهنجو انتظار ڪيو آهي."

*

ڪاش! مان مُنڍ کان ميراجيءَ وانگر اڪيلو، اندريون انسان هجان ها! انبوهہ مون کي ڪيڏو نہ ڇيهو رسايو آهي!

*

هي انبوهہ مُنهنجو بہ تہ نہ آهي! ڇا آهيُ ساڳي ڳالهہ چاهن تا جا مان چاهيان ٿو؟ ڇا اُنهن تاريخ جي آئيني ۾ پنهنجو مڪروهہ چهرو ڏٺو آهي؟ ڇا منهنجي شاعريءَ پٿر سان سر نہ ٽڪرايو آهي؟ ڇا هي مون کي سمجهن ٿا؟ هي پاڻ- هَرَ تِڙيا، هُوڙها، پنهنجي رَوَ- مَت جا آهن، جن کي اهو بہ معلوم نہ آهي تہ اُنهن کي

اُھائي وِک وھائي رھي آھي جن کان مان ڪين روڪيندو رھيو آھيان؟ ھي ڪڏھن پنھنجي پاڻ ۾ پيھي ڏسندا؟ ھي ڪيڏيءَ ڪَلِ ۾ ڦاسي ويا آھن! ڪڏھن پاڻ کي پنھنجي اَندِ مان آجو ڪندا؟ مان باقي عمر اِنھن تي ڇو وڃايان؟

اي ماڪ ڀني باک، اي سَرَ ۾ سمايل سانجھيءَ جا سج، اي ھوا ۾ تتر جي اُڏار، اي گل مهرَ جا گھاٽا ڀاڇاوان! مان اُنھن تي وڏيڪ ڌات وڃائڻ نہ ٿو چاھيان. ھي مون کي ھڪ صديءَ کانپوءِ سمجھندا! ھُو پوءِ سمجھي سگھندا تہ منھنجا سَرتا اُنھيءَ ٿانوَ مان پي رھيا ھا، جنھن کي باربار ڪُتا لَڪي چُڪا ھا! الا! مان اُنھن لاءِ ڪيڏي عُمر اجائي وڃائي آھي!

*

انقلاب،
عشق مان به
نہ مڙيو،
اُن کي بہ
ڦاهي تي چاڙهيائين.
* لِن بيائوءَ جو
آنت ڏِٺِءِ؟

*

چپ
سچ جي وجود کي
نہ مڃيندي
تہ سچُ نہ اُيرندو ڇا؟

*

عاشق
زهر پياڪ تہ ٿيندا آهن،
تو وانگر
رت پياڪ
نہ ٿيندا آهن.

*

* مائوءَ جي پوئين محبوب زال.

انفروڊائٽي
تون تہ يونان ۾ ڄائي هئين
ٿون سنڌ ۾ ڪٿان آئينءَ؟
اڳ تہ
مون توکي
هومر جي انڌين اکين سان ڏٺو هو
۽ آڊيسيءَ ۾ ڳاتو هو،
هاڻ تہ مان
تُنهنجيءَ سچ ڌج جي باري ۾
ڏسي وائسي
شاعري سجائي آهي.

*

پوڙهي بکاريءَ
کهڙي نہ چڱي ڳالهہ تي ڪئي:-
”ڪنهن جي پيٽ تي
لتَ نہ ڏي،
ڪنهن جي وات مان
گرهہ نہ ڪَس،
ڪنهن تي لت

نہ اولاد!
تہ تنهنجو پلو ٿئي،
شل سڀ جو
پلو ٿئي!
اَڍائي گهرن جو پلو ٿئي
نہ، نہ گهر تہ تي آهن
تنهي جو پلو ٿئي."

*

اڳين دنيا
ڪيتري نہ چڱي هئي!
پٿائيءَ جي پٽ تي
ڪڏهن بہ
نور محمد ڪلهوڙي
ڇاپو هڻي
هن جو رسالو
ضبط نہ ڪيو هو.

*

دڳ ڏيکار!

اي خدا
دڳ ڏيکار!
مان هن گهاٽي جهنگ ۾
پنهنجي گهايل پيرن سان
ڪيڏانهن وڃان؟
منهنجا پير
اجا ٿڪا نہ آهن
مان پنهنجون لڦون ڏسي
پنهنجي ڪَدڳ تي
پنهنجي منهندارن جي
ڪاري منهن تي
ٿوڪاريو آهي؛
۽ سوچان ٿو
تہ جي اڳتي دڳ نہ آهي
تہ پٺتي موٽان
۽ اُتي گاهہ تي ليٽي
ٽَڪَ پٽيان
۽ سائي ٻير مان
ٻہ تي ٻير چُني کاوان!
پر جي مون کي اڳتي ئي وڃڻو آهي،

تہ اي خدا!
مون کي دڳ ڏيکار!
مان تنهنجي ڏس تي
ٻاپڙيءَ کَنڊِ تان بہ
پنڌ ڪري
وڃنڊو رهندس!

*

هاڻي
چون ٿا
تہ سرمايداري چڱي آهي!
اشتراڪيت تہ برابر بُري هئي
پر سرمايداريءَ ۾
ڇا چڱو آهي؟
اِهو ئي تہ
هي مزدور
پيٽ کي پٽيون ٻڌڻ سکي ويندا
۽ ڪجهہ ڏاوا
ڪجهہ پو ڏاوا
هن ڌرتيءَ تي راڄ ڪندا!

يسوع!
ڇا
تون
انهن لاءِ
صليب تي چڙهيو هُئين؟

*

مارڪس!
تون پاڻ ڪيڏو نہ چڱو هئين!
تنهنجي اولاد
ڪيڏي نہ بُري
ثابت ٿي آهي!
ڇو؟ آخر ڇو؟
تو ۾ ڪائي تہ ڪمي هُئي مارڪس!
تو ۾ ڪائي تہ ڪَمي هئي!

*

سپني مان جاڳ!
انسان جو اِڪيون سپنو،
پائپيءِ جو، هڪجهڙائيءَ جو، نياوَ جو

پت تان
آرسيءَ وانگر ڪري
ڪِرچيون ڪِرچيون ٿي ويو.
تون اُهي ڪرچيون چو ميڙي رهيو آهين؟
تنهنجا ويساهي وڏا
چنڊ ڪي به
هڪ گول آرسي
سمجهندا ها
۽ اُها اجا آڪاس ۾
تنگي پئي آهي.
اَن ڏي آءُ!
اُها ڪنهن پت تي تنگيل نہ آهي
۽ ڪڏهن بہ ڪِري
توکي اُداسائيءَ ۾
ڇڏي نہ ويندي.

*

توکي غريبي ورثي ۾ ملي آهي
تنهنجو پيءُ/ تُنهنجو ڏاڏو/ تنهنجو تڙ ڏاڏو
سڀ پوکي ڪندا ها

۽ بتئيءَ وقت
پِيرڪي، فقير ڪي
ڳوٺ جي ڪنير ۽ نائيءَ ڪي
پنهنجو توبو ڏئي،
خدا جو شڪر ادا ڪندا ها
۽ سرنهن جي ساڳ سان ماني ڪائي،
ڊوَتي
مِٽي نند ڪندا ها!
اڄ ڪلهه
تہ توڪي
اها نند بہ نصيب نہ آهي
۽ تون بکئي پيٽ
ليٽيو پيو آهين
۽ روس ۾
ڪرنسيءَ تان
لينن جو فوٽو،
ڏاتو ۽ هٿوڙو متائي چڏيو آٽائون،
۽ جڏهن
پريس
نوان نوٽ ڇاپي رهي آهي

تڏهن تنهنجي هانوَ تي
هتوڙا لڳي رهيا آهن،
۽ فصل جي ڪٽائيءَ وقت
جڏهن تنهنجي گردن ڪپجي رهي آهي

*

هن هاريءَ تي لِڪ
جيڪو اڃا انسان آهي
۽ ڊوڙي ڳيو ڪائِي،
پاڻي پِي،
سارو ڏينهن ڳهندو تو وٽي
۽ جو ڏاڙيل نہ ٿيو آهي،
۽ ماڻهوءَ جو رت
نہ پيتو اٿائين،
۽ جنهن تي
ڀرائيءَ جي ٻَٽ ۾
جڏهن پکي
ننڊ ۾
لامن تي لٽڪندا آهن،
خود خدا

وچٽو
گھمائيندو آھي.

*

هن شهر ۾
ڪو به ته نه آهي
جنهن کي آدم جي اولاد
چئي سگهان!
بگهڙ جي اولاد آهن
چيتي جي اولاد آهن
لوسي ڪتي جي به تي سگهن ٿا،
مطلب اهڙو ڪوئي پسون نه آهي
جنهن سان
ڪنهن نه ڪنهن جو
ناتو نه آهي!
بي بي حوا!
هي تنهنجيءَ ڪک مان پيدا ٿيا ها؟
ويساهه ته نه ٿو اچي.

*

رستي تي
ٻليءَ جو ٻچو
ٽرئفڪ جي وچ ۾
اَچي ويو آهي.
هتي انسان
ڇتجي، ڇيتاڙجي وڃن ٿا
تہ ڪوئي اُنهن کي
اسپتال
نہ ٿو پهچائي؛
هي مرون‌ءَ منهان
ماڻهو،
ٻليءَ جي ٻچي کي
ڇو
فٽ پاٿ تي
ڪٽي رکندا!

✻

ڇا
چنڊ بہ
چڪور لاءِ

ايتروئي
تڙڦندو آهي
جيترو
چڪورُ هن لاءِ؟
هو تہ
بادلن ۾
ويندو رهندو آهي!

*

عشق بہ
ڪجهہ تہ آهي،
حسن بہ
ڪجهہ نہ آهي،
فقط
تڙڦ سڀ ڪجهہ آهي.

*

چا
چڪور
جي تڙڦ

چنڊ ۾
ايترا
گهاوَ
وڏا آهن؟

❋

سِج
سِرَ کان
مٿيرو
چڱو لڳندو آهي،
اَن ۾
سَمائجي ويو
تہ اونداهہ ٿي ويندي.

❋

○

مٽان
تُنهنجي دِل
ڪنهن هنج وانگر
ڪنهن وقت اهو سوچي
سُسِي وڃي تہ مان

ڪنهن وقت سَر وانگر سُڪُٽو آهيان!
منهنجو من
تہ مانسروور آهي
اُن جي سُڪڻ جو
سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي!

*

تنهنجي
وجود ۾
ايترو
ترنم آهي
جو
دل چوي ٿي
تہ توکي
ڪنهن رحل ۾ رکان.

*

ڇا
تون
سنگيت کان
وڌيڪ مَدُرَ آهين؟
مون

تنهنجين اکين کي
ٻڌو آهي!

*

اي خدا!
تو ڪيترا نہ
خوبصورت گل
پيدا ڪيا آهن،
هن جي
چپن
سوڙا؟

*

اي خدا!
هن کي
اجا بہ
خوبصورت بڻاءِ!
هوءَ
تنهنجي وُجود جو
ثبوت ٿي وڃي!

*

چا تون
منهنجيءَ رُڃ ۾
پوئين
هرٽي آهين؟

❋

ماري!
ڊيل
نہ ڦاساءِ!
اها
مور جي
امانت آهي.

❋

چا
تنهنجو ساهہ
مون وٽ
ائين سوگهو آهي،
جيئن
پڪي پڃري ۾ هوندو آهي!

❋

چا
تون
منهنجي ڪوتا وانگر
مون کان
مون کي
ويجهو آهين؟

*

شاعري!
تون
ڪيتري
عقيدت سان
وري
منهنجي چائنٺ
ٽپي آئي آهين؟

*

اي عمر!
ڪيڏي ڀير ڏوڙي آئي؟
اجا به

تنهنجي
اکين ۾ آهي
هو
ڳاڙهو پيرُ
اَن کي ڇڏ
تہ پيل
اهو
هوا ۾ لڏندو رهي!

*

ڇا مان اُهو آهيان جنهن لاءِ
صراحي پرهہ تائين پئتبي رهندي هئي؟
ڇا مان اُهو آهيان جنهن ڪلالن- کُوءِ
جي ننڊ حرام ڪري ڇڏي هئي؟
ڇا مان اُهو آهيان، جنهن کيءَ باک
گلن جا ٽوڪرا پيش ڪندي هئي،
۽ جنهن جي اکين ۾ شفق وانگر خمار هوندو هو،
پر پو بہ گهٽي يا گهر ۾ منهنجا پير، نہ ٿڙندا ها
۽ مان ڪنهن بہ يونانيَ فلسفيءَ کي سقراط
سوڏو، للڪاري چوندو هوس تہ: ”مان ڊايونيسِ آهيان، *

* ڊايونيسَسِ:- يونان جو شراب ۽ رنگ رلين جو ديوتا.

تون مون سان شرط رکي سگهندين!“
هاڻي تہ عمر مون کي هيٺو ڪري وڌو آهي
مان چُڪي نہ ٿو چکي سگهان ۽ غالب وانگر
جام و مينا رکو اڳيان رکان بہ نہ ٿو!
ڇا مان ساڳيو ماڻهو آهيان؟
مون ۾ اهو ساڳو ڇا آهي؟
اهو ڇا آهي جو چوي ٿو تہ خيام اڃا تائين
مون سان رقصان آهي
۽ مان هن کان ڪيئي خُم وڌيڪ پي ويو آهيان
توڙي مون پير مغان ڦيرايو آهي،
۽ اُن مون لاءِ پوري فطرت کي مئخانو بڻايو آهي
۽ اُن جا ڏينهن رات دروازا کولي ڇڏيا آهن،
جتان پي ڪري، رند هوش و حواس وڃائي ويٺا آهن
۽ انهن جا سِر انهن ساغرن وانگر آهن
جي مئخاني جي فرش تي اونڌا رکيا آهن،
۽ مان اڃا پي رهيو آهيان،
هر گلِ لالا مون لاءِ فنجان *پڙي رهيو آهي
۽ گلاب شبنم ڇلڪائي رهيو آهي،
۽ اُن جا بوٽا ائين جُهڪيل آهن
ڄڻ سوين مينائون پئنجي رهيو آهن

* فنجان:- جام

۽ مان جو پيئان بہ نہ تو
ايترو پيتل آهيان،
جيترو ڪوئي اُن وقت پيتل هو
جنهن وقت هيءَ جوڙ جوڙي وئي هئي.
۽ جنهن چيو هو "اَٿ!"
تہ مٿيءَ مان گل اُيري نڪتا ها،
۽ مائون،
ٻارَ هَنجَن ۾ لوڏيندي يون نظر آيون هيون.
مان جو تخليقڪار آهيان
تنهن لاءِ شراب ڪهڙي شيءِ ٿيندو آهي.
مان تہ اُيري اَلهي سرشار آهيان.
۽ سچ چئبو
ساندهہ منهنجي ساقي گري ڪن ٿا
۽ ٿڪجن نہ ٿا.

*

ڇوڪرا!
هي منهنجيءَ ٻوليءَ جو اوجهاڻ تہ ڏِس!
اِهو ڇجي تہ نہ پيو آهي؟
مون کي

ان ۾ ڪيئي نظم
مچين جيئن قاسائٽا آهن.
رنگبرنگي مڇيون
جي اونهي اوڙاهه جيَ
تَري ۾ تُڙڳي رهيون آهن.
پاڻيءَ ۾ چنڊ
ٻه هڪ گول مڇيءَ وانگر آهي.
ڪيئن چئجي
متان اِهو ٻه ڇڪجي اچيُ.
مان تہ پاڻيان تو
هن اوجهاڻ ڪي
توبِي جي ضرورت نہ آهي،
پر وري ٻه جاچي ڏس،
منهنجي دِيد
ساڳي نہ رهي آهي
۽ ڪڏهن ڪڏهن
جهانورجي وجي تي؛
ڇا ڪيان
توڙي مون کي
پَريا نہ پيا آهن

پوڙهاپو مُنهن- اونڌاهيءَ جٽن
لهي رهيو آهي.

*

آءُ تہ هن کان پُڇي اچون!
هو جو گل گلاب وانگر هوندو هو،
هاڻي ڪنهن سُڪل تاريءَ وانگر
ٿي ويو آهي،
جنهن ۾ ساوَل ڪانہ آهي؛
هو اسپتال جي بستري تي پيو آهي،
۽ هن جو ٿهليو
هن کي ان ڪريءَ اُتاري ٻہ نہ ٿو،
تہ متان هو
وچ مان ٽِڙڪي نہ پوي!
هن جي چپلهہ
ڪَتيءَ جي ٻيج وانگر
جهُڪي آئي آهي،
هن جي تور
ڪيتري نہ گهٽجي وئي آهي!
تقدير جي تارازيءَ ۾
موت وارو پاسو

پارِي تي
ڪيترو نہ جُهڪي پيو آهي!
هن ڪيڏا نہ پيار ڪيا ها
جي پاڇاوان تي
هن جي چوڌاري ائين لڏي رهيا آهن
جيئن
پپل جي ڇانو
درياھ جي پاڻيءَ ۾ لڏندي آهي
۽ درياھ آهي
جو اڳتي وڌي رهيو آهي
اڳتي ڪيڏانهن، ڪنهن انداري سمنڊ ڏانهن
جنهنجو انت
ڪنهن بہ ٿوبير نہ لڌو آهي،
هر ڪينو
هر ڏوئل
هر لاڪي ڄاڃي
مطلب تہ هر ڪاري جو پڪي
اُن جي مٿاڇري وهڪري ۾ ٿبي ڏئي
ڪجھ نہ ڪجھ ڦاسٽائي آيو آهي.
ڪنهن وٽ اهڙا پَر نہ آهن

جي ان جي انت تائين
پهچي سگهن،
ساهي مُنجهائي
توهه لڳائي سگهن!
خوبصورت نرس،
هن جي مُنهن تان مک هڪلي رهي آهي
جا دريءَ تي لڳل
ٿوريءَ ڇڄل چاريءَ مان
هن جي اسپتال جي ڪمري ۾
پيهي آئي آهي
۽ جڻ
هُن کي واري واري سان
چيڙائي چئي رهي آهي،
تو ۾
مون جيتري به سگهه نه آهي!
تو پيار ڪيو آهي ته چا
پيار ته مان به ڪندي آهيان.
هل ته هن کان
اسپتال ۾ پڇي اچون!
اسان جي پُڇا

هن جي چمار کي تہ نہ وڏائيندا ٿي،“
رڳو اسان کي
ساڃهہ ڏئي سگهي ٿي
تہ اهڙو وقت
اسان تي بہ
اچي سگهي ٿو.

*

مون کي گرڙ پک جيڏي سڃهہ ڏي
تہ هي گيت پکيئڙا
جي ولر ڪندا وتن ٿا
اُنهن کي هڪ ئي چنبي ۾ جهَٽي وٺان!
مان گهنگهور گهٽائون تي اُپراڻ
۽ ساري ڌرتي
جل ٿل ڪري ڇڏيان
۽ سارا نانگ
لاچار ٿي
ٻرن مان نڪري اچن
۽ جوڳي
اُنهن کي پڪڙي

پنهنجون پنبيون پرينداوڄن
۽ ڍَڪ ڏيئي
ڍڪيندا وڄن.
مون ڪُي سگهه ڏي تہ مان
طوفان بڻجي اچان
۽ سارا بڙ ڏونڏاڙي
آڪيرا هوا ۾ اُڏائي ڇڏيان،
۽ پکين کي ٻُڌايان
تہ انهن جو ڏگ هوا مان آهي
جنهن کي ڪوئي ڏس نہ آهي
جنهنجو ڪوئي ماڳ نہ آهي
جنهنجا ڪي پيغمبر نہ آهن،
پکي پنهنجا پيغمبر پاڻ ٿيندا آهن
۽ پنهنجو ڏگ پاڻ ڳوليندا آهن.

*

هن مورَ لاءِ دعا جا هٿ کڻ،
هي جو ڇَٽُ ڪَري
گهنگهور گهٽائون
ڏسي رهيو آهي،

هن هرڻ لاءِ دعا جا هٿ کڻ
جو رڃ ۾ پنڪيءَ تڪجي پيو آهي!
هي چار ٻاتيهر جي سنئين ميدان
تي تِلي رهيا آهن ۽ شڪاريءَ جن جي
تاڪَ ۾ آهي، اُنهن لاءِ دعا گهُر!
اُنهن سيني جو اندر اُجرو آهي،
انهن ۾ ماڻهن جئين ڪُبڌ، نيچ پڻو،
۽ لوڀ نہ آهي.
اُنهن لاءِ دعا پوريءَ ڪائنات لاءِ دعا آهي.
دعا ڪر تہ موت انهن ڪان دور رهي!
هي ڪولهي ڏسين ٿو جو ڪاتر ڪٺي،
تڙڪول ۾ تڪجي ويٺو آهي!
اهو تہ خود خوني آهي،
اهو تنهنجي دعا جو مستحق نہ آهي.
دعا ڪر تہ سِڄ جڏهن اُڀري،
تڏهن ان جا ڪرٽا ٻرڇين وانگر تکا نہ هجن.
۽ جڏهن چَنڊ جو پاڇو چؤنري تي پوي
تہ ٻارڙا رب ڪائيندا نظر اچن!
هر جيت جٿئي، هر ڍور ڍڳي کي دعا ڪر!
ڇو تہ اُنهن جي اندر ۾

ماڻهو وانگر دغا نہ آهي، دولاب نہ آهي،
ٻورنگي پڻو نہ آهي.
دعا ڪر، سڀ ڪي دعا ڪر!
۽ اهو چاڻ تہ ساريءَ واريءَ جي ڪَڻ ڪَڻ،
۽ آپ ۾ سڀ ستارا
توکي ٻڌي رهيا آهن،
۽ توکي ٻڌي
ڪڪرن جون اکيون پرجي آيون آهن،
۽ آپ
ٻنابوڙ وسڻ وارو آهي!

*

اي خوبصورت اکيون!
شال اوهان
ٿر جي هرڻين کي مات ڏئي وجو!
اي خوبصورت چپ
شال اوهان لال ليار ريتي چڙيو،
۽ هر ڪنهن کي پاڻ لاءِ هرڪايو!
مون کي معلوم آهي تہ
سونهن سدائين لاءِ نہ آهي،

پر منهنجي شاعريءَ
اوهان جي سونهن کي پنهنجي اَبديت آڇي آهي،
اوهان عارضي سهڻين، پر منهنجيءَ
ذات اوهان کي جتاءُ ڏنو آهي؛
پايندگي ڏني آهي
پنهنجي زندگي ڏني آهي
۽ اَها تابندگي ڏني آهي
جنهن کي ڏسي
سج ۽ چنڊ کي
رِيس ايندي!

*

مان ڪيستائين ترسان
تُنهنجا گيت ڪَٽائي نہ آهن؟
مون جنهن چنگيز ۽ هلاڪوءَ کي نہ ليکيو،
۽ هنن کي ڪَنيي،
گهوڙي تي پيلهہ ڪٽي ويس؛
مان جنهن بابل ۾
سڪندر کي ڪيڪاريو،
جڏهن سج نيزي جي نوڪ تي هو،

۽ اهو نہ ڏٺو
تہ هن جي ڇاتي ڇاٽي تي پيئي آهي،
۽ هُو لڇي رهيو آهي
۽ رت ٽمائي رهيو آهي.
هي تہ تلوار جا ڏٽي ها،
پر تو وانگر ڏات جا ڏٽي بہ
مون اک ڇنپ ۾ اُڏايا آهن،
جئن تير
ڪنهن اڙٻنگ جي
ڪِچيل ڪمان مان اُڏامندو آهي
۽ اُن وقت چنڊ
منهنجي ڪاري گهوڙي سان
شرط پڄائيندو آهي
تہ پڄائي نہ سگهندو آهي
۽ اُن جو نرم بشڪون ڏسي،
گهٽائون ريس ڪنديون آهن؛
منهنجي گهوڙي کي نعل نہ هوندا آهن
۽ اُنهن جو آواز نہ ٿيندو آهي
۽ بهشت ۽ دوزخ جا بند دروازا
اُن جي ڇلانگ اُڪيان

روڪَ نہ تِي سگهندا آهن،
الائي ڇو
مون کي تنهنجيءَ شاعريءَ تي پيار
اچي ويو آهي.
شايد تون سچ ٿو چوين
تہ تو شاعري
هاڻي ئي شروع ڪئي آهي
۽ توکي
مهلت درڪار آهي.

*

ڇا مان
سارنگيءَ جي سُر ۾ پيهي سگهان ٿو؟
ڇا مان
تنهنجي آواز سان هڪ ٿي سگهان ٿو؟
ڇا تو تانسين ڏٺو هو؟
بيجوباورا ڏٺو هو؟
تون ڪير آهين ڳائڻي؟
تون ڪڏهن کان آهين ڳائڻي؟
هي سُر تہ مون صديون اڳي ٻڌو هو!

۽ تنهنجي زبان مان
هڪ ٻول نڪري ٿو
ته سارو راڳ
منهنجيءَ رڳ رڳ ۾ اُيري اچي ٿو،
تون منهنجي وجود جو
حصو آهين
جنهن کي مان وساري چڪو هوس
۽ جيڪو تو
ياد ڏياريو آهي.

*

ڪيترا
خواب
تو ريشمي تاڪين وانگر/ ڪوليا آهن.
جن کي/ وسڪٽين اکين سان ڏسي
هي جوڪا گراهڪ
اُنهن جي نرمائي، اوج ۽ اُٿٽ
پنهنجي کهرين آڱرين سان/ پرکي رهيا آهن
۽ انهن جو ملهه ڪٿي رهيا آهن
۽ چئي رهيا آهن:
”هي جهالائو نظر نه ٿا اچن.“

*

اُهو وقت دور نہ آهي
جڏهن موت توکي خاموش ڪري ڇڏيندو.
توکي جيڪو چوڻو آهي،
چئي وٺ!
ڏس، هي ناريل جي وڻ تي
ڪويل ڪوڪي رهي آهي!
تون ڄاڻين ٿو تہ
اهڙو ڪوئي نہ آهي
جو هن جي ڪُوڪ تي
بندش وجهي،
تون ڄاڻين ٿو
تہ اهڙي ڪوڪ
فقط عرش جي
ساز مان اچي سگهندي آهي،
جنهن جي مضراب
خُدا جي هٿ ۾ آهي؛
تون ڄاڻين ٿو
تہ سڀ ستارا
اها ڪوڪ ٻڌي رهيا آهن
۽ ڪَنائي رهيا آهن
تہ آها ڪنان ٿي اچي!

اِها ڪُوڪ
ان موسيقيءَ ۾ اضافو آهي
جا هن ڪائنات ۾
ازل کان گونجي رهي آهي
۽ تُنهنجيءَ شاعري ۾ سمايل آهي؟
ڪنهن سمايو آهي
اُن موسيقيءَ کي
تنهنجي شاعريءَ ۾؟
اُتي هُن جو آڌر ڀاءُ ڪر
تہ ڪٿي نندڍ جي غلبي ۾
هو توکان وڃائجي نہ وڃي!
اِئين
جئين
ڪويل کان پنهنجو ساٿي
وڃائجي ويو آهي.

*

اُتي، اَسُر ٿيو آهي
تون هُونءَ کان گهٽو سُتو آهين!
نہ ڄاڻان
توکي ڪيتري مهلت آهي
تہ تون

گيت لکي سگهين،
گيت جيڪي ڪويل
چهنب سان
هوا ۾ لکندي آهي.
گيت جيڪي وهندي ندي
لهرن ۾ سانپيندي آهي،
گيت جيڪي واهوندي ۾ وڻ
جهومندي ڳائيندا آهن،
گيت جيڪي رات
پنهنجيءَ ڪاريءَ چادر ۾
ڇپائي ڇڏيا ها،
جڻ اُهي سانت جي تجوڙيءَ ۾
بند ها،
۽ موت جو پراڻو ڦورو آهي
اُهي هن کان
ڦُري نہ سگهيو هو،
گيت جيڪي رات
پرهہ جي پکيئڙن کي آڇيا آهن،
جن ۾ هڪ
تون بہ آهين.

*

هو چوي ٿو:
”توکي
زمانيسازي
نہ ايندي آهي.“
مان هن کان
جواب ۾ پڇان ٿو:
”جي مون کي
زماني سازي اچي ها
تہ مان شاعر
ڇو هجان ها،
سنڌ
جو گورنر نہ هجان ها!“

*

ڇا تون منهنجون
پيرَ ڪڙيون
ڪٽي سگهين ٿي؟
ڏس،
مان
زندگيءَ جي زندان ۾

ڪيترو نہ
بيوس آهيان!
تون
جا هوا جي جَهلڪي وانگر
آئي آهين،
اهي پيرَ ڪڙيون
ڇُهي
موتِي وجي سگهين ٿي
انهن کي
ڪٽي نہ ٿي سگهين؟
ها
تون انهن پير ڪڙين کي
گلاب جي تارين ۾
بدلائي سگهين ٿي،
جيئن مون کي
اهو احساس نہ
رهي
تہ مان
آزاد نہ آهيان.
پيرَ ڪَڙي

تڏهن پيرَ ڪڙي آهي
جڏهن اُن جو
احساس آهي،
تون اُن کي
گجرو
ٻڌائي سگهين ٿي.

*

هي رتو رت نظم
هي لهولهان شاعري!
تون هي رت چڪندڙا ڏيهي ڪيڏانهن
وٺي وڃي رهيو آهين؟
اُن منزل ڏانهن
جيڏانهن ويندي
چين ۽ روس، ٻئي ٿڪجي پيا
۽ پٽ تي ويهي
پنهنجا لانگ بُوٽ
لاهي ڇڏيائون
۽ پنهنجو لقون ڏسي رهيا آهن؛
۽ سولڙيءَ ٻِٽسن

۽ فئنگ لزي
پنهنجا روئٽا روئي رهيا آهن
۽ چئي رهيا آهن،
”اسان تہ اڳيئي چيو تي........“
”اسان تہ اڳيئي ........“
ماسڪوجي
گهٽين ۾ گهمي رهيا آهن
زينوفيف، ڪامينوف، بخارن ۽ ٻيا
جي سَنُ ڇٽيهين ۾
ماسڪو ڪاروائين ۾
ماريا ويا ها،
۽ جو ٻارڙو
ڪُواس پي رهيو آهي *
۽ هي روسي عورت
جا ڪيچ ۾ ڳائي کير جي بوتل،
ڊبل روٽي
۽ اڇي پلاسٽڪ ۾ ويڙهيل
جرينيم جا گل
کڻي وڃي رهي آهي،
اُن کي اِهي مٺا ڪيڏي پيار سان ڏسي رهيا آهن،

---

* ڪُواس :- روس جو هڪ شربت.

۽ سوچي رهيا آهن،
”مٺا وري جيئرا ڪڏهن ٿيندا؟
اسان ٻيهر زندگي اجائي نہ وڃائيندا سين
اسان ٻيهر زندگي اجائي نہ وڃائيندا سين!“

*

ميان! تون نظم پڙهي رهيو آهين
يا رتُ جون
الٽيون ڪري رهيو آهين!
هي مشاعرو آهي،
اسپتال نہ آهي،
جو تون قوم جو علاج ڪري سگهين!
تو نظم جو رنگ
ڳاڙهو چونڊيو آهي
پر ڏسجانءِ
تہ جيئن اهو
گلاب جي گل وانگر لڳي
۽ جي اُن ۾
خوشبو نہ هجي
تڏهن بہ

گل مهر جي گل جهڙو لڳي!
ها، هي به ڏِسُ
هي رابيل جا اَڇا گل،
جي هِير ۾ لڏي رهيا آهن،
ڪهڙا نه پيارا لڳن ٿا؟
۽ ڪيڏي نه دلفريب آهي
اُنهن جي خوشبو!
۽ هي املتاس
جا پيلا گل
جي ڇڳا ڪَري لڙڪي رهيا آهن،
انهن جو رنگ
اکين کي ڪيڏو نه وڻيٿو!

❋

مان
توسان
پيار جو
اظهار
ان ڪري نه ٿو ڪيان،
جو
مون کي ڀؤ ٿو ٿئي

تہ تون
ائين ڦِرڪي نہ وڃين
جيئن چنڊ
ڇوليءَ جي ڀاڪر ڪان
ڦِرڪي ويندو آهي!

*

ڇا ريمبران
جي تصوير ۾
فقط ڳاڙها رنگ آهن؟
هي ڪائنات
بہ ريمبران جي تصوير وانگر آهي،
۽ تون
جنهن جو من گنڀير آهي،
ڇا توکي
ان جا الڳ الڳ
گهاٽا رنگ
نہ ٿا وڻن!

*

پنهنجن ڪارن وارن کي
پنهنجي گورين ٻانهن سان
ڇنڊ ڪو ڏي!
ڪيڏيون نہ گهتائون
ڇانيون آهن
۽ مينهن وسي رهيو آهي
رابيل جي
ٽڙيل گلن تي
جي تنهنجي ٻِلن وانگر
ٽِڙي پيا آهن!
تون ٻُسي وئي آهين،
۽ ڪارن وارن مان
منهن مٿي ڪري
ہہ رابيل جا گل
ڏيکاري رهين آهين
آڪاس کي،
جنهن جا اڇا ڪڪر
وسي
تنهنجي باغ مان
رابيل جي گلن سان

جهولي پري رهيا آهن.

*

هُو
ميري ماجدلين
سان ساڻ ڪن ٿا،
۽ چون ٿا
هي ڪير ٿيندي آهي
جا يسوع جي صليب سان
ڪنڌ لڳائي ويٺي آهي؟
۽ اهو نہ ٿا سوچن
تہ هوءَ روز ڏهہ ڀيرا
صليب تي چڙهي چڪي آهي
۽ هن ۾
بار بار
ڪوڪا ڪوڙيا ويا آهن
۽ ان حساب سان
هوءَ
مهيني ۾
ٽي سو ڀيرا صليب تي چڙهي چڪي آهي
۽ سال ۾؟

پلي تون حساب ڪَرِ!

*

هي خوني آهي؛
تو غلط سمجهيو آهي
تہ هي
تنهنجي گردن ۾
رنگبرنگي رومال وجهي رهيو آهي؛
دراصل
هي توکي گهُٽو ڏئي رهيو آهي!

*

پنهنجي مُنهن کي
ڌرتيءَ جي
مِٽي مَلڻ وارا!
ڪڏهن مٽي بہ تہ ڏِسُ!
آسمان ۾
ڪکر
ڪيڏا نہ
خوبصورت آهن
۽ انڊ لٺ

ڪهڙي نہ
وٽي رهي آهي!
مَتي تہ
تنهنجو ساٿ
قبر ۾
سدائين ڏيندي!

*

سهڻي!
جيڪڏهن
چنڊ جي پاڇي کي؛
گهڙو سمجهي
اَن تي درياهہ تري ها
تہ ٻُڏي نہ ها.

*

مِتي!
مِتي!
مِتي!
فلسفو مِتيءَ جو

شاعري مِٽيءَ جي
چو تہ ڪٽڪ ۽ چانور
مٽيءَ ۾ پيدا ٿا ٿين.
چڱو
جو ڪڪر
پنهنجا محل
مٽيءَ مان
نہ ٿا جوڙن!
جيئرو آهين
تہ آڪاس جون ڳالهيون ڪرِ،
۽ ڏس تہ چنڊ جي چوڌاري
ڪيترا بادل آهن
پوءِ بہ هُو اَڪيلو آهي،
۽ ساريون سُواريون ريتي
منزل ڏانهن
پَنڌ وچي رهيو آهي.
جيئرو آهين
تہ تون ڌرتيءَ جي

ڳالهه ڇو ٿو ڪرين؟
اِن ۾ ته تون پورجٽو آهين!

*

ڪيترا نه
سبز باغ ڏيکاريئہِ!
ڌرتيءَ تي
هيئَن ڪنداسين
ڌرتيءَ تي
هونءَ ڪنداسين؛
ٿيو ته ڪجهه ۾ ڪونه
اڄ تنهنجي جنازو وڃي رهيو آهي
سياڻي مون کي ويٺو آهي،
ڇا ان ڪري
فرق پوي ٿو
ته ڪنهنجا ڪانڌي
ڪيترا آهن!

*

با يزيد بسطاميءَ
ڏرتيءَ تي
لت هڻي ڇيو،
”اڙي آهي ڪو؟
سڏ جو نہ تو وراڻين؟“

*

ابراهيم اَدهم سان ويندين؟
هو توکي
اُن پل تان
پار وٺي ويندو،
جنهن تي لينڻ ۾ مائو
مُنجهي پيا ها.

*

موت اُهو ريڊار آهي
جو سڀ
ڏڻ هڪلي سائي واڙ ۾
واڙيندو آهي.

*

تو بگھڙ جي اوناڙ ٻُڌي آهي؟
بگھڙ
چنڊ کي ڏسي
اوناڙيندو آهي؛
ڌرتيءَ کي سِنگھي
نہ اوناڙيندو آهي.

✻

واڙ کي ٻَنڊو ڏي
مينهن اَچڻ وارو آهي!
چا ٻِکرال جا ڪِجڪا نہ تو ڏسين؟ *
چا بادل ڏِسي
اُنهن کي للڪارين
تہ اُن ۾ ڪا مُڙسي آهي؟
تون ڪهڙي اِندر ديوتا جو پُٽ آهين؟
واڙِ کي ٻَنڊو ڏي
مينهن اچڻ وارو آهي!

✻

سڀ ڪجھہ ٺيڪ ٿي ويندو،

---

* ٻِکرال: اُتر اولهہ جي ڪنڊ.

تو دل ڇو لاتي آهي!
گهنگهور گهٽائون اُيري رهيون آهن،
پاڻ ۾
ايڏو مينهن سمائي
جو درياهه گجگات ڪندا:
رڳو واريءَ جي ڪڻ ڪي
اُلڪو نه آهي،
اها هڪ هنڌان ٻي هنڌ
آسانيءَ سان
هلي ويندي،
۽ ڪٿلي
پنهنجي پر ۾ پيهي ويندي!
باقي هي ارڙ نانگ
هي مِرون
سڀ وهي ويندا.
ڏارا انهن کي
ڏِڪي ويندي
۽ ٻوڙي ماريندي!

*

هي اڄ بہ
لَدُوِگ فيور باخ تي
متو هٽي رهيو آهي،
۽ اڪويهين صديِ
مٿان اچي بيٺي آهي.

*

اها بڪ تہ مايا ڪوفسڪيءَ اڳيئي
گهٽي هنئي آهي.
پيو ڪو نظم ٻڌاءِ
تہ مان
مٿي نِندب ڪري وٺان!

*

فرانس جو انقلاب-
گلِوٽِين پرسان
هڪ پورهيت ڪلي رهي آهي
۽ هن جا آڱاريءَ هاٿا، پيگل ڏند
اڏ چباڙيل ڏاڙهونءَ ڪڻ
وانگر لڳي رهيا آهن.

ڪات هيٺان
سر ڏار تي رهيا آهن،
ماٺهن جي اڻ–چٽ ۾
صدين ڪان
سُتل مِروُن
جاڳي اٿيا آهن.
اوتَ– مڳ
جِيئوَ هچيا لاءِ
ڪيڏيون نہ جڄڪيون
جاڳي اٿيون آهن!
هي ڪپيل ڪنڌ
هڪ رت جو ڪتورو آهي،
نہ، نہ
صدين جي بک لاءِ
پيٽ ڪتورو آهي،
ماٺهيي ، وير ، سزا جي نالي ۾
ڏوهي بيڏوهي
هڪجهڙو آهي،
نياءَ جي تارازيءَ جي
ڳني ٿتي پئي آهي

۽ اڳتي لاءِ ڇڏي رهي آهي
خالي پَڙ
جن ۾ جاءِ جاءِ تي
ڪنڊ ڪپي وڏا ويندا
۽ نالي ماتر توريا ويندا
ڪوڙا وَٽ وجهي،
جيستائين
اها ڳني
وچ تان ڳنڍجي،
۽ اهڙا هٿ ايرن
جي تور تڪ ڪن،
ماڻهن جي ڳهرجن جِي،
اندر جي اڏمن جِي،
انهن لڙڪن جِي
جن جون اکيون
ڪلرائيون آهن،
۽ اجا انهن ۾
نيت آهي، پت آهي، پيار آهي
۽ انهن ۾ ان نبيءَ جي ڪميا جيِ ڪوٺ نہ آهي
جنهن کِي صليب تي چاڙهيو وَيو هو،

انڪري
جو هو سچو هو، بي ڏوهو هو،
ميار نہ ڏيندو هو
۽ بخشي ڇڏيندو هو،
۽ جنهن جاءِ تي
هنجي اکين مان
رت ورنا ڳوڙها ڳڙيا ها
اُن جاءِ تي
لهندو سج رنو هو
۽ چنڊ اپري
ان کي چميو هو؛
اهو رت جو اجا ڪوسو هو، بي زبانو هو، بي ضرر
هو،
۽ جو ڌرتي
جُهي نہ سگهي هئي.

*

مون پيٽ نہ وسائي آهي،
جا ڪراچيءَ جي فليٽ ۾
پيٽ وسائي نہ ٿي سگهجي؟

هتي بہ ويراني ئي ويراني آهي،
ساري سنڌ جي واري سميٽجي،
منهنجي فليٽ ۾ آئي آهي،
۽ هي كارا كپڙ
جي منهنجي ساهہ ۾ ڏسين ٿو،
انهن سان هيءَ فليٽ،
هي منهنجو واريءَ منجهہ وٿاڻ،
تو کي ڪيئن ٿو لڳي؟
رات جو جڏهن مون کي جاڳ ٿئي ٿي
تہ ڪليل اليومينم جي دريءَ مان
ٿيئي تيڙو ڏيكارجي رهيا آهن
۽ كتيون كرموڙي رهيون آهن،
مان سكر جو
كراچيءَ ۾
شرنارثي آهيان.
يا خدا! تو مون کي ديس ۾
پرديسي بڻايو آهي
۽ مون کان
آسمان جي
پوري چادر

بہ کسي ورتي آهي،
جا سکر ۾
پنهنجي کوٺي تي اوڙهيندو هوس،
۽ اِسپنوزا وانگر
مان اڄ
تنهنجي ڪائنات
هڪ ڪڙڪيءَ مان
ڏسي
رهيو آهيان،
پر تون
ساري ڪائنات ڇڏي
منهنجي ڪيڏو نہ ويجهو اچي ويو آهين،
۽ مون ڪان رکو
غاليچي جي ڪنڌ گهري رهيو آهين،
يا خدا! تون جو ايترو وڏو آهين
جنهن ۾ ڪروڙين
ڪائناتون
اچي وڃن ٿيون،
ايترو ننڍو بہ ٿي سگهين ٿو؟
اها مون کي خبر نہ هئي.

مون غاليچو ريڙهي،
پنهنجيءَ دل ۾
وڇائي ڇڏيو آهي،
توُن ڀلي آءُ!
جي تون ٻه شرنارتي آهين
منهنجي دل ۾
تو لاءِ ڪافي جڳهه آهي.

*

هو اهو نه ٿا ڏسن
ته منهنجا وار
وري ڪارا ٿي رهيا آهن
۽ عمر پٺتي
موٽ کائي رهي آهي
۽ مون مان يسوع ايري،
ماجدلين جي دروازي تي
بيٺو آهي،
۽ ڪازان زاڪسِ
مان ڪي حيرت مان
ڏسي رهيو آهي!

*

هيمنگ وي!
گھنڊ تہ وڄي چڪو
۽ تون مشين گن سان
پوئين گهڙيءَ تائين
فاشسٽن کي
ماريندو رهين،
جيستائين گوليءَ
تنهنجو انت آندو،
تون ڪيئي سال پوءِ مئين
پر تنهنجو ڪردار
جو تنهنجي اندر مان نڪتو هو،
اسپين ۾ ماريو ويو.
هيمنگ وي
ڇا اهو تنهنجي ناول ۾
يا اسپين جي تاريخ ۾،
هڪ ڪردار هو؟
اهو هاڻي ڪيئن چئجي!
گھنڊ اڃان بہ وڄي رهيو آهي،
دنيا ۾
اڃا فرانڪو زنده آهي!

ڇا تون مري چڪو آهين
هيمنگ وي؟
ڇا ٽِري نات ٽِري جي گولي
جا هڪ گينڊي لاءِ ڪافي هئي
يا هڪ جهنگلي سانَ جي
دوُنَ مان
نڪري ٽي سگهي،
اها رائيفل
تو پنهنجي وات ۾ وجهي
ان جو گهوڙو دٻايو هو؟
گهنڊ اچا وڄي رهيو آهي.
هيمنگ وي!
تنهنجو پيو جنم ڪٿي ٿيو آهي؟
فاشسٽ وري گهوڙا
ڊڪائيندا ٿا اچن.

*

سمر سيٽ مام!
مون وٽ هٿ نہ رهيا آهن، ۽ مان پنهنجو برش
وات ۾ وجهي

پنهنجيءَ فليٽ جي
ديوارن تي
تصويرون ڪيڏي رهيو آهيان!
تو منهنجو بهشت ڏٺو آهي
سمرسيٽ مام!
تون مون تي به
"چنڊ ۽ ڇهه پايون"
ناول لکي سگهين ٿو،
مان تنهنجو ساڳو مصور آهيان
ساڳيو ڪردار
پال گوگين
مان وري وري موٽان ٿو،
زندگي
مون کي
ساڳيو اذيتون ڏئي ٿي،
پر اجا تائين
برش
منهنجن ڏندن ۾
سَڪڙ آهي
۽ ڪريو نه آهي

*

ڊيِگو رويِرا
منهنجو ڪوئي ٽراٽسڪي نہ آهي،
مون لاءِ تون ٽراٽسڪيءَ کان وڌو ماڻهو هئين،
۽ ميڪسڪو ڪي
امرتا
يا تنهنجي آرٽ ڏني آهي
يا ٽراٽسڪيءَ جي موت!
مون تنهنجي اها تصوير ڏني آهي
جنهن ۾
جوالا مکيءَ جي پرسان
هڪ جواخانو آهي،
جنهن ۾ مرد ۽ عورتون
ڪيڏي ۽ کلي رهيا آهن،
۽ جوالا
پنهنجي اندر ۾
لاوا ٺاهي رهيو آهي.
ڇا اها تصوير
هن بورجوازيءَ جي باري ۾ سمجهي هئي؟
مان تہ ڀانيان ٿو
تہ روسي ٽيڪنوڪريٽ بہ ائين ها،

۽ جوالا ڦاٽ ڪائي،
ڪنهن وقت
جوا ڄاڻي تي
ڪرٽو هوا

❋

قوم پرستيءَ ڪي
ٻگهڙ جي اوناڙ
نہ ٻڌاءِ!
ٻگهڙ جي اوناڙ
بہ تڏهن چڱي لڳندي آهي
جڏهن
هو چنڊ ڪي تڪيندو آهي
۽ نہ اُن وقت
جنهن وقت
هو پنهنجا ڦٽ
لڪيندو آهي.

❋

داراشڪوهہ!
آءُ تہ ميان مير جي *

* ميان مير: دارا شڪوهہ جو مرشد، جنهن جي درگاهہ لاهور ۾ آهي
هو اصل سيوهڻ جو هو ۽ هن جو نالو شيخ جيئو هو.

درگاهہ تي هلون
۽ هن کان دعا گهرون
تہ هو
هر پنجابيءَ کي
تو جهڙو بڻائي،
۽ نہ اورنگزيب جهڙو
۽ اسان جو ڪنڌ
رومال ۾ ڏڪائي
پوڙهيءَ تاريخ ڏانهن
تحفو ڪري
نہ موڪلي.
اڄ تہ دعا گهرون!
تون غالب وانگر
ڇڙو شاعر نہ،
پر ولي بہ آهين. *
تنهنجي دعَا
مستجاب ٿيندي.

⁂

* تجهي هم ولي سمجهتي جو نہ بادہ خوار هوتا. (غالب)

دلي مان
غالب جي مزار
* ڪنهن ڪرين ۾
ڪراچي ڇو نہ ٿو ڪٽي اچين!
جي مصر ۾
ابوسمبل جو مندر
هڪ هنڌان
ٻي هنڌ ڪٽي رکيو هيائون،
جيئن اهو نيل جي سيلاب ۾
نہ اچي وڃي
تہ ان ريت
تون بہ تاج محل هتي
ڪرين ۾
آڻي ٿو سگهين.
تون آڻي ٿو سگهين
اهي سارا مقبرا
مسجدون
ماضيءَ جا سارا مزار
۽ پيو جو ڪجهہ

* ڪرين : انگريزي لفظ Crane

تو کي عزيز آهي،
جي ڪراچيءَ جي
ڌرتيءَ تي جاءِ نہ آهي
تہ سمنڊ ۾
تہ ڪافي جاءِ آهي.
هاڻي تہ
مغرب ۾
سمنڊ هيٺان
جايون ٺاهن ٿا.
ڪٿي آءٌ
ساري هندستان کي، ڪٿي آءٌ
تہ هڪ پيو پاڪستان
سمنڊ هيٺان اڏيون!
برصغير جي امہ کي
هڪ هنڌ رهايون!
پلي پارت کي
نيوڪليئر آبدوز هجن،
ان ڳالهہ جي
تو کي
هونءَ ئي پرواه نہ آهي.

*

منهنجو بهترين دوست
اڄ منهنجو
بدترين دشمن آهي
ڇو تہ
هو سمجهي ٿو
تہ مان هُن جي آدرش تان
هٽي ويو آهيان.
سچ تہ اهو آهي
تہ هُن جو آدرش
هُن کان
هٽي ويو آهي،
هُن جو آدرش
چنڊ بہ تہ ڪو نہ هو
جو گهنگهور گهٽائن ۾ ڇُپي ويندو آهي!
هُن جو آدرش
تہ تَئي وانگر هو
جو هن تي
پنهنجو ڪالڪ ملي
هن تي
ڪِلي رهيو آهي،

آدرش
جو هڪ خونيءَ جو
آدرش هوندو آهي،
جو خدا،
ديول،
ڪميون،
انقلاب
جي نالي ۾
ماڻهوءَ جِي
بکئي بگهڙَ وانگر
رت پيئندو آهي.
عجب تہ اهو آهي
تہ ان آدرش ۾
ايترو جادو هو
جو ماڻهوءَ
پنهنجو پاڻ
سيرچوڙائي
پنهنجو رَتُ
کَڍِي بگهڙ کي آڇيو ٿي،
۽ ان ڪانسوا

هن ڪي آرام نہ ٿي آيو!
هاڻي رت - پياڪ بگهڙ
پنهنجون واڇون
گاهہ سان اگهي رهيو آهي
۽ رت هن جي چپن مان
وڏيڪ نہ ٿو ڳڙي!
پر منهنجي آدرش وادي دوست کي
ڇا ڪجي!
هن کي سيرَ ڇوڙائڻ جي
عادت پئجي چڪي آهي،
۽ هو ان لاءِ
ڳولي رهيو آهي
بکيا ننڍا بگهڙ
جن جي واڇن مان
اڃا
رت ڳڙي رهيو آهي.

*

هو
پنهنجي
آدرش جيۡ هار ڏسي،

مون تي
ڪاوڙجي رهيو آهي
ڇو ته
مان
هن کي اڳيئي ڇوندو هوس
ته تنهنجو آدرش
ڳتر ۾
چنڊ جو سپنو آهه.

*

زندگيءَ جو
پويون پهر آهي،
رات جو به پويون پهر آهي،
درياءَ مان
چانڊوڪي ڇٽي رهي آهي
۽ مان
ويٺو لکان.
ڇا ڇا ياد اچي رهيو آهي؟
توسان
گهاريل گهڙيون

جن ڪي مون
شاعريءَ ۾ امر ڪري ڇڏيو آهي؛
شاعري جا
گرجندڙ
گُونجندڙ درياءَ وانگر
اڃا تائين
ڇولين ۾ چنڊ جو پاڇو
لوڙهيندي
تڪي وڃي رهي آهي.
نہ ڄاڻان
سمنڊ اڃان ڪيترو دور آهي!
سوچان ٿو
هي ٻيڙي
سير ۾ ٽٽي تہ نہ پوندي!
ڇا ڇا ڏيان جي
لهرن ۾ ايري رهيو آهي!
منهنجي شاعري
جا آئينو آهي،
جنهن انسان جي دل
خدا جو

آئينو هوندي آهي،
جنهن کي ڏينهن جو
سج جو هيڏو سارو پٽر
بہ ٽوڙي نہ سگهندو آهي،
۽ جنهنجا خواب
انهيءَ مستقبل جا
عڪس هوندا آهي
جو اچڻو آهي،
جنهن کي تون روڪي نہ ٿو سگهين
۽ جو اچا تائين
منهنجين اکين جي
تهہ خانن ۾
لڪو وينو آهي،
روپوش آهي
۽ تنهنجي نظر ۾
ڏوهي آهي.

*

هو منهنجو ڪفن ورهائي رهيا آهن
۽ ڪبير

پنهنجي ئي موت تي
(يا ٻئي جنم تي)
مرڪي رهيو آهي،
۽ پنهنجي آڌاٽي تي
وري
هڪ ڪفن اٽي رهيو آهي:
مون کان پوءِ
اچڻ وارا شاعر!
اهو تولاءِ آهي،
ان کي ورهائڻ نہ ڏجانءِ!

*

ڇا
سچ پچ
تنهنجي
مون سان ايتري اَکير تي وئي آهي؟
تنهنجين اکين ۾
ڪيترو نہ پيڱتي رس آهي!
ڇا تون/ميران ٻائي جو/ ٻئون جنم آهين؟

*

آءٌ تہ روهڙيءَ ۾
بيڪس جي
مزار تي هلون
۽ ڪنئيي جي
قبر بہ ڏسون
تہ اها اجا سلامت آهي
يا
ڍهي ڍير تي چڪي آهي!

*

تون
ساري عمر
ڪسيءَ جو ڪيڙو تي رَهين،
ڪسيءَ جو ڪيڙو هئين،
ڪسيءَ جو ڪيڙو تي مُئين،
ٻاڪ جو
پنگي
تو ڪي ڀهاري ويا
ڪسيءَ جي ڪني پاٽيءَ سان گڏ:
تو کي ڪهڙي خبر
تہ ڪسيءَ ڪان ڪجهہ پنڌ تي
رنگا رنگ گلن جون

ٻاريون هيون
۽ پوپٽ
انهن تي اڏري رهيا ها!

*

ڊڄُ اُنهيءَ ازلي دهشت کرد ڪان
جو پهاڙ
اڪيڙي ڦٽي ڪندو آهي،
سمنڊ ۾ اٿل آڻي
ڌرتيءَ تي
هر شيءِ
ٻوڙي ڇڏيندو آهي!

*

تنهنجي منهن مان
جوالا مکي جي منهن وانگر
چڻڀيون نڪري رهيو آهن،
ڇا هيءَ به شاعري آهي
جنهن کي
ٻڌي
روح ڦٽجي پيو آهي!

شاعري تہ ٿڌي ٿڌي
چانڊوڪي ٿيندي آهي،
شاعري تہ چانو هوندي آهي
جنهن ۾ ويهي
مسافر
ٿڪ پٽيندا آهن،
۽ سوچيندا آهن
تہ منزل
ڪيترو دور آهي!
شاعري اوناڙ نہ آهي
شاعري چنگهاڙ نہ آهي
شاعري گجگوڙ نہ آهي،
شاعري تہ
رم جهم آهي،
جنهن جون بوندڙيون
تنهن جي منهن تان
بانبڙا پائينديون ويندون آهن،
۽ ڪڻ ڪڻ ريت سان
رانديون رچائينديون آهن.
ها، ڪاٿ ڪٿو

تہ سراپا شاعري آهي
۽ هر ۽ هتوڙي واري
روح ۾
ڪيڏا نہ واسينگ ويٺا آهن،
ڦڻ ڦهلايون،
ڪيترا نہ بگهڙ
ڏند ڪرٽي رهيا آهن
۽ هاتار
آتا آهن
چيرڻ ڦاڙڻ لاءِ.
شاعري
انهن لاءِ بہ
آرهڙ جي سج ۾
ڇانو آهي
پڙ جي هو
ان ڪي سمجهي سگهن.
شاعري تہ
ملهار وانگر آهي
۽ جي ديپڪ راڳ بہ آهي
تہ اها ڏيئا ٻارڻ لاءِ آهي،

۽ نہ آگ لڳائڻ لاءِ.
تون چاهين ٿو
تہ تنهنجي شاعري
جهنگ جي باهہ وانگر وچڙي
سڀ کي
لهسي لوساڻي ڇڏي!
هي کهڙو
غصو آهي
جو تنهنجيءَ رڳ رڳ ۾
آگ وانگر وچڙي ويو آهہ
۽ ڪکر ڪارونڀار
بہ ان کي وسائي نہ ٿا سگهن،
۽ تون بارش ۾ بہ جلي رهيو آهين!
هاڻي آخري بار ٻڌي ڇڏ:
غصي سان
دنيا نہ بدلجندي
نفرت سان دنيا نہ بدلندي
نہ وري آگ ان کي بدلائيندي،
رڳو تو کي
ساڙي

رک ڪري ڇڏيندي!
مينهن جون بوندون ٿيءُ!
هن ديس کي دعا ڪر
تہ ان ۾ آلا اجهايا وجن
۽ پنهنجي ڪئي تي
آڪيون ايترو ٿمن
جو هر ڪروڙ
ڏوپجي وڃي.
۽ انسان جو من
سارين جي کيت وانگر
لهلهائڻ لڳي!

*

واڳن جو
دندان ساز ٿيو آهين
ڏسجانءِ تہ
ڪٿي چبجي نہ وڃين!

*

جهنگ - ٻلو
جهنگ ڪڪڙ کي تاڙي رهيو آهي،

۽ چنڊُ
هن ڏانهن
اڇاترو ڏيان ڏئي
وڃي رهيو آهي
پنهنجي رستي تي.

*

چا
تون خدا آهين؟
انسان جا
سارا مسئلا حل ڪري سگهندين؟
تو کان اڳ
ڪيئي پيغمبر آيا
۽ ٽڪجي پيا،
پهرين تون پنهنجي اندر جي ڪوڙهه جو
علاج تہ ڪر!
پوءِ يسوع ٿي،
۽ انهيءَ غار ڏي وڃ
جتي
ڪوڙهيا رهندا آهن.

*

تو پاڻ مان ئي حيوانيت کي
نہ ڪڍيو آهي؛
هليو آهين
انسانيت جو علمبردار ٿين!

*

پَنءُ چيڪا!
موت! تون مون کان مات کائي وئين
حال تہ داءُ هارائي،
منهن پيلو ڪري
وينو آهين!
اڳتي ڏٺو ويندو!

*

چا هيءُ
چي گئويرا جو دؤر آهي؟
جو تون عقاب ماري
ان کي
سيخ تي پچائي کائي سگهندين؟
تنهنجي وڀرين جون
عقابن جهڙيون اکيون

تو ۾
سيخن وانگر کتل آهن،
تو شڪر ڪجانءِ
جي
تون تاريخ جي پيڙَ ۾
چرڪي
ڪوئلو نہ ٿئين!

*

توکي جوش گهٽو آهي
هوش
گهٽ آهي،
منصور کي انگري
پنهنجي رت سان وضو ڪرڻو پيو هو
۽ مهدي جونپوري
ڳاڏيءَ تي
ويٺو هو،
جڏهن
گهاٽو
ٻلاول کي پيڙي رهيو هو؛

۽ سرمد
ٽيون حصو ڪلمي جو پڙهي
پنهنجيءَ انا کي
تسڪين ڏني هئي.
۽ اڏيءَ تي ڪنڌ رکي،
في البديهه
شعر پڙهيو هيائين،
جنهن ڪُن فيڪون
وانگر
هن ڪائنات کي
لرزش ۾
آڻي وڌو هو.
ڇا توکي
اها مستي پياري آهي.
يا پنهنجي
هستي پياري آهي؟
فيصلي جي گهڙي
هر هر نه ايندي آهي
چوءِ تو کي
لمحي لاءِ

حياتي ڳهرجي
يا موت
۽ ابدي زندگي
ڳهرجي؟

*

ڪتو تہ هڏي تي هوڏ ڪندو،
هن تي
کھڙي ميار آهي!
پر تون تہ
ماڻهو آهين،
پاسي تي وچ!
هو جيڏو چاهي
هڏي کي
چيچاڙي ؛
تنهنجو ڇا؟

*

اڙي! هي تہ گڏهہ نڪتو!
تو تہ

ڳچ اجايو وڃايو آهي!

*

تون مڙس لائڻيو نہ آهين
۽ گوهي
هن جي پراڻي عادت آهي.

*

هن کي
ايترا
پادر هڻ
جو
هنجو مٿو ڪسي وڃي
پر ڏسجانءِ
هو ايڏو هوڏي آهي
جو تنهنجو
پادر نہ ڪُسي وڃي!

*

ڪتي جي وات مان
ڪجهہ بہ ڪسيندين

تہ ھو تو کي
ڇھڙ ڏيندو،
پو ڇو نہ
اھا زھر جي گولي
ھجي!

*

اي خدا!
ھنن تي رحم ڪر!
ھي انسان
جي ڪتن وانگر
ھڪبئي جو
ڇَڪين ماس
چني رھيا آھن،
انھن تي
رحم ڪر!
مون تو کي
اڳ
ڪڏھن بہ تنگ نہ ڪيو آھي
۽ ڪڏھن بہ
دعا نہ گھري آھي،

اڄ توکان
پهرين
۽ پوئين دعا گهري رهيو آهيان.

*

هي ڪائنات
هڪ آئيني
وانگر آهي،
ان ۾
تون پنهنجو منهن
جيترا ڀيرا
به ڏسندين
تڪجي
نه تڪبين!

*

اِيري آءُ
نديءَ مان!
ڪنڌي وري توکي پڪاري رهي آهي!
آءُ

سَر سکي ويا آهن،
۽ هنج
اڏامي ويا آهن،
۽ سج
آسمان ۾
لهولهان ٿي ويو آهي،
۽ ندي
نئينءَ ويائل ماءُ وانگر
رت ۾
ٽٻ ٿي وئي آهي.

*

تون پٺي اکيون پوٺ،
ته مان چنڊ کي چوان
ته هو سمنڊ ۾
وهنجي!

*

تو جيترو حياءُ
ته ڪڪرن کان
چنڊ به نه ڪندو آهي،

جڏهن نياڻ ۾
وهنجندو آهي!

*

اُتي
اناهينءَ پٽ تي چڙهي
سڏ ڪر!
ڏس تہ
سَپُ چَوُنرا
ننڊ ۾ الوٽ آهن
يا ڪوئي جاڳي
سانوڻ جي اپ ۾
چنڊ ڪي ڏسي رهيو آهي؟

*

تو خدا کي
ڪڏهن ڏٺو آهي؟
آءُ
هن ڪاٺ ڪتي کي ڏس!

*

خدا
جڏهن ماڻهوءَ جي
روپ ۾
ايندو آهي،
تڏهن ڪائنات
شاهه حسين جي ڪافيءَ وانگر
لڳندي آهي.

*

”ڪڏهن ٻلا آهيان
ڪڏهن الله آهيان،“
”ميان توکي ڪنهن چيو آهي
تہ تون ٻلا آهين؟
اهو تہ
تنهنجي پيءُ جو تو تي
رکيل نالو آهي؟“

*

آءُ، مڃ تہ تون ڪنگال آهين!
تنهنجي

فلسفي جي
جهول ڦاٽي چڪي آهي،
جي تون
ان کي
ٽوپا ڏين ٻه ته ڇا، نه ڏين ٻه ته ڇا؟
ڏس ليئن ۾ مائوءَ
جا مٿيءَ جا ڪيڏاوِڙا
پٽ تي پيا آهن،
۽ ڪنهنجي
مُنڌي ٽٽي پئي آهي
۽ ڪنهن کي ٽنگون ڪو نه آهن!
۽ هاٿي تو وٽ
ڪائي وٽ
نه رهي آهي،
جنهن کي
تون پنهنجو چوين!
ڏس! سولزي نٽسن
۽ فئنگ لزي
تو کي ڪيڏيءَ
حقارت سان ڏسي رهيا آهن!

۽ جڏهن کان
جنرل شيروف
افغانستان مان موٽي آيو آهي،
تڏهن کان هن جي زبان
ديوانگيءَ جي حد تائين
وچڙي رهي آهي!
آءٌ مڃان،
تہ توکي
تاريخ جا
نئون سرباز،
پنهنجا ۽ پرايا
ٻئي نڳي ويا،
ڦري پينگ ڪري ويا.
آءٌ مڃان،
تہ تون ڪنگال آهين!

*

ڪلاڪار جي ڪلاشنڪوف
تہ هن جي ڪلا آهي،
پر ڇا دنيا

مار ڌاڙ ڪان سوا
سڌري نہ ٿي سگهي؟
ڇا اهو ضروري آهي
تہ ڪپڙا
رت سان
رڱيا وڃن؟
ڇا انسان
موت ڪانسوا
زندگي حاصل نہ ٿو ڪري سگهي؟
ڇا شِوَ جو تانڊو ناچ
ضروري آهي؟
سر سنوتي
وِچتر وينا سان
ڪهڙي نہ سهڻي ٿي لڳي؟
۽ پارت نتيَمر
دل کي ڪيڏو نہ موهي ٿو؟
جنگ!
انسان ۾ جنگ جو مرض
ڪيترو نہ پراڻو ٿي چڪو-آهي؟
ڇا اهو لاعلاج آهي؟

ڇا رام-جنم ڀومي/ بابري مسجد تي
رڳڙو ضروري آهي؟
ڇا گهڙيال
ٻارهون گهنٽو هٽي چڪو آهي؟
اي ڪاليداس کان ڪبير تائين آتمائون!
مان اوهان سان
صديون ساٿ ڏئي
ٿڪجي پيو آهيان.
هاڻي،
مون کي ننڊ اچي رهي آهي،
۽ هو ڪشميري حريت پسند
دم توڙي رهيو آهي.

*

”اٺ!
هيءَ ننڊَ جي ڦير
تو ۾ ڪٿان پئي آهي؟
تون ننڊ لاءِ نہ آهين،
ڏس، چنڊ
جُهڙ جي جهاڳ مان وڃي رهيو آهي،

اهو ساري رات
جاڳي ٿو!
ٻُڌ، سمنڊ
پنهنجو اٿاهه گيت
ڳائي رهيو آهي
۽ هن جا ساز هڪ پل لاءِ
خاموش
نہ ٿا ٿين!
آءٌ!
مٿيءَ ڪانسوا
پيو بسترو
تنهنجي آرام لاءِ
اچا وڇايو
ويو نہ آهي.
اٿي ڳاءِ!
جيئن دنيا ۾
هن وقت تائين
نہ ڪنهن انسان
نہ فرشتي ڳاتو آهي،
جا سنگيت
تو کي سپرد ڪئي وئي آهي

انوکي آهي
اصلائتي آهي
اهڙي سريلي آهي
جڻ ڪائي خوبصورت عورت
آئيني اڳيان
پنهنجا ڊگها وار
چنڊ کو ڏئي
لسائي رهي آهي،
۽ آئيني کي
پهريون پيرو
پنهنجي پاڻ تي
پيار اچي ويو آهي.

*

خيام
موت جي بستري تي
وصيت ڪئي تہ
”منهنجي سر مان صراحي ٺاهجو
۽ ان جي پيٽ جي پڙلاءَ کي
ڏيان سان ڀرجو،
منهنجون

اجا ڪيترين ئي
رباعيون
رهجي ويون آهن.“

*

متان
هي گل- لالا ڪيين!
اهو غالب
جي ڪنڌ وانگر
مستيءَ ۾
جهومي رهيو آهي
۽ مِير
ان جي هر غزل تي
نچي رهي آهي.
هي نٽي جو
موتيو
جو امير خسروءَ جي
ياد ڏياري رهيو آهي،
انهيءَ ٽاريءَ تي ئي پلو ٿو لڳي
جنهن تي
اهو تڙپيو آهي

۽ چنڊ ان کي نئين چاول
ٻار جي ڳل وانگر
تڪي ڏئي رهيو آهي.
ڳل نہ پٽيندو ڪر!
انهن جهڙو
خوبصورت ساهہ
ڪنهن کي بہ
هن ساريءَ رچنا ۾ نہ آهي،
رچنا
جا اننت ۾ ڪئي وئي آهي،
جا ماٿهوءَ جو من
منڊي تي، ۽ جنهن جي سونهن
پٽ ڪيئين ڪان وٺي
ستاري تائين
ڏڙڪي رهي آهي،
سدائين.

*

تون
جا
مون کي

وَڄ وانگر
وڪوڙي وئي آهين،
اي ڪاش!
مون سان
مينهن جي مند ۾
ملين ها!

*

تون چوين ٿو
تہ آنءُ
هيءَ ساري ڪائنات ڇڏي،
سياسي نعرا هڻان
ان سياستدان لاءِ
جنهن جو ڪنڌ
ڪِڏهن بہ
ڪجهي ٿو سگهي!

*

وڄ!
مون هي سياست

تو کي ڏني!
هيءَ ڪرسي
تولاءِ ڇڏي!
هي زر و زربخت
۽ هي سمور
توکي سرديءَ ۾ ڏنا،
۽ تنور ۾
پنهنجو تنبورو
هلائي رهيو آهيان!
تون منهنجيءَ تنهائيءَ ۾
مخل ٿو ٿين
۽ تو کي
ان تي ساڙ ٿو ٿئي،
تہ ڪيتري سرديءَ ۾
هي ڪوسو وينو آهي،
۽ گيت جي گرمي
پنهنجي لاءِ
ڪافي سمجهي ٿو!

*

تنهنجا
چَپَ
وديا پتيءَ
جو سپنو،
منهنجي
ساپيا!
مون هوا مان
گل چني
هن کي
تحفي طور ڏنا
۽ هن کي چيو
تہ هي ازل ۾
ان لاءِ ٽڙيا ها
تہ تنهنجي چوٽي لاءِ
گجرو ٿي سگهن.

*

ڏس، مان توکي سچ ٿو چوان،
موت کنهن لاءِ
ترسندو نہ آهي

هو گهوڙي تي ئي هوندو
۽ هن جا پير رڪاب ۾
ئي هوندا،
جڏهن هُو توکي ڪنپي ويندو!
تو هن رباب سان
ياري نڀائي وٺ،
تي سگهي ٿو
تہ موت توکي
ان سوڌو ڪنپي،
تي سگهي ٿو
تہ ان کي
تنهنجي آخري سنگ - ميل تي
ڦهڪائي هٽي،
۽ ٽوڙي وجهي.
موت جي
ٽوهہ ڪنهن لڌي آهي؟
جڏهن بہ ان سان
پيلهہ وجهن تڏهن سُک تي ويهجاڻ
ڪٿي،
هو توکي

ڪيرائي نہ وجهي،
زندگيءَ
جي سائي گاهہ تي
۽ تون سنئين لڳين اُٿي
پنهنجو رباب
ڳوليندو وتين!

*

”دارا!“ سرمد چيو،
”مان تنهنجي سِر لاءِ
دعا تہ گهري ٿو سگهان،
باقي
پنهنجي ڪا بہ رباعي
تنهنجي سِر تي
گهورڻ نہ ٿو چاهيان“

*

هن پاڳل شاعر
هن ننڍي ڪنڌ جي
حقيقت سمجهي آهي؟

هي ڪنهن ڪي
ڪنهن جي خلاف
ايارِي رهيو آهي؟
ياد رک
تنهنجو غصو ئي
تنهنجو سڀ کان وڏو
دشمن آهي.
دڳ بند نہ ڪر
متان پنهنجي گهرجي آڳ ۾
ايترو وچڙي وڃين
جو اتان
نڪري نہ سگهين!

*

لڪندڙ آڳر
لڪي رهي آهي
رت چڪندڙيون سِئون،
رات جي ننڊ ڪاري پتر ساڻ
ٽڪرائجي،
پورا پورا ٿي چڪي آهي؛

رستي تي
اونهي سمنڊ جي سانت آهي
۽ بسون، ٽرڪون، ٽريلر
ائين گم ٿي ويا آهن،
جيئن وڏا مڇ
وچي پاڻيءَ جو ترو وٺندا آهن
۽ مٿاڇرو
ماٺ ٿي ويندو آهي
۽ ان ۾
ننڍين گول مڇين وانگر
ستارا ٽمڪندا آهن.
اي رتو ڇاڻ جا شهر!
تنهنجا پيڙا- گهر
اڃا اٿيا نہ آهن
۽ اشڪنجا
ماٺهوءَ جا انگ
ڇيچلائي بيزار ٿي پيا آهن،
۽ جٺ ڦڪڙيءَ ڪرڻ وارن ڪيٽ
پيانڪ سپنا
ارڙ نانگن وانگر وڪوڙي ويا آهن،

۽ جي عقوبتون
سهي سهي
ڪنڌ لاڙي پيا آهن،
يسوع وانگر
پنهنجيءَ پنهنجيءَ صليب تي
ڪرڪي ڪِنجهي رهيا آهن
۽ چئي رهيا آهن:
”يا خدا! تو مون کي ڇو وساريو آهي“
۽ پوءِ بي سُرت تي
اڻ ڇِت تي
ڏنڊ جي درياهه ۾
ٻڏي وڃن ٿا،
۽ انهن جا چوڪيدار
ڇاپي ڪان بي پروا،
پرائيءَ پيڙا ۾ مگن،
ڪيپ جي
ڪتمنڙيءَ ننڊ ۾
الوٽ آهن،
ٻاهر گهٽيون ۽-گهر
بابل ۽ نينوا

جي اوسيئڙي ۾ آهن،
۽ ائين ٻرٻر ڪري رهيا آهن
ڄڻ جهنم جهلڪي رهيو آهي،
۽ منهنجون آڱريون
جي لهسجي چڪيون آهن،
ماس جا ڳپل ڇڄي
رت سان
اڇا تائين
چڪي رهيون آهن.
۽ ساندهه لڪي رهيون آهن.
۽ منهنجي اکين اڳيان
آئش مٽن جو لاش
رسيءَ ۾ لڙڪي رهيو آهي.

*

هي دهشت گرد آهي
(جنهن جي گرد ۾ به دهشت آهي)
ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾
ڄايو آهي
۽ هن کي معلوم نه آهي

تہ گوئبلز، گوئرنگ ۽ هملر،
خود هٽلر
۽ ان جا ٻيا حواري،
تن جو انت ڪهڙو ٿيو هو!
وقت
جو ازلي دهشت گردُ آهي
هن جي لڄائيءَ ۽ چترائيءَ ڪيءُ
اچنبي ساڻ
ڏسي رهيو آهي
۽ سوچي رهيو آهي
تہ ترقي پسندي هڪ ڪوڙو نعرو آهي.
جيڪڏهن ويهين صديءَ جي آخر ۾ هيتري تخريب ڪاري
ٿي سگهندي آهي!
اها ٻي ڳالهہ آهي
تہ ان کان بي خبر
ڊاڪٽر سليم الزمان صديقي
پنهنجو تجربو
ساڳي ريت ڪري رهيو آهي
۽ اردوءَ
جا للو پنجو شاعر
ائين مشاعرا

ڪري رهيا آهن،
جڻ تہ هنن کي خبر نہ آهي
تہ هنن جو بي سُرو ترنم
پرواري عقوبت گھر ۾
دهشت گرد
ٿي – ويءَ تي ٻڌي رهيا آهن،
۽ پنهنجن ئي هم وطن جي
مٿن ۾
ڪوڪا ڦافين وانگر ڪوڙي
ٺهڪ ڏئي رهيا آهن.

*

اي شاعر!
تاريخ سان
گهٽو نہ وچڙ!
ائين نہ ٿئي
تہ تاريخ
اوچتو
بدلجي وڃي
۽ تنهنجي شاعري

مايا ڪوفسڪيءَ وانگر
بي معنيٰ
رهجي ويجي.

*

دل چوي ٿي
تہ سجاد ظهير تي
هڪ وڏو نوحو لکان،
جنهن کي
تاريخ
مست هاٿيءَ وانگر
پيرن هيٺان
چيٿاڙي ڇڏيو آهي.

*

ميران بائيءَ
جي هڪ گيت
جي سٽ آهي:
”راڻو آڇي وشِ دا پيالا“
ان ۾ سنڌي، سرائڪيءَ هندي

لفظ آھن،
۽ اھا سٺ راجستانيءَ
۾ آھي.
جي تو کي خدا،
ڪوئي عقل ڏنو آھي،
تہ تون ئي ٻڌاءِ
تہ ان مان،
آنءُ ڇا سمجھان؟

*

جي فرانس جھڙيءَ مھذب قوم ۾
پنھنجي سڀ کان عظيم شاعر
بودليئر
جي ڪتاب تي
اٽڪل اسي سال بندش رکي
۽ تازو ھٽائي،
تہ ٻي ڪنھن قوم تي
ڪھڙي ميار آھي!
پنھنجا سرتا
جي شاعر کي

پوريءَ طرح سمجهي سگهن،
تہ هن جي شاعريءَ جي ابديت کي
تون شڪ سان
ڏسي سگهين ٿو،
ڇو تہ عظيم شاعر
پنهنجي وقت کان
گهٽ ۾ گهٽ
پنجاهہ سال
اڳ ۾ پيدا ٿيندا آهن.

*

جيون جي چوپڙ ۾
موت کي مات نہ ڏي،
موت اُن تي ڪاوڙبو آهي.
تون ڊِوُنگ ڪر
تہ انت جيت موت جي آهي،
تہ هو بي الڪو ٿي
ڙاند تي ايڏو ڌيان نہ ڏيندو
۽ تو کي
وقت ملي ويندو

۽ تون ڳائي سگهندين!
موت کي مات ڪنهن نہ ڏني آهي،
اي راڳي
فقط تون ئي ڏئي سگهين ٿو!
فقط تون ئي ڏئي سگهين ٿو!!

*

پتائيءَ سان پٽ تي گهٽا فقير ساڻ هئا؟ ايترا تہ مون سان بہ آهن.

*

”وڳندا! ڪو چرچو ٻڌاءِ“ پتائيءَ چيو.
”سائين، موت کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو چرچو ٿي سگهي ٿو؟“ وڳند جواب ڏنو“ ۽ اهو تون ڳيئي چاڙهين ٿو.........“

*

”وڳندا! سچ انهيءَ لاءِ لهي ٿو تہ چنڊ اڀري اچي ۽ چنڊ ان لاءِ لهي ٿو تہ سج اڀري اچي“. پتائيءَ چيو.“ پر سج کي جهڙالا ڏينهن ۽ چنڊ کي ڪاريون راتيون بہ ڏسڻيون پونديون آهن.“

*

”تمر! تو کي کهڙي خبر آهي تہ مون توتي تمر نالو ڇو رکيو آهي؟“ ڀِٽائيءَ چيو: ”تمر انهيءَ گاهہ کي چوندا آهن جو سمنڊ جي ڪناري تي ايرندو آهي. تنهنجي ويجهو بہ هڪ سمنڊ آهي.“

*

”تمر! تو اهڙو ڪوئي سچ ڏٺو آهي، جو نہ لٿو آهي“ ڀِٽائيءَ چيو: ”جي نہ ڏٺو اٿئي تہ مون کي ڏس!“

*

چون ٿا
تہ ڪويل جڏهن ڪوڪندي آهي .
تڏهن سانوڻ روئندو آهي،
۽ پنهنجا اجهل ڳوڙها
روڪي نہ سگهندو آهي.
چون ٿا
تہ ڪويل جي ڪوڪ ۾
سمايل آهن آهي بادل
جي ڏرتيءَ ڏانهن ڏسي
هنجون هاريندا آهن.

*

# ”ڪُتبو“

”هتي* اهو ستل آهي
جنهن وٽ
هزارين گيت ها
جي هو لکي نه سگهيو.
اي آسمان!
هن کي ڏسي
تو کي ساڙ ٿيندو هو
ته، هي ڪير ٿيندو آهي
منهنجن بادلن کان
وڌيڪ گيت رکڻ وارو!
هي ڪير ٿيندو آهي
جنهن کي
منهنجن ستارن کان به
گهڻا ساز آهن،
جي اڄ تائين وڄندا ٿا رهن،
نه ڄاڻان
ڪيستائين وڄندا رهندا!“

*

نيوفيلڊس طرفان شيخ اياز جا نوان ايندڙ ڪتاب



## سورج مُکي سانجهه

(بيت، وايون، غزل ۽ نظمن تي مشتمل 400 صفحن جو ڪتاب ۽ 50 صفحا مهاڳ)

## خودڪُشيءَ جو تجزياتي مطالعو

(تاريخي، معاشرتي ۽ نفسياتي تجزيو)

## چوليون ڀوليون سمنڊ جون

(چار سوء صفحا نهايت جديد آزاد نظم، جي پندرنهن ڏينهن ۾ لکيا ويا ۽
جن ۾ ترنم ۽ رواني نظم کان به وڌيڪ آهي)

## ڪتين ڪر موڙيا جڏهن (ڀاڱو III)

(غزل، گيت ۽ دوها ۽ دنيا جي اُنهن عظيم شخصيتن تي نوٽ جن جو ذڪر
ڀهرين ۽ ٻني حصي ۾ آيل آهي)

## انڊيا جو سفرنامو

## روس جو سفرنامو

## خط، انٽرويو ۽ تقريرون (ڀاڱو III)

## سنڌ جو جديد ادب

(جديد شاعرن تي سنڌي ادب جو تفصيل سان مقدمو)

**ان ڪان سواءِ**

**شيخ اياز** ۽ هن جي شاعريءَ تي لکيل مضمونن جو مجموعو



شيخ اياز
سُرَ لوهيڙا ڳَنيا
نيو فيلڊس (170)

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڦُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اُهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بِين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي تي تہ هو وَس پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڀِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ڪتابن کي ساڙڻ، پاڙڻ يا انهن تي پابنديون مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)